Discussion Paper-III

سنڌ ڪيس سيريز – 4

# سنڌ – پنجاب
# پاڻي تڪرار

1859–2003ع



Gul Hayat Institute

رسول بخش پليجو

CPCS
Creativity | Credibility | Commitment

# سنڌ- پنجاب

# پاڻي تڪرار

## 1859-2003ع

Gul Hayat Institute

رسول بخش پليجو

سنڌيڪار: علي آڪاش

# سنڌ_پنجاب پاڻي تڪرار

1859 – 2003ع

رسول بخش پليجو

---

سنڌيڪار: علي آڪاش

Gul Hayat Institute

سينٽر فار پيس اينڊ سول سوسائٽي
127 سنڌي مسلم ها ئوسنگ سوسائٽي، قاسم آباد، حيدرآباد
Ph: +92-22-2652401, Fax: +92-22-2652401
E-Mail: info@cpcs.org.pk
www.cpcs.org.pk

سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

**28**

ڪتاب جو نالو: سنڌ – پنجاب پاڻي تڪرار
موضوع: سنڌ ڪيس
سنڌيڪار: علي آڪاش
ڪمپوزنگ ۽ ٽائيٽل ڊزائننگ: سليمان سميجو
سال: آگسٽ 2010ع
ڇپائيندڙ: سي پي سي ايس
ڪُل صفحا: 112
مُلھ: ڏيڍ سئو روپيا

**ڪتابن ملڻ جا هنڌ**

ٿامس اينڊ ٿامس بُڪ هائوس، ڪراچي- ڪانياواڙ بُڪ هائوس ڪراچي- سنڌيڪا ڪتاب گهر، حيدرآباد- پٺائي ڪتاب گهر، حيدرآباد- گلشن پبليڪيشن، حيدرآباد- فڪشن هائوس، حيدرآباد- سجاڳي ڪتاب گهر، ايگريڪلچر ڪامپليڪس، حيدرآباد - رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو - گل ڪتاب گهر، شڪارپور - جنيد ڪتاب گهر، دادو - سنڌيڪا ڪتاب گهر، سکر، مارئي ڪتاب گهر، سکر - مهراڻ ڪتاب گهر، ميرپورخاص - هلال ڪتاب گهر، ميرپورخاص، سنڌ بُڪ ڪلب، نوابشاهه.

Gul Hayat Institute

All Rights Reserved
Book Title: Sindh-Punjab Water Dispute
Subject: Sindh Case Series-4
Translated by: Ali Akash
Year: August 2010
Published by: CPCS

سي پي سي ايس پاران ڇپائي پڌرو ڪيو ويو.

[سنڌو واديءَ جي پاڻين ۾ سنڌ واري حصي جِي، ڏيڍ صدي ڊگهي غيرقانوني،
مجرماڻي ۽ سازشي ڦُرلٽ، سنڌ تي مڙهيل ڳنڀير پاڻي ڪوٽ، سندس زراعت تي
آڌاريل معيشت جي تباهي ۽ سنڌي قوم جو ڌنو واڻئو قتل عام.]

عظيم عالمي سپيتائن مان گهٽيون دنيا جي عظيم درياهن جون سوڪڙيون ئي رهيون آهن. عالمي اتهاس ۾ مختلف وقتن تي، درياهن جي پاڻين تان تڪرار واقع ٿيندا پئي رهيا آهن. زبردست ترقي ۽ درياهي پاڻين جي گاڏڙ حصن وارن حقن بابت عالمي قانون جي ٿوري گهڻي اثرائتي تعميل جي ٿورن جي طفيل، دنيا جي هاٺوڪن درياهي پاڻيءَ وارن تڪرارن مان گهڻا، مخلصاڻي نموني نبيريا ويا آهن. درياهي پاڻيءَ جي قانون جو سڀ کان نمايان اُصول، جيڪو انهيءَ مسئلي تي قومن وچ ۾ واقع ٿيندڙ توڙي بين الاقوامي مقدمي بازيءَ جي صدين منجهان ڦُٽي نڪتو آهي، اهو هيءُ آهي تہ ڪنهن درياهہ جي مهڙ تي موجود ڌر [قانوني طرح آبپاشيءَ تي مُهڙ واري آبادي (Upper Riparian) طور ڄاتل] کي اهڙو ڪوبہ حق حاصل نہ آهي، تہ اها ڪنهن گڏيل نديءَ منجهان پاڻي ڪٽي وٺي يا ان جو وهڪرو (پنهنجيءَ مرضيءَ پٽاندر) موڙي ڇڏي۔ جيڪڏهن اهڙو عملُ پوڇڙ تي موجود ڌر [قانوني طرح آبپاشيءَ تي پوڇڙ واري آباديءَ (Lower Riparian)] لاءِ نقصان يا گهاٽ جو ڪارڻ بڻجي ٿو.

پروفيسر ايڇ. اي. سمٿ جو مشهور ڪم / پورهيو "عالمي درياهن جا معاشي واهپا" (جيڪو 1785ع کان رياستن وچ ۾ معاهدن جو جائزو پيش ڪري ٿو.) اهو ٻڌائي ٿو تہ اهڙا سڀ معاهدا، انهيءَ اُصول تي هلندا آهن تہ اهي ڪمَ، جن تي هڪ رياست جي علائقي ۾ عملدرآمد ڪيو ويو آهي، انهن لاءِ ٻي (رياست) جي رضامنديءَ جي گهرج هوندي آهي، خاص طرح، ان صورت ۾ جڏهن اهي پوئين (رياست) جي مفادن تي گهائيندڙ نموني اثر وجهن ٿا.

گڏيل هندستان ۾ گڏيل درياهي پاڻين جي منصفاڻي واهپي جي قانونَ، وقت هلندي، ثابتقدميءَ سان ترقي ڪئي. سنڌو درياهہ پنهنجين پنجن ئي پَرتُو ندين ۽ اِنهيءَ درياهي نظام تي آڌاريل زراعت وسيلي، اُگوٺن اُترين۔ اُلهندن علائقن، جيڪي هينئر پاڪستانُ جوڙين ٿا، جي معيشت جو پرجهلو رهي چڪو آهي. سنڌوءَ جون تي پَرتُو نديون۔ راوي، ستلج ۽ بياس، پارت منجهان پاڪستان ۾ گهِڙن ٿيون ۽ ٻيون ٻہ (پرتو نديون)، جهلم ۽ چناب، جمون ۽ ڪشمير جي رياست مان، سنڌوءَ سان گڏوگڏ، پاڪستان ۾ وهي اچن ٿيون. اهي مٿيان۔ انهن مٿين پنجن ئي پرتو ندين جا۔ پاڻي، سنڌوءَ جي پاڻيءَ ۾، پنجند (جي ماڳ) وٽ اچي شامل ٿين ٿا، سنڌ صوبي کي سيراب ڪن ٿا

Gul Hayat Institute

۽ ڏاڪڻي پاڪستان- سنڌ ۾، ڪيٽي بندر وٽان ۽ ان جي اوسي پاسي کان عربي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪن ٿا.

تنهنڪري، ورهاڱي کان اڳ واري دؤر-يعني اٽورهايل پنجاب ۾، اڻاتل زمانن کان، سنڌو درياهي نظام جي ڇهن درياهن جي پاڻين جون ﮬ مُک آبپاشيءَ تي آباديون (Riparians) – گاڏڙ حصيدار ۽ فائدو ماڻيندڙ – هيون. اڻويهين صديءَ جي پوئين اڌ ۾، اٽورهايل پنجاب صوبي جي اختيارين، سنڌ صوبي جي حقن ۽ مفادن اُبتڙ هن نظام مان پاڻِي، رخ موڙي ڪڻڻ شروع ڪيو ۽ اهڙي عملَ لڳ ڀڳ ڏيڍ صديءَ تائين جاري رهندڙ سنڌ-پنجاب پاڻي تڪرار کي جنم ڏنو.

برطانوي انجنيئرن جي رهنمائيءَ هيٺ گذريل سؤ ورهين دوران، درياهن تي بئراجن جي اڏاوت ۽ ڪئنالن جي جار وسيلي، آبپاشي (پنجاب ۾) وڏي پئماني تي پکيڙي ويئي هئي. اُسرندڙ ڪالونيون قائم ڪيون ويون. ڦُٽي، ڪڻڪ، چانور ۽ ڪمند (جي فصلن) کي وسعت ڏني وئي، نوان شهر وجود وٺي نمودار ٿيا. ميون جا باغ ۽ سهڻي نموني سنياليلَ پوکَ- ڀهراڙين کي ڀهڪايو. دنيا جي بئي هر ڪنهن درياهي نظام کان وڌيڪ سنڌوءَ جي ندين مان (زرعي) زمين آباد ڪئي وئي آهي.

ورهاڱي کان اڳ، اوپر پنجاب ۾ رڳو هڪ ڊئم رٿيو ويو هو- اهو هو ستلج نديءَ تي ڀاڪڙا ڊئم. ان جي منظوريءَ کان اڳ، هينئين وهڪري تي موجود سنڌ صوبي اعتراض ڪيو ﺗ ڀاڪڙا ڊئم جو فعال هئڻ، سندس پوڏ وارن ڪئنالن جي فعاليت تي خراب نموني اثر وجهندو." ("ديِامرجنس آف پاڪستان"، چوڌري محمد علي، صفحو: 317). انهيءَ تڪرار برطانوي هندستان جي سرڪار کي مداخلت تي اُڪسايو. اهو مسئلو البت، اڄ ڏينهن تائين، هيٺ بحث ڪيل سببن جي ڪري، جيئن جو تيئن جاري آهي.

برطانيا جي هندستاني حڪومت 1901ع ۾ هندستان آبپاشي ڪميشن ( India Irrigation Commission) جوڙي. انهيءَ پنجاب کي حڪم ڪيو ﺗ سنڌو درياهي نظام جي پاڻين جي تعلق ۾ ڪابه رٿا، جنهن کي اهو (پنجاب) عمل ۾ آڻڻ جي خواهش ڪري ﺗ ان بابت سنڌ کان اجازت حاصل ڪري.

1919ع ۾ سنڌ-پنجاب پاڻي تڪرار نبيرڻ لاءِ هندستاني حڪومت جي مقرر ڪيل ڪاٽن ڪميشن فيصلو ڏنو ﺗ پنجاب کي سنڌو درياهي نظام مان اوستائين ڪوبه پاڻي ﻧ ڏيڻ کپي، جيستائين ڪٿ ڪيل سکر بئراج جا نتيجا پڌرا نٿا ٿي پون. هندستان حڪومت ائڪٽ 1919ع اهو اُصول لاڳو ڪيو ﺗ سنڌ-پنجاب پاڻي تڪرار، وائسراءِ هندستان کان گهٽ ڪنهن ﺑ اختياريءَ وسيلي نبيرڻ ﻧ کپي.

گورنمينٽ آف انڊيا ائڪٽ 1935ع، شق 130 ۽ شق 131 (6)، بين شين سميت اهو اُصول قائم ڪيو ﺗ ڪنهن ﺑ صوبي کي، ڪنهن پاڻيءَ جي وسيلي جهڙوڪ بين الصوبائي درياهه جي

Gul Hayat Institute

سلسلي ۾ عمل جي آزادي ڏيئي نٿي سگهجي. آبپاشيءَ تي آباديءَ جي حق ۽ (اٽورهايل) پنجاب جي اهڙين دعوائن تہ آبپاشيءَ تي مُهڙ واري آبادي-صوبو پاڻ وٽان وهندڙ درياهن مان ايترو گهڻو پاڻي ڪٽي سگهي ٿو جيتري ڪيس گهرج آهي، ڪي جاچيندي، رائو ڪميشن، جنهن جي سربراهي ڪلڪتي هاءِ ڪورٽ جي سر بي. ڊبليو. رائو جيڪو پوءِ انصاف جي عالمي عدالت جو جج بڻيو پئي ڪئي، انهيءَ "دي رپورٽ آف انڊس ڪميشن" (پيرا: 49، صفحو: 33) ۾ (متين دعوي تي) راءِ ڏني تہ: "پنهنجي منطقي نتيجي ۾، ان جو مطلب اهو ٿيئي ٿو تہ هڪ صوبو جنهن ۾ ڪنهن عظيم درياهہ تي مُک واهہ موجود آهن، اهو ڪيتري بہ مقدار ۾ پاڻي ڪٽي سگهي ٿو ۽ پوڇڙ تي واقع صوبن يا رياستن کي صحرا بڻائي سگهي ٿو. اسان اڳيئي نشاندهي ڪئي آهي تہ اهڙو نقطي نظر عالمي قانون جي عمومي روش جي اُبتڙ آهي، ۽ بهرحال، جيستائين هندستان جو تعلق آهي تہ اهو (نقطي نظر) گورنمينٽ آف انڊيا ائڪٽ 1935ع جي شق: 130 ۽ ان کان پوءِ وارين شقن جي واضح مقصد سان ٽڪراءَ ۾ ايندو. رائو ڪميشن پاران درياهي پاڻين جي "منصفاڻي ورچ جي اُصول" تي تبصرو ڪندي، اڳوڻي پاڪستاني وزيراعظم چوڌري محمد علي، پنهنجي ڪتاب "دي اِمرجنس آف پاڪستان" جي صفحن 117-118 تي، چوي ٿو:

"رائو ڪميشن "منصفاڻي ورچ" کي ڌرين جي واسطيدار حقن لاءِ محڪم اُصول طور مقرر ڪيو: اهو اُصول، جيڪو عالمي سطح تي، اهڙين رياستن، جيڪي گڏيل درياهي وادي/ علائقو رکن ٿيون، جي حقن کي قاعدن هيٺ هلائڻ طور مڃيل آهي، اهو انهيءَ ضابطي کي شامل ڪري ٿو تہ آبپاشيءَ تي مُهڙ واري آبادي ڪوبہ اهڙو عمل نٿي ڪري سگهي، جيڪو آبپاشيءَ تي پوڇڙ واري آباديءَ جي موجود آبپاشيءَ ۾ ڪا مداخلت ڪندو."

سنڌ، آبپاشيءَ تي پوڇڙ واري آبادي ۽ پنجاب، آبپاشيءَ تي مُهڙ واري آباديءَ وچ ۾ سنڌوءَ ۽ ان جي مُک پَرتُو ندين- جهلم، چناب، راوي، بياس ۽ ستلج جي پاڻين جي ورهاست تان هلندڙ ڏيڍ صدي پراڻو تڪرار شايد تازي تاريخ جو اڻ تبديل ٿيل حالت ۾ جاري رهندڙ وڏي ۾ وڏو تڪرار آهي. ان تڪرار نبل ۽ آبپاشيءَ تي پوڇڙ واري آبادي سنڌ لاءِ خطرناڪ پاڻي کوٽ ۽ معاشي ۽ سماجي تباهيءَ جي چنبي/ پَڪڙ ۾ اچڻ جو نتيجو ڏنو آهي. سنڌ جي ڪيترن ئي ماڻهن جي ادراڪ پٽاندر، ويجهي آئيندي ۾ سنڌي قوم جي عملي ۽ معروضي تباهيءَ جو حقيقي خطرو (اٽڪر) آهي، جيڪڏهن هترادو مڙهيل پاڻي کوٽ جون حالتون لڳاتار قائم رکيون وڃن ٿيون ۽/يا جيڪڏهن وڏيڪ ڊئم جهڙوڪ: گريٽر ٿل ڪئنال يا ڪالاباغ ڊئم، سنڌ ڏانهن پاڻيءَ جي فراهميءَ جو هاڻوڪو بنهہ ٿورڙو مقدار بہ ڪٽي وجن ٿا، چاڪاڻ تہ پاڻيءَ جو اهو هر هڪ ڦڙو جيڪو سنڌو درياهي نظام جي پاڻيءَ واري هيناهين پاسي ڏانهن وهندڙ وهڪري مان ڪنيو ويو آهي- ڪنهن بہ بهاني هيٺ (مثال طور سمنڊ ۾ چوڙ ڪندڙ پاڻيءَ جي زيان کان بچاءُ) تہ اهو سنڌ جي اڳيئي وڏي پيماني تي تاراج ٿيل پاڻيءَ

Gul Hayat Institute

جي فراهميءَ کي گهٽائيندو ۽ سنڌ ۾ سخت پاڻي ڪوٽ جي صورتحال کي شديد ڪندو ۽ سنڌس معاشي ۽ سماجي تباهيءَ جي رفتار کي تيز ڪندو.

عوامي مسئلن ۽ پريشانين بابت گهر ڪري ويل لاتعلقي اسان جي عام ماڻهن تي ڇانيل رهي ٿي. اهي، رڳو جياپي لاءِ روزاني ذاتي جدوجهد جي ڪري ذهني طرح ايترا پريشان آهن ۽ مٿن ايترو گهڻو (معاشي) بار آهي، جو اهي ڪنهن بہ ٻي شيءِ کي خاطر ۾ نٿا آڻين. ڪين صحيح نموني اهڙي ڄاڻ ماڻڻ جا ڪي بہ ذريعا موجود ناهن تہ انساني سماج ۾، هڪ ماڻهوءَ جا، ايتري تائين جو ذاتي ۽ ڪٽنبي مفاد، وڏيڪ وڏي، گروهي، لساني، قومي، علائقائي ۽ عالمي مفادن کان، ڌار نہ ٿي سگهندڙ نموني، باهمي طرح ڳنڍيل ۽ هڪٻئي مٿان دارومدار رکندڙ آهن. اسان منجهان تمام ٿورڙا اها ڳالهہ ڄاڻن ٿا تہ اسان جي گهڻ- تهي سماجي ۽ ٻين مفادن جي گوناگونيت ۽ تضادن هوندي، آخري تجزيي ۾، اسان جي نسلي گروهن، قوميتن ۽ صوبن وارن ماڻهن جا سڀ کان وڏيڪ بنيادي، وسيع ترين ۽ سڀ کان وڏا مفاد، وسيع ترين عمومي خيال کان، الڳ الڳ ۽ ٽڪراءَ ۾ هئڻ کان وڏيڪ هڪجهڙا ۽ هم آهنگ آهن. اسان کي حقيقي طرح سمجهڻو آهي تہ اهڙيون شيون، جيڪي اسان کي ورهائين ٿيون، اسان جي گڏيل خوشحال زندگيءَ ۽ ترقيءَ لاءِ ايتريون اهم نہ آهن، جهڙيون اهي شيون جيڪي اسان کي ڳنڍين ٿيون يا گهٽ ۾ گهٽ جن کي اسان کي ڳنڍڻ گهرجي. نتيجي طور، پنجاب ۾ اهڙا ماڻهو ڪي گهڻا نہ هوندا، جيڪي اها حقيقت ڄاڻندا هجن تہ سنڌي عوام کي هِن (پاڻيءَ واري) مسئلي ۾ جيڪي بہ اهنج آهن، اهي حڪمران طبقن کان آهن- رڳو پنجاب جي ئي نہ پر سنڌي جي (حڪمران طبقن) کان بہ ۽ اهي (سنڌي ماڻهو) پنهنجن پائرن- پنجاب جي عام ماڻهن خلاف نہ آهن، جن جي اڪثريت، اهي (سنڌي ماڻهو) يقين رکن ٿا تہ سنڌين ۽ پاڪستانين توڙي ٽين دنيا جي ٻين عوامن وانگي، گهٽ يا وڌ، هڪ بدحال (۽ اذيتن ڀري) زندگي گذاري رهي آهي.

تنهنڪري، انهن (حقيقت کان اڻواقف ماڻهن) لاءِ اهو سمجهڻ سهنجو نہ هوندو تہ ڪهڙيءَ ريت اها شيءِ سنڌي قوم لاءِ قطعي طرح ناممڪن آهي تہ اها برادراڻي جس ۽ عزت کان سواءِ ٻيو ڪوبہ احساس رکي- انهن ماڻهن لاءِ، جن اسان جي ملڪ ۽ ننڍي کنڊ کي هڙيون يگانيون، عظيم، من موهيندڙ شخصيتون ڏنيون آهن، جيئن، ڪجهہ نالا پيش ڪجن ٿا: سيد علي هجويري (داتا گنج بخش)، بابا فريد، گرو نانڪ، شاهہ حسين، وارث شاهہ، علامہ اقبال، فيض احمد فيض- ۽ ها نوابزاده نصرالله خان، جن جا اسان جي گڏيل ثقافت لاءِ عظيم ڪارناما، اسان سڀني لاءِ، وڏي ۽ جائز فخر جي ڳالهہ آهن.

ملڪ جي اڻڄاڻ (۽ ويڳاڻي) عام خلق کي ڄاڻ هجي تہ حالتن (جي جبر) هيٺ، خطري ۾ آيلَ انساني نسلَ، [جنهن جو نالو "سنڌي عوام" آهي، خاص طرح ان جي زراعت تي دارومدار رکندڙ

Gul Hayat Institute

ڀهراڙين واري آبادي، جيڪا پوريءَ طرح هاڻي سُڪي ويل سنڌوءَ جي پاڻيءَ تي آڌاري ٿي] جي هاٿوڪي جوکي ۾ آيل صورتحال، اهڙين گهٽين اپاءُين پر اٽتر شين منجهان رڳي هڪڙي شيءِ آهي، جيڪي جڏهن ڪڏهن، اسان جي هن دُکي دنيا ۾ ماڻهن تي واقع ٿينديون ئي رهن ٿيون.

ٻنهي گهٽي پڙهيل لکيل ۽ اخبارون پڙهندڙ عوامي حلقن جي مامري ۾ به صورتحال ڪا نالي ماتر ئي چڱي آهي. مستقل مفادن جي ٻنهي گهٽي ثابت قدم شاطراڻي غلط چاڙ جي مهم جي ڪري، تاريخي سنڌ- پنجاب پاڻي تڪرار جي منصفاڻي نبيري جو مسئلو [جنهن جي حل لاءِ برطانيا جي هندستاني سرڪار تي وڏيءَ حد تائين سگهاريون اختياريون مقرر ڪيون: ڪاٽن ڪميشن 1919ع ۾، اينڊرسن ڪميٽي 1935ع ۾ ۽ رائو ڪميشن 1941ع ۾، ۽ جنهن پاڪستان جي قيام کان پوءِ مقرر ڪيل گهٽ ۾ گهٽ چئن ڪميٽين ۽ ڪميشنن جي (حل لاءِ) ڪوشش کي ناڪام بڻايو آهي (اختر حسين ڪميٽي 1968ع، فضل اڪبر ڪميشن 1970ع، انوارالحق ڪميشن 1981ع ۽ حليم ڪميشن 1983ع ۾) اُهو رڳو 1991ع جي نام نهاد پاڻي "ناهه". جيڪو لوٽي وڏي وزير، اسٽيبلشمينٽ جي گُڏي جام صادق وسيلي نقلي کي اصلي ڄاڻائي مڙهيو ويو جي هٽ ٺوڪين ۽ اوچين تشريحن جي سوالن تائين محدود ڪيو پيو وڃي، جيڪو پنهنجي اصليت ۾، سنڌ- پنجاب پاڻي تڪرار- 1859ع – 2003ع جي سڀ کان بنيادي اصلوڪي مامرن جو تدارڪ نٿو ڪري.

اهو (تڪرار/ مامرو) 1859ع کان شروع ٿيو جڏهن سنڌوءِ ان جي پرتو ندين جي اٽورهايل پنجاب- سنڌ لاءِ آبپاشيءَ تي مُهڙ واري آبادي- جي اختيارين، اوچتوئي، درياهي پاڻين جي عالمي ۽ ننڍي ڪنڊ جي قانون هيٺ گهربل اجازت کان سواءِ سنڌوءَ جي پرتو ندين جي پاڻين کي موڙڻ شروع ڪيو جڏهن ته آبپاشيءَ تي پوڇڙ واري آبادي سنڌ اڻڄاتل زمانن کان انهن سينين ندين جي پاڻين مان حصو ڪٽندي پئي آئي هئي. انهيءَ ئي سال (1859ع ۾) هنن مرڪزي باري دوآب ڪئنال، راوي نديءَ تي اڏيو جنهن هاڃيڪار نموني سنڌ جي پاڻي فراهميءَ کي متاثر ڪيو. اهو معاملو رڳو پهرين ڏک ثابت ٿيو ڏيڍ صدي ڏکي سفاڪاڻي پاڻي- ويڙهه ۾، جيڪا پنجاب صوبي جون اختياريون، پنهنجي مفلس ۽ نستي پاڙيسري سنڌ خلاف وڙهي رهيون آهن.

شاطراڻن توڙي مڪاراڻن ۽ گُجهه گوهه وارن سهسين طريقن سان، جيئن به ٿي سگهي، سنڌو درياهي نظام جي گڏيل پاڻين ۾ سنڌ جي حصي تي ڌاڙي هڻڻ ۽ ان جي لُٽمار ڪرڻ لاءِ هيءَ هڪ ڪارروائي آهي. اها اڄ ڏينهن تائين، ڪنهن رڪاوٽ کان سواءِ جاري آهي. تازو ڏک گريٽر ٿل ڪئنال رٿا جي تيزيءَ سان هلندڙ اڏاوت آهي. فوجي جمهوريت جي راڄ هيٺ، ان جي ڪوتائيءَ وارو ڪم ڏينهن رات جاري آهي. (۽) سنڌ کي اها رٿا اهڙي نموني پيش ڪئي پئي وڃي، جو ڄڻ ته ان کان سواءِ ٻيو ڪو به چارو رهيو نه هجي.



Gul Hayat Institute

مرڪزي باري دوآب ڪان پوءِ آبپاشيءَ تي مهڙ واري آبادي 1805ع کان 1901ع وچ ۾ تي وڏيڪ ڪئنالَ سڏنائي (راويءَ تي)، لوئر چناب ۽ لوئر جهلم ڪئنال، آبپاشيءَ تي پوچڙ واري آبادي سنڌ جي اجازت کان سواءِ اڏيا. ساڳئي طريقيڪار سان، پهاڙپور ڪئنال 1908ع، اَپر سوات ڪئنال 1914ع ۾ آڏيا. 1915ع ۾، گڏيل درياهي پاڻين جي عالمي ۽ ننڍي کنڊ جي قانون جي موجود هوندي به، اهي (پنجاب وارا) پاڻيءَ تي ڏاڙي ۽ ان ۾ هٿ چراند جي نئين سطح تي وڃي بيٺا. انهن ڪيترن ئي ڪئنالن جي رٿائن وسيلي، وڏي پئماني تي، پاڻيءَ (جي وهڪري) جو رخ موڙڻ شروع ڪيو. انهن (رٿائن) مان پهرين، گڏيل پاڻين کي، ٽن ڪئنالن- جهلم ڪئنال، اپر چناب ڪئنال ۽ لوئر باري دوآب ڪئنال وسيلي، موڙڻ لاءِ تہ- مُنهِي رٿا هئي. سندن (پنجاب جي سگهارين سامراجي، انسان دشمن ۽ ڪُپت تي ٻڌل حڪمت عملين ۽ (انساني) خلوص کان خالي پاليسين هوندي بہ هندستان ۾ برطانوي بينڪي حڪومت وٽ ڪي ٿوريون، اٽڙ انتظامي وڏايون ۽ اخلاقي پابنديون هيون، جن تي، اهي مجموعي طرح پين حڪمت عملياتي حرفتي سوچن، جن نج پچ نموني حرفتي ۽ موقعي پرستاڻن هلت جي عملن / طريقن ڏانهن اشارو پئي ڪيو هوندي بہ ڄميا بيٺا رهيا.

انهن، قطعي طرح، اعليٰ حڪمرانيءَ جي انهيءَ عظيم اهڃاڻ کي ڪڏهن بہ نہ ڇڏيو جيڪو ڪين يوناني- رومي سيپيتا. کان ورثي ۾ مليو- يعني حڪمراني قانون جِي، ۽ نہ ماٺهن جِي. پنجاب جو حڪمران طبقو برطانيا جو امرتسر جي 1807ع واري سمجهوتي کان وٺي، اتحادي هو. اهو طبقو سندن مسلمان پسگردائيءَ وارن علائقن ۽ افغانستان کي زير ڪرڻ واري ويڙهہ ۾ پاڳي پائيوار هو ۽ پوءِ اهو برطانوي بادشاهت جو سڀ کان وڏيڪ وفادار (زرهہ بند) سپاهي بڻجي پيو جنهن پنهنجي بادشاهت سان وڏي سطح جي وفاداري، 1857ع ۾ پهرين هندستاني آزاديءَ واري جنگ ۾، ڪيس (بادشاهت کي) هڪ وڏي پئماني جي مدد ڏيڻ وسيلي ثابت ڪئي، جنهن جي صلي ۾ پين مراعتن کان سواءِ ڪيس برطانوي شهنشاهيت ايشيا جي تڏهوڪي سڀ کان وڏي آبپاشي نظام (يعني) پنجاب ۾ سنڌو درياهي آبپاشي نظام سان شاهي نموني نوازيو.

"پنجاب لاءِ......... (برطانوي) سامراجين ۽ بادشاهت جي معمارن، قُدرت جي بنهہ انوکي رٿا وضع ڪئي. پنجاب، بنگال وانگي، پاڻيءَ جي وسيلن ۾ قدرتي طرح زرخيز ۽ امير نہ هو......

"بنگال جي اُبتڙ [جتي مسلمانن جي وڏين زميني ملڪيتن کي ٽوڙيو ويو ۽ انهن کي ننڍن آبادگارن ڏانهن منتقل ڪيو ويو]پنجاب ۾، سامراجين پنهنجيءَ سرپرستيءَ جي بخشش، واهن تي آباد ڪئي ويندڙ وڏن (زمين جي) ٽڪرن ۽ اهڙيءَ ريت پارهوئي زرخيز زمين جي صورت ۾، انهيءَ زميندار مسلمان اشرافيا جي نئين نسل تي ڪئي، جنهن کي انهن پنهنجيءَ سهولت لاءِ (ڪرشماتي نموني) پيدا ڪيو هو. هاڻي ڏيڊ صديءَ پڄاڻا، اسين، پاڪستان ۾ انهيءَ سامراجي باقيات سان

Gul Hayat Institute

جنگ جوتي رهيا آهيون ۽ ان جي ڳري قيمت، قومي بي ترتيبي ۽ سياسي تباهيءَ جي صورت ۾، انهيءَ 19هين صديءَ جي ”سهولت“ خاطر ادا ڪري رهيا آهيون.“

”آزاديءَ واري جنگ (1957ع) جا گهاءَ اڃا تازا هئا، جنهن ڪري اهي (برطانوي حڪمران) پنجابي ڪرائيدار فوجي نوجوانن، جن کي ننڍي، وچولي طبقي وسيلي ڀرتي ڪيو ويو هو جي مدد سان ڇيپاڻ ۾ سوڀارا رهيا هئا. تنهنڪري انهن ننڍي وچولي طبقي جي ماڻهن تي، دل کولي، پنهنجن احسانن جا مينهن وسايا، جڏهن ته واهن جي مهربانيءَ سان اڻ ڇهي زرعي زمين پوک لائق بڻجي پئي. اهڙيءَ ريت ننڍو وچولو طبقو راتورات نوابن ۾ تبديل ٿي ويو. فطري طرح، اهي پنهنجن آقائن جا ٿورائتا هئا، ۽ سواءِ ڪنهن دير جي، سنڌن غاصباڻي غارتگريءَ جي سرمائيداراڻي شطرنج جا مهرا بڻجي پيا.“ (دي پنجاب انڊر امپيريلزم: 1885ع کان 1947ع ليکڪ عمران علي، تبصرو: ڪرامت الله ڪي. غوري، ڊان، 2 نومبر 2003ع رِوييوز/ تبصرا، صفحو:10)

سنڌ، تڏهن بمبئي پريزيڊنسيءَ جو ماتيلو ٻار هئي، جتان (بمبئي) جي ترقي ڪيل ۽ خوشحال هندو اڪثريت، سنڌ، جتي پوئتي پيل ٻهراڙيءَ جي مسلمان اڪثريت رهي پئي، جهڙي ڏورانهين زمين جي ٽڪري جي اهنجن تي هرو ڀرو ٻاڻ ڪي پريشانيءَ ۾ مبتلا ڪرڻ لاءِ تيار نه هئي.

پنجاب جي فائدي ۾ پنهنجي واضح سامراجي تعصب کان پوءِ به، برطانيا، سنڌ سان ٽينڊڙ سنگين ناانصافيءَ جو هڪ تماشائيءَ، اڃا به هڪ جارحيت پسند، سگهاري ڌر جي هڪ اڻ اعلانيل ڀائيوار وانگي ايئن نظارو نه ڪيو، جهڙي نموني هاڻوڪيون پاڪستان جون نام نهاد وفاقي حڪومتي اختياريون ڪنديون پئي آيون آهن ۽ ڪري رهيون آهن.

تاريخي سنڌ ـ پنجاب پاڻي تڪرار جي مسئلي ۾ برطانوي هندستان جي مرڪزي حڪومت، انصاف ڪرڻ ۽ ان کي يقيني بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي ته دنيا ڏسي ته هندستان جي مرڪزي حڪومت، حقيقي معنيٰ ۾ هڪ مرڪزي، اڻ ڌري ۽ منصفاڻي مرڪزي حڪومت آهي ۽ ڪنهن ڍپ ڊاءُ ۽ پاسخاطريءَ کان سواءِ، عام خلق لاءِ بنيادي اهميت وارن مسئلن ۾ شهنشاهيت جي ننڍين وڏين رياستن وچ ۾ انصاف روا رکيو پيو وڃي. ساڳئي وقت، (اٽورهايل) پنجاب جون اختياريون واندبون نه ويٺيون. 1919ع ۾ هنن، هڪ ئي ڌڪ ۾، ستلج نديءَ تي پارهن ڪئنالن ۽ چئن بئراجن (Headworks) جي تعمير لاءِ ستلج وادي رٿا (Sutlaj Valley Project) شروع ڪئي. (انهيءَ خلاف هڪ شڪايت هندستان جي مرڪزي حڪومت وٽ درج ڪرائي ويئي، جنهن ساڳئي سال، محترم ڪاٽن جي سربراهيءَ ۾ هڪ ڪميٽي جوڙي، (اٽورهايل) پنجاب جي حڪومت موقف اختيار ڪيو ته اهي پنهنجي صوبي وٽان گذرندڙ درياهن جي پاڻين کي، اوتري حد تائين، استعمال ۾ آڻڻ جو حق رکن ٿا، جيتري ڪين گهرج آهي.

Gul Hayat Institute

”ڪاٽن ڪميشن...... ساڳيي سال رپورٽ پيش ڪئي ته (اٽورهايل) پنجاب کي سنڌوءَ مان ان وقت تائين پاڻي نه ڏنو وڃي، جيستائين تجويز ڪيل سکر بئراج جي اڏاوت جا اثر/ نتيجا (پوريءَ طرح) چِٽا نه ٿيا آهن.“

سيپٽمبر 1919ع ۾ پنجاب جي حڪومت، سنڌ جي سکر بئراج جي پيٽ ۾ ٿل (ڪئنال) رٿا پيش ڪئي. وائسراءِ لارڊ چيمسفورڊ (Chelmsford) ٿل رٿا رد ڪري ڇڏي.

هندستان حڪومت پاران هندستان جي سيڪريٽري آف اسٽيٽ ڏانهن موڪليل ٽپال نمبر: 3_ پبلڪ ورڪس، تاريخ 2 جون 1927ع پٽاندر (صفحو: 1) اپريل 1923ع ۾ هندستان جي سيڪريٽري آف اسٽيٽ سکر بئراج رٿا جي منظوري ڏني هئي. (ڏسو: ”انڊس واٽر ايلوڪيشن“، ليکڪ جِي. ڪي. سومرو صفحو: 1) انهيءَ (منظوريءَ) جي هڪ مهيني اندر پنجاب حڪومت ان خلاف احتجاج ڪيو. جنهن کي هنن سنڌ کي ترجيح ڏيڻ طور ڏٺو/ سمجهيو پئي ۽ پهريون پيرو سکر بئراج لاءِ اختيار ڪيل محصولن (Duties) جو سوال اُٿاريو. بمبئي سرڪار سگهاري نموني، پنجاب حڪومت جي اهڙي رويي/ روش تي اعتراض واريو ۽ (ماهري جي چٽائيءَ طور) دليل ڏنو ته پنجاب، پنهنجي سڄو سال جاري رهندڙ آبپاشي رٿائن لاءِ، سنڌو سرشتي مان پنهنجي حصي کان وڌيڪ پاڻي پيو کڻي، جڏهن ته سنڌ، جيڪا هن وقت بمبئي پريزيڊنسيءَ جو حصو آهي، ڪا هڪ به رٿا شروع نه ڪئي آهي. هنن ٿل رٿا خلاف پڻ شڪايت ڪئي ۽ انهيءَ کي سنڌ لاءِ بنهه وڏو خطرو قرار ڏنو.

21 آگسٽ 1923ع تي بنهي صوبن سان هڪ سرڪاري خط وسيلي مخاطب ٿيندي هندستاني حڪومت بنهي احتجاجن کي، پوريءَ طرح، ويچار هيٺ آندو. اها نشاندهي ڪئي ويئي ته سکر بئراج ۽ (ان مان نڪرندڙ) ڪئنالن جي رٿا، انهيءَ علائقي جي فائدي لاءِ وضع ڪئي وئي آهي، جيڪو انهيءَ پاڻيءَ (جي مقدار) لاءِ حقدار آهي، جيڪو انهيءَ کي فراهم ڪرڻ لاءِ تجويز ڪيو ويو آهي، ۽ پڻ چيو ويو ته انهيءَ لاءِ پاڻيءَ جي فراهميءَ کي، چِٽي نموني، يقيني بڻايو وڃي. اهو پڻ بيان ڪيو ويو ته سنڌ ۾ پوندڙ مينهن جي گهٽ مقدار ۽ مخصوص حالتن کي خيال ۾ رکندي، احتياط سان ڪيل غور ويچار کان پوءِ سکر (بئراج) رٿا لاءِ اختيار ڪيل محصول (Duties) معقول ڄاڻندي، تسليم ڪيا ويا آهن. هندستاني حڪومت چيو ته اسين هِن موضوع کي ٻيهر کولڻ لاءِ تيار نه آهيون. (صفحو: 2)

اٽورهايل پنجاب جي حڪومت سنڌوءَ جي پاڻين تي مڙيئي ڪنهن نه ڪنهن قسم جي دعويٰ قائم ڪرڻ لاءِ، نومبر 1924ع ۾ ٿل رٿا وارو سوالُ هن پيري 750 ڪيوسڪ پاڻي کڻندڙ هڪ ننڍي تجرباتي ڪئنال جي اڏاوت ڪرڻ جي تجويز وسيلي، ٻيهر کنيو. اجا هندستاني حڪومت، بمبئي سرڪار سان، انهيءَ درخواست جي سلسلي ۾ خيالن جي ڏي وٺ پئي ڪئي، ته ان کي

سيپٽمبر 1925ع ۾ پنجاب حڪومت ڪان هڪ اطلاع/ نياپو پهتو تہ اسان تجرباتي ڪئنال جي تجويز مان هٿ ڪڍڻ جو فيصلو ڪيو آهي ۽ وڏي ٿل رٿا کي جاري رکڻ جا خواهشمند آهيون. ايندڙ مهيني ۾ هندستاني حڪومت، جنهن ربيع ۾ سنڌوءَ مان 3085 ڪيوسڪ پاڻي ڪٽي، 880,000 ايڪڙ زمين آباد ڪرڻ تي ويچاريو هو ان کي پنجاب ڪان ٿل ڪئنال ليسر (Lesser) رٿا موصول ٿي. فيبروري 1926ع ۾ لارڊ ريڊنگ جي حڪومت، برابريءَ جي بنياد تي، بمبئي حڪومت جي اختيار ڪيل موقف جي حمايت ڪرڻ لاءِ پاڻ کي لاچار پانيو ۽ پنهنجي حتمي فيصلي جو هيٺينءَ ريت اعلان ڪيو:

(الف) تہ جيستائين سکر بئراج رٿا فعال نہ ٿي ٿئي ۽ جيستائين سنڌ ۾ سڄو سال جاري رهندڙ آبپاشيءَ جو تجربو عملي طور نہ ڪيو ويو آهي، تيستائين انهيءَ رٿا لاءِ گهربل پاڻيءَ جي مقدار وارو سوالُ پيهر نٿو کولي سگهجي.

(ب) تہ جيئن تہ اها ڳالهہ سامهون آئي آهي تہ اُهي (سنڌ وارا) (پاڻيءَ جي) انهن ڪٽتن، جيڪي پنجاب ۾ ستلج ويلي ڪئنالن جي فراهميءَ لاءِ ضروري هونديون، جي اٽڃاتل اثر جو امڪان رکن ٿا، تنهن ڪري بمبئي سرڪار کي، تيستائين سنڌو درياهہ ۽ ان جي ڀَرتُو ندين مان (پاڻيءَ جي) وڌيڪ ڪٽتن تي اعتراض وارڻ جو حق حاصل هوندو جيستائين اهو واضح ثبوت نٿو پيش ڪجي تہ انهيءَ سان سکر بئراج لاءِ لازمي (پاڻيءَ جي) فراهمين کي ڪوبہ خطرو هوندو.

(ت) تہ اهڙو ثبوتُ، (سنڌو) درياهہ ۽ ان جي ڀَرتُو ندين. جيڪي 10 ڊسمبر 1929ع جي سر ٿامس وارڊ جي نوٽ جي نتيجي ۾ (نظام تي) متعارف ڪرايون ويون هيون، جي (پاڻيءَ جي) بنهہ درست پئمائش جي نتيجي تي لازمي طرح بنياد رکندڙ هجي.

متين (صورتحال) هوندي بہ پنجاب حڪومت، سنڌ (جي پاڻيءَ) جي حصي خلاف احتجاج ڪرڻُ جاري رکيو. هندستاني حڪومت پوءِ اهو معاملو سيڪريٽري آف اسٽيٽ جي حوالي ڪيو ۽ ڪائنس هدايتن جي درخواست ڪئي. سيڪريٽري آف اسٽيٽ جواب ۾ چيو تہ آئون هندستاني حڪومت جي نتيجن سان اتفاق ڪريان ٿو ۽ بي ڪابہ شيءِ نہ، پر تجربو (ئي) بنهہ ٺيڪ نموني ٻڌائيندو تہ انهن محصولن (Duties) لاءِ ڪيترو ملهہ ونڻ گهرجي، ۽ ان حقيقت کي ڄاڻندي تہ سکر (بئراج مان نڪرندڙ) ڪئنال اڃا تائين آبپاشي ڪرڻ لاءِ شروع نہ ڪيا ويا آهن، محصولن تي نظرثانيءَ لاءِ ڪوبہ سبب نہ هئڻ ڪيپي، ۽ اها ڳالهہ پنهنجي پاڻ ۾ غيرواجبي ۽ بمبئي سرڪار لاءِ غيرمنصفاڻي هوندي تہ اها هن وقت محصولن جي سوال کي پيهر کولي. ۽ اهو بہ تہ پنجاب حڪومت کي، باقاعدي آگاهي هئڻ کپي تہ مون کي افسوس آهي جو پوري غور ويچار کان پوءِ آئون سندس درخواست منظور ڪرڻ کان قاصر آهيان. (صفحو: 2_3)

Gul Hayat Institute

سنڌ ۽ پنجاب وچ ۾ پاڻي تڪرار هاڻي، اهڙين حدن تائين پهچي چڪو هو جو هندستاني حڪومت محترم ايندريسن. يو-پي جي چيف انجنيئر، جي سربراهيءَ هيٺ ٽن ميمبرن تي ٻڌل ڪميٽي جوڙڻ تي مجبور ٿي هئي- چٽي ۽ روشن رهنمائي ڏيڻ لاءِ ته (آبپاشيءَ تي مُهڙين آبادي-پنجاب صوبي پاران) ڪن به اهڙين تازين (پاڻيءَ جي) ڪٽڻ جي سفارش نه ڪئي ويندي، جيڪا يا آبپاشيءَ تي آباديءَ لاءِ هاڃيڪار ثابت ٿئي يا سنڌوءَ جي پاڻيءَ تي موجود ڪنهن آبپاشيءَ تي آباديءَ جي، نه رڳو هاڃوڪن، پر، آئيندي جي حقن تي پڻ خراب نموني اثرانداز ٿيندي هجي.

"ايندرسن ڪميٽيءَ جي حوالاتي شرطن (Terms of References) مان هڪ هو:

"سنڌو ۽ ان جي پرڻُو ندين جي پاڻين ۾ دلچسپي رکندڙ ڌرين لاءِ هاڃيڪار هئڻ کان سواءِ ۽ انهن ڌرين جي (پاڻيءَ جي) تازين ڪٽڻ، جن جي منظوريءَ جي سفارش ڪميٽي ڪري، جي هاڃوڪن ۽ آئيندي جي حقن تي اثرانداز ٿيڻ کان سواءِ، ڪن اهڙين (پاڻيءَ جي) فراهمين کي دريافت ڪرڻ، جنهن جو امڪان موجود آهي."

ساڳئي وقت، (اڻورهايل) پنجاب جي اختيارين [جيڪي جيترو به ٿي سگهي، سنڌو درياهي نظام مان وڌ ۾ وڌ پاڻي ڪڍڻ لاءِ لڳي ٿو رٿائن ۽ پراجيڪٽن جا وڏا ڪارخانا ناهيو ويٺيون آهن، سندن مستقل والار يا، اجا به، دائمي جنون جيڪو اج ڏينهن تائين هلندو پيو اچي ۽ اڳتي به اوستائين جاري رهڻ جو عزم رکن ٿيون، جيستائين، آبپاشيءَ تي پوکڙ واري آباديءَ ڌانهن هينئن وهڪري لاءِ (پاڻيءَ واري) نظام ۾ ڪواڪيلو ڪيوسڪ پاڻي به باقي آهي] هڪ ٻيو وڏو منصوبو-پاڪڙا ڊيم منصوبو پيش ڪيو.

جڏهن پنجاب اختيارين اهڙيءَ ريت وڏيڪ وڏي مقدار ۾ ڪٽڻ ۽ ذخيرن لاءِ رٿابندي جاري رکي ته سنڌ سرڪار، 1939ع ۾ هندستان حڪومت وٽ، 1935ع جي گورنمينٽ آف انڊيا ائڪٽ جي بندوبست هيٺ، سنڌ ۾ ڪئنالن تي پنجاب جي رٿائن جي خدشي ڪيل اثرن/ نتيجن جي حوالي کان، هڪ شڪايت درج ڪرائڻ تي مجبور ٿي هئي. اهڙي شڪايت پنهنجي حتمي شڪل ۾، 7 جون 1941ع ۾ هندستان جي گورنر جنرل وٽ جمع ڪرائي وئي هئي. گورنر جنرل 11 سيپٽمبر 1941ع تي، شڪايت جي جاچ پڙتال لاءِ هڪ ڪميشن مقرر ڪئي. انهيءَ ڪميشن جا ٽي ميمبر هئا، جنهن جو چيئرمين ڪلڪتي هاءِ ڪورٽ جو هڪ جج، جسٽس بي. ايم. رائو مقرر ٿيو جنهن جي نالي پٺيان پوءِ اها ڪميشن ڄاتي سڃاتي وئي آهي.

ڪميشن انهيءَ نتيجي تي پهتي ته شڪايت ۾ ڄاڻايل پنجاب جي رٿائن لاءِ ضروري (پاڻيءَ جون) ڪٽڻون، جيڪڏهن اڳيئي فعال ۽ مڪمل ٿيڻ ويجهي بيٺ رٿائن جي گهرجن مٿان مڙهيون ويون آهن، ته اُهي سنڌ جي ٻوڏ وارن ڪئنالن کي، خاص طرح سيپٽمبر مهيني ۾، گهٽي پاڳي، حقيقي گهاٽي جو سبب بڻجيون آهن.

Gul Hayat Institute

ڪميشن سفارش ڪئي ته اهڙي گهاءَ جي تدارڪ جو اڪيلو اطمينان بخش رستو لڳ ڀڳ 16 ڪروڙ رپين جي لاڳت سان ٻن نون بئراجن جي اڏاوت هو: هڪ سنڌ جي سِري واري حصي ۾ ۽ ٻيو سنڌ جي لاڙ واري حصي ۾. ڪميشن وڌيڪ اهو دريافت ڪيو ته سنڌ، قرض کڻڻ کان سواءِ انهن ٻن رٿائن لاءِ سرمايي لڳائڻ جي قابل نه ٿيندي. توڻي جو اهو فرض ڪجي ته پنجاب ٻن ڪروڙ رپين جي مدد ڪندو. جيڪا ڪميشن سمجهيو ته سنڌ جي آبپاشيءَ کي امڪاني طرح پونڌڙ نقصان، جيڪو اها (پنجاب سرڪار) ڪرڻ پئي ويئي، جي ازالي طور هن (پنجاب) لاءِ نامناسب نه هوندو. (صفحو: 6)

ڪميشن پنجاب کي هدايت ڪئي ته آڪٽوبر 1945ع تائين پنهنجي ڪنهن به تجويز ڪيل رٿا تحت ڪوبه قدم نه کڻي، ۽ ساڳئي وقت، انهيءَ ٻنهين سنڌ ۽ پنجاب حڪومتن کي ڪنهن معاهدي تي اچڻ جي هدايت ڪئي. ساڳئي وقت سنڌ ۽ پنجاب وچ ۾ پاڻيءَ جي ورڇ جي سلسلي ۾ ”معاملي کي جيئن جو تيئن واري حالت ۾ رکڻ“ (Status Quo) جو حڪم پڻ جاري ڪيو ويو هو. هندستاني حڪومت جي هدايتن/ حڪمن تي، سنڌ ۽ پنجاب جي چيف انجنيئرن، سرڪلائوڊ اينگلز جيڪو مرڪزي آبپاشي ۽ هائڊرو ڊنلاڪ (Dinlock) رسرچ، پونا، بمبئي پريزيڊنسيءَ جو ڊائريڪٽر هو جي رهنمائيءَ ۽ نگرانيءَ ۾ ڳالهيون شروع ڪيون.

نيٺ 28 سيپٽمبر 1945ع تي، سنڌ ـ پنجاب ڊرافٽ معاهدي کي حتمي شڪل ڏني ويئي هئي، جيڪو ٻنهي صوبن جي چيف انجنيئرن صحيح ڪيو هو. انهيءَ معاهدي پٽاندر، غازي گهاٽ وٽ سنڌوءَ مان پنجاب کي (ڊگهو) هڪڙو (ئي) (پاڻيءَ جو) حصو کٽڻو هو ۽ سنڌ کي (پاڻيءَ جا) ٻه ڀاڱا کٽڻا هئا. انهيءَ معاهدي جي فقري: 8 (اهو اُصول) لاڳو ڪيو ته آئيندي پنجاب، سنڌ حڪومت جي منظوريءَ/ رضامنديءَ کان سواءِ سنڌو درياهه يا ان جي ڀَرتُو ندين مان ڪنهن تي به ڪو ڊئم اڏي/ ٺاهي نه سگهندو.

سنڌ ـ پنجاب معاهدو ترجيحون طئه ڪري ٿو ۽ ڪئنالن، جيڪي 1945ع ۾ موجود هئا ۽ پڻ انهن سيني لاءِ، جيڪي رٿيا ويا هئا يا ڳڻتيا ويا هئا، لاءِ مُڪي سنڌو ۽ پنجاب جي پنجن ندين جي سيني پاڻين جي ورڇ لاءِ بنيادي ڍانچو مهيا ڪري ٿو. اهو معاهدو ان وقت (پاڻيءَ جي) فراهمين جي ورڇ لاءِ پيراڻتا لائحه عملَ (Schedules) فراهم ڪري ٿو جڏهن درياهه ۾ پاڻيءَ جي دستيابي طئه ڪيل حصن کان گهٽ هجي. اهو معاهدو آئيندي جي سيني رٿائن ۽ وقت ۾ موجود ۽ ڳڻتيل منصوبن جي گهُرجن کان مٿي، درياهن ۾ سيني واڌو (پاڻيءَ جي) فراهمين جي ورڇ لاءِ پڻ بنيادي ڍانچو مهيا ڪري ٿو.

انهيءَ معاهدي جي نتيجي ۾ پنجاب، ”هز مئجيسٽيِ اِن ڪائونسل“ کي معاملي تي فيصلي جي عمل (Reference) جي ملتوي ڪرڻ جي درخواست ڪئي ته جيئن مالياتي معاهدي جي طئه ٿيڻ جي

Gul Hayat Institute

لائق ٿي سگھجي. واضح نموني، پنجاب، پاڻيءَ جي شقن بابت معاهدي جي پنهنجي قبوليت، گورنر جنرل سان ظاهر ڪئي. انهيءَ جي موٽ ۾ (ڏسو: سيڪريٽريءَ جي گورنر جنرل سان لک پڙهہ پبلڪس (Public's) ڊي او نمبر: 41/204- جِي. جِي. – (اي)، آڪٽوبر 1945ع) وائسراءِ درخواست ڪيل التوا کان انڪار ڪيو ڇاڪاڻ تہ اِها ٻنهي صوبن ۾ اڏاوتي ڪم ۾ رڪاوٽ وجهي ها ۽ مشورو ڏنو تہ مالياتي معاملي تي ٺاهڪڙيءَ لاءِ بندوبست خاطر هڪ شق (معاهدي ۾) داخل ڪئي وڃي. پنجاب پوريءَ طرح انهيءَ نقطي نظر سان اتفاق ڪيو. [ڏسو... سيڪريٽريءَ جي گورنر جنرل سان لکپڙهہ ڊي او نمبر: 1001، تاريخ، 7 ڊسمبر 1945ع.]

پنجاب جي اڳوڻي چيف انجنيئر ۽ آبپاشي سيڪريٽري محترم پير محمد ابراهيم 1948ع ۾ لکيل پنهنجي ڪتاب "اولهہ پاڪستان جي پاڻيءَ جا حق" (Water Rights of West Pakistan) ۾ صفحي: 66 تي لکيو: "سنڌ ۽ گڏيل پنجاب وچ ۾ ٻرافت معاهدو جنهن جي شقن تي وڏي ڏيان سان ڪيل غور ويچار کان پوءِ اهو معاهدو طئہ ٿيو هو. سنڌ ۽ پنجاب وچ ۾ سنڌوءَ جي پاڻين جي سڀ کان شفاف ممڪن ورڇ (جو بندوبست) فراهم ڪري ٿو......"

گڏيل پنجاب، باقاعدي معاهدي جي تصديق ڪئي. سندس رڳو اعتراض، معاهدي هيٺ، هن پاران سنڌ کي ڏنل ادائگي جوڳي رقم بابت هئا. انهيءَ موضوع تي سنڌ حڪومت ڏانهن تاريخ 13 آڪٽوبر 1945ع تي لکيل سندس خط وڏيءَ حد تائين چٽائي ڪري ٿو تہ پنجاب حڪومت، معاهدي هيٺ ٻنهي صوبن وچ ۾ پاڻيءَ جي ورڇ جي شرط سان، ڪنهن بہ اعتراض کان سواءِ، پوريءَ طرح اتفاق ڪيو هو.

اهو خط، ٻين شين سميت، بيان ڪري ٿو:

وٽان:

اِي ايل پروٿيرو (Protheroe) اسڪوائر آءِ ايس.اِي

سيڪريٽري پنجاب حڪومت

پبلڪ ورڪس کاتو آبپاشي شاخ.

Gul Hayat Institute

ڏانهن:

سيڪريٽري سنڌ حڪومت.

ماليات کاتو ڪراچي

نمبر: 013، سي اين. تاريخ: 13 آڪٽوبر 1945ع، لاهور.

سائين!

مون کي متئين (معاملي) جي سلسلي ۾ اوهان جي خط نمبر 1442 – ڊبليو. ائنڊ ايس، تاريخ 2 آڪٽوبر 1945ع جي وصوليءَ جي توثيق ڪرڻ ۽ ان چوڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي ته ان (خط) جي اندراجن پنجاب حڪومت جو محتاط ڌيان ماڻيو آهي.

(2) مون کي تصديق ڪرڻي آهي ته عارضي معاهدو جيڪو ٻنهي صوبن جي انجنيئر نمائندن، ڪراچيءَ ۾ پنهنجن هاٺوڪن بحثن ۾ طئه ڪيو (اهو) پنجاب حڪومت لاءِ قبولڻ جوڳو آهي، پر شرط هيءَ آهي ته اهو مالياتي مسئلي جو اطمينان بخش حل پاڻ سان گڏ رکندڙ هجي......"

انهيءَ معاهدي جِي، متن توڙي مفهوم ٻنهي جي لحاظ کان، ون يونٽ جي تُنڌ تائين پوئواري ڪئي وئي آهي. اها ڳالهه انهيءَ حقيقت مان ڏسي سگهجي ٿي ته انهيءَ عرصي دوران پاڻيءَ جي فراهمين جي سچي حقيقي ورڇ، انهيءَ معاهدي جي بنياد تي ڪئي وئي هئي.

"جڏهن پنجاب حڪومت، وڏي گنجائش رکندڙ بي. ايس لنڪ (ڪئنال) اڏڻ لاءِ اڳيرائي ڪئي ته انهيءَ (معاملي) سنڌ حڪومت کي احتجاج تي اُڪسايو ۽ پنجاب حڪومت کي، سنڌ پنجاب معاهدي ۾ اجازت ڏنل گنجائش (جي حدن) اندر لنڪ (ڪئنال) جي حجم (Size) کي محدود ڪرڻو پيو هو. ساڳئي نموني، سنڌ حڪومت، غلام محمد (هاٽي ڪوٽڙي) ۽ گدو بئراجن اڏڻ، جيئن معاهدي ۾ تصور ڪيل آهي، جي اڳيرائي، پنجاب پاران ڪنهن به احتجاج کان سواءِ، ڪئي. جڏهن مرحوم محترم گڏدَر، مرڪزي قانونساز اداري جي ميمبر ۽ جيڪو پاڻ هڪ لائق انجنيئر پڻ هو مرڪزي قانونساز اداري جي ايوان اندر پنجاب جي ڪيترن ئي لنڪ ڪئنالن جي تجويزن خلاف احتجاج ڪيو ته پاڪستاني حڪومت، سنڌ حڪومت کي هاڪاري خاطري ڏني ته سنڌ حڪومت جي مڪمل صلاح مشوري کان سواءِ، سنڌ-پنجاب معاهدي (جي دائري) کان ٻاهر ڪن به آبپاشي ڪمن جي اڏاوت جي اجازت نه ڏني ويندي. (ڏسو: گورنمينٽ آف پاڪستان ڊي. جي. خط نمبر: پي- 19 (67)/ 53، تاريخ 26 مارچ، جِي. ڪي. سومري جو ڏنل حوالو "انڊس واٽر اِلوڪيشن"، ڪيس جي تاريخ، صفحو: 144)"

ميسرس (Messers) هنٽنگ ٽيڪنيڪل سروسز لميٽيڊ، اولهه پاڪستان واپڊا جي رهنمائيءَ هيٺ "لوئر انڊس رپورٽ" تيار ڪئي، انهيءَ پنهنجي 1966ع واري رپورٽ ۾ سنڌ- پنجاب ٺاهه جي بنياد تي معاملا نبيريا. انهيءَ "لوئر انڊس رپورٽ"، ڀاڱو-1، باب: 3.5 جي صفحي: 47 تي ڪمپنيءَ بيان ڪيو آهي:

"..... آزاديءَ کان ڪئين ورهيه اڳي، سنڌ حڪومت کي اها ڳڻتي هوندي هئي، ته متان، پنجاب ۾ ٻنهه جڄهي مقدار ۾ پاڻيءَ (جو رخ) موڙيو وڃي ۽ ائين ٿيندي ٿيندي، سنڌ پنهنجي حقي واجبي (پاڻيءَ جي) حصي کان محروم ٿي نه وڃي.

Gul Hayat Institute

”جڏهن (1945ع ۾) سنڌو ۽ پنجاب جي پنجن ندين جي پاڻين جي ورڇ بابت سنڌ-پنجاب ٺاهه صحيح ڪيو ويو هو ”ان ڪان اڳ تائين اهو واقع نه ٿيو هو ته ڪو منصفاڻو حل ڳوليو ويو هجي، جيتوڻيڪ اهڙو (پاڻي) ٺاهه ٺاهيندڙ حڪومتون ماضيءَ جو حصو بڻجي چڪيون، تڏهن به اهو ٺاهه اڃا تائين فعال آهي.

”ننڍي کنڊ جي جاتل اتهاس ۾، اهو ٺاهه پنهنجي نوع ۾، اهو پهريون (واقعو) هو جنهن ۾ باهمي ٺاهه وسيلي، حساس آبپاشيءَ تي آبادين جا مسئلا حل ڪيا ويا آهن ۽ ڊگهي عرصي تائين انهيءَ باهمي ٺاهه تي عمل ڪيو ويو آهي. ”1945ع وارو سنڌ-پنجاب ٺاهه، اهڙيءَ ريت، زبردست اهميت وارو اوزار آهي ۽ ان کي ايئن (اُڃاترائيءَ سان) رد نٿو ڪري سگهجي، جيئن پنجاب (جي اختيارين) (انهيءَ معاملي جي وڪالت پئي ڪئي آهي. ڪنهن شڪ کان سواءِ انهن سيني ورهين دوران، سنڌ-پنجاب ٺاهه جي بنياد تي، پاڻين جي ورڇ وسيلي، پنجاب رڳو ٺاهه ۾ مقرر ڪيل حصن تائين، پنهنجن حقن کي قائم رکيو آهي.“ (جِي. ڪي. سومرو ساڳيو ڪتاب، صفحو: 53)

حياتيءَ جا عملَ ڪنهن مطلق خلا ۾ اڳتي وڌي نٿا سگهن. سنڌ- پنجاب پاڻي تڪرار کان سواءِ، هندستان ۾ بيا به گهڻا هڪٻئي سان ڳنڍيلَ، هڪٻئي تي پاڙيندڙَ ۽ هڪٻئي ۾ دخلُ ڏيندڙ سماجي- سياسي عمل هئا، جيڪي اِن سڄي عرصي ۾، بلڪل به غيرمتحرڪ نه هئا. شديد نموني مذهبي ۽ مذهب جي نئين اُڀار جي حامي، برطانوي شهنشاهيت جي خيرخواهه ۽ حمايتي ۽ آزاديءَ جي عظيم جوڌي مهاتما گانڌيءَ ڪانگريس کي، نرم سَرُ، اعتدال پسند، آزاد خيال ۽ سيڪيولر پارسي گروهه کان، گهڻو وقت اڳي، قبضي ۾ ورتو هو. 1916ع ۾ لکنؤ پئڪٽ وسيلي هندستاني قومي ٻڌيءَ لاءِ ڪوشش کي ڏنل شدت، هڪ گذريل زماني جي ڳالهه بڻجي پئي هئي. هندستاني ٻڌيءَ لاءِ ڪلڪتي ۾ (منعقد ٿيل) 1938ع واري ڪُل جماعتي ڪانفرنس بري نموني ناڪام ٿي هئي. مسلم ليگ جي 1930ع واري الهه آباد ۾ ٿيل اجلاس ۾، علامه اقبال پنهنجي صدارتي خطبي ۾ مسلمان اڪثريت وارن صوبن/ علائقن: پنجاب، سرحد، سنڌ ۽ بلوچستان جي انتظامي ڳانڍاپي لاءِ گهر ڪئي، پر اهڙي تجويز کي سرحد، سنڌ ۽ بلوچستان جي مسلمانن وٽان سرد/ مايوس ڪندڙ موٽ ملي.

انهيءَ (موٽ) لاءِ مستند تاريخي سبب ۽ ميدان موجود هئا. سڄي هندستان جا مسلمان، خاص طرح پنجاب جا پاڙيسري، مسلمان اڪثريت وارا علائقا- سرحد، بلوچستان ۽ سنڌ، سِک ۽ برطانوي راڄن هيٺ پنجاب جي مسلمان اشرافيا جي جارحاڻي ساڃيداريءَ واري ڪردار، جنهن جو اهي مشاهدو ڪري چڪا هئا، مان خوش نه هئا. (خاص طرح) سنڌ جي معاملي ۾، اهو نه وساري سگهبو ته سِک راڄ دوران، پنجاب جي اشرافيا، سنڌ کي لڳاتار هراسان رکيو ۽ ان کي پنهنجي هٿ

Gul Hayat Institute

هيٺ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي رهي. برطانوي طاقت جي پيٺ ۾ ان جي چِتي ڏِني ڪمزوريءَ ڪان پوءِ بہ اهو پنجاب جي حڪمرانن جو لڳاتار ۽ جابراڻو دٻاءُ ئي هو جنهن سنڌ کي، قطعي طرح، برطانوي سازشي منصوبن اڳيان بيوس بڻائي ڇڏيو (۽) جنهن 1843ع ۾ ان (سنڌ) لاءِ برطانيا جي حتمي غلاميءَ جي راهہ سڌي ڪئي. (ڏسو: ”سنڌ صدين ڪان“ سنڌ جي اميرن سان رنجيت سنگهہ جا لاڳاپا، صفحو: 260) برطانوي راڄ دوران، پنجاب جي اشرافيا ۽ ڪامورا شاهي، برطانوي پنجاب سان سنڌ جي ڳانڍاپي ڪرائڻ وارين ڪوشش مان هٿ نہ ڪڍيو. ان ڪان سواءِ، جيئن مٿي بيان ڪيو ويو سنڌ کي سنڌو نظام جي ندين جي پاڻيءَ ۾ پنهنجي حصي جِي وسيع پئماني تي ڦُرلٽ جي سلسلي ۾ پنجابي اشرافيا جي انتهائي ناڪاري روِش جو ڊگهو ۽ بيحد ڪڙو/ تلخ تجربو هو. تنهنڪري، سنڌ گڏيل هندستان جي سپ ڪان سگهاري مسلمان اڪثريت واري صوبي جي اشرافيا تي اعتبار نہ ڪيو ۽ اها (ظاهر آهي تہ) هڪ اهڙي گڏيل صوبي جي رحم ڪرم تي، پنهنجن وسيلن، حقن ۽ آزادين جي فيصلي کي اُڇلڻُ برداشت نٿي ڪري سگهي، جيڪو پوريءَ طرح برطانوي هندستاني شهنشاهيت جي سپ ڪان رعايت يافتا اشرافيا جي غلبي هيٺ آيل هو. بدقسمتيءَ سان، ٽين دنيا جي ملڪن جي زبردست اڪثريت لاءِ آزادي لڳ ڀڳ هڪ ڏند ڪٿا/ خيالي قصو (Myth) ئي رهي آهي. اهڙن ملڪن جي گهڻائيءَ ۾ برطانيا، فرانس، ولنديزي (Dutch)، پورچوگال، اسپين ۽ امريڪا جي سامراجن جي سڌي راڄ جي جاءِ، اڻ سڌيءَ طرح امريڪي سامراج، انهن رسمي طرح آزاد ڪيل ملڪن جي (ساڳي) پراڻي سامراجي اشرافيا ۽ ڪاموراشاهيءَ جي مدد سان، ورتي هئي.

پاڪستان جي حڪمران طبقي ۾ اهڙن ماڻهن جي ڪا بہ کوٽ نہ آهي، جن جي، پاڪستان سان روا رکيل رويي ۽ اُن جي قومن سان روا رکيل سنڌن آڪڙيل هلت چلت کي جاچيندي، ظاهري طرح، اهو محسوس ٿئي ٿو تہ اهي پنهنجي پاڻ کي برطانوي راڄ جي حقيقي ۽ تسليم ٿيل ايجنٽ يا جانشين طور سمجهن ٿا (۽) جن کي سنڌن ماضيءَ ۾ راڄ لاءِ ڏنل، هندستان اندر ۽ ان ڪان ٻاهر، خدمتن عيوض، انعام طور، (برطانوي) راڄ وٽان پاڪستان جي رياست، سڀني اختيارن ۽ وسيلن سميت سڌيءَ ريت ورثي ۾ ملي.

اتفاقي طرح، وڏي انگ ۾ پنجابي اشرافيا ۽ اختياريون سِک رياستن جي پنهنجن پاڙيسرين خلاف ڪيل خود سر ۽ جارحاڻين ڪرتوتن ڪان پنهنجي پاڻ کي چِٽڻ بدران، انهن کي، پنهنجي قومي ورثي طور، فخر سان پنهنجائڻ جو ڪوبہ موقعو نہ وڃايو۔ اهي انهيءَ حد تائين بہ وڃي رهيا آهن، جو اهي ڪڏهن ڪڏهن تہ رڳو رنجيت سنگهہ، ڪانئس اڳين صدين ۾ جيڪي ڪجهہ وهيو واپريو ان سڀ کي وسارينديءَ، جي زماني ڪان ئي ننڍي کنڊ جي تاريخ کي ڳڻائڻ وارن مان ڄاڻا ويا آهن. نتيجي طور، پاڪستان جي تاريخي بنيادي دستاويز۔ 1940ع واري لاهور ٺهراءُ، جنهن کي پوءِ پاڪستان ٺهراءَ جو نالو ڏنو ويو ۾ پاڪستان يا اٽورهايل هندستان جي مسلمانن لاءِ ڪنهن



Gul Hayat Institute

اڪيلي گڏيل رياست جي معاملي بابت ڪوبہ ذڪر ٿيل نہ آهي. انهيءَ 1940ع واري ٺهراءَ وسيلي، تنهن ڪري، اٽورهايل هندستان جي ڪروڙن مسلمانن پنهنجي يڪراءِ تاريخي گهُر کي آواز ڏنو تہ هندستان جا مسلمان اڪثريت وارا صوبا: بنگال، پنجاب، سنڌ، سرحد ۽ پڻ بلوچستان جو علائقو هندستان جي بنگالين، پنجابين، سنڌين، پختونن ۽ بلوچن جا وطن آزاد ۽ خودمختيار رياستون بڻايا وڃن. نئيي ڪنڊ هندستان ۾ مٿين پنجن آزاد ۽ خودمختيار رياستن جي حاصلات لاءِ اهو (واقع ٿيو) هو جو 1940ع واري لاهور ٺهراءَ جي واٽ (ملڻ) ۽ مٿئين عظيم مقصد جي طئہ ٿيڻ کان پوءِ، نئيي ڪنڊ جي ڪروڙن مسلمانن آزاديءَ لاءِ هڪ تاريخي (۽) دليراڻي جدوجهد جوتي، جنهن ملڪ جي ٻين سياسي طاقتن سان گڏجي، بر طانوي شهنشاهيت جو بنياد لوڏي ڇڏيو.

ساڳئي وقت 1946ع لاءِ آل انڊيا چونڊن جو اعلان ڪيو ويو. هندستاني مسلمانن، مناسب نموني، هن موقعي مان فائدو ماڻيو ۽ وڏي مقدار ۾ قائداعظم (۽ مسلم ليگ) لاءِ ووٽ ڏنو، جنهن ساڻن آزاد ۽ خودمختيار وطن جو واعدو ڪيو هو ۽ اهڙيءَ ريت، برطانوي حڪومت ۽ ڪانگريس کي، مسلم ليگ کي، هندستاني مسلمانن جي واحد نمائنده جماعت ۽ هندستان جي آئيندي جي قسمت جي فيصلي ڪرڻ لاءِ هڪ اهم طاقت طور مڃڻ تي مجبور ڪيو.

حقيقت هيءَ هئي تہ هندستان جي چونڊيل مسلمان نمائندن، 1946ع ۾ پنهنجين چونڊن کان پوءِ، انهيءَ چونڊن واري مئنڊيٽ (جيڪو آزاد ۽ خودمختيار رياستن سان مشروط هو) کي ڪنگهيو بہ ڪونہ. انهن تجويز ٿيل / ڪيل پنجن آزاد ۽ خودمختيار رياستن جي جاءِ تي هڪ اڪيلي رياست ٺاهڻ جو فيصلو ڪيو. اتفاقي طرح، هيءَ پهرين وڏي تاريخي ۽ فيصلاتتي ڀڃڪڙي هئي، انهيءَ اعلانيل مئنڊيٽ جي، جيڪو پاڪ - پارت نئيي ڪنڊ جي مسلمانن پاران پنهنجي چونڊيل نمائندن کي، پنهنجي وڏي مقدار ۾ ووٽ وسيلي ڏنو هو انهيءَ رواج جي پوءِ وارن وقتن ۾، اج تائين، لڳاتار پوئواري، پنهنجن هاڃيڪار نتيجن کان پوءِ بہ پئي ٿي آهي، جهڙوڪ فوجي غاصبن ۽ سندن ڪٺ-پُتلي سياستدان وسيلي اوير پاڪستان جي تباهي ۽ دوکيبازي.

چئن صوبن ۽ بلوچستان جي مضبوط بنيادن تي بيٺل ڳنڍيير خدشن کي ميسارڻ لاءِ، اهو فيصلو ڪيو ويو تہ اهڙي تجويز ڪيل اڪيلي رياست وحداني نہ، پر هڪ نج پچ وفاقي رياست هوندي، جيڪا پنجن خودمختيار صوبن تي ٻڌل هوندي، (۽ ان ۾) سيني صوبن لاءِ حقيقي برابر حقن جو بندوبست هوندو. اها شيءِ پرکي ويئي تہ بنگالي مسلمانن جي زبردست عددي اڪثريت جي موجودگي، سڄي ملڪ يا ان جي پنجاب جي آسپاس ۾ موجود اُلهنديءَ اَڌَ (واري علائقي) تي غالب ٿيڻ جي اجازت ڪنهن کي بہ ڪڏهن بہ نہ ڏيندي. هن اڪيلي مسلمان رياست جي سڄي جي سڄي، امڪان کان ٻاهر نئين منظرنامي، پنجابي اشرافيا ۽ اختيارين جي سوچ ۾ هڪ اوچتي حقيقي نموني نمايان هيئتي تبديلي (Veritable Sea_Change) آندي.

Gul Hayat Institute

پنجابي اشرافيا ۽ اختيارين. جيڪي، 1807ع ۾ امرتسر واري پنجاب- برطانيا معاهدي جي زماني کان وٺي، برطانوي شهنشاهيت کي ڏنل پنهنجي ثابت قدم ۽ سگهاري فوجي ۽ سياسي حمايت جي ڪري، ٻي هر ڪنهن صوبي کان وڌيڪ سامراجي حڪومت کي وڌيڪ ويجهيون هيون. تن هندستاني مسلمانن جي حالتن ۾ مٿين تبديليءَ کانپوءِ امڪاني طرح ترت محسوس ڪري ورتو ته برطانوي حاڪميت شايد گهڻو وقت جٽاءُ نه ڪري ۽ شايد ورهاڱو گهڻو پري (جي ڳالهه) نه آهي. لڳي ٿو ته ڪين اندازو هو ته برطانوي حاڪميت جي ڪنهن حد تائين صاف شفاف ۽ اڻ ڏري قانوني نگهباني ۽ تحفظ جي زماني جي پڄاڻيءَ تي، سنڌ، مستقبل ۾ پنجابي اشرافيا ۽ اختيارين جي بي لغام ۽ مزاحمت کان آجي دٻاءَ ۾ اچڻ لاءِ پابند هوندي، ڇاڪاڻ ته ورهاڱي کان پوءِ وارين، اساسي طرح، تبديل ٿيل حالتن ۾، پنجاب، اڳ وانگي تڪرار ۾ جوابده ۽ ملزم رهڻ بدران گهٽي پاڳي، راتورات، پاڪستان جي نئين قائم ٿيل مسلمان رياست ۽ ان جي سمورن وسيلن- سنڌو درياهي نظام جي گڏيل پاڻين سميت، جو عملي طرح ڏٽي ۽ حاڪم بڻجڻو هو. لڳي ٿو ته ڪين اهڙو اندازو آهي ته هن تڪراري پر- پراڻي اهم مسئلي تي اهي وڏيءَ چالاڪيءَ ۽ شاطرائپ سان ۽ ڏيڄاري ۽ ڏمڪائي، سنڌ کي سُتت ئي گوڏن ٽيڪرائڻ جي لائق ٿي ويندا ۽، ساڳيي وقت، سنڌو ۽ ان جي پرتو ندين جي پاڻين ۾ وڏي مقدار ۾ خرد برد ڪندا. هر صورت ۾، هنن هڪ اوچتو يو-ٽرن ورتو ۽ پنهنجي طور تي، 1945ع واري پنجاب- سنڌ پاڻي ٺاهه جي توثيق ڪرڻ کان انڪار ڪيو جيڪو وڏي لڳاءَ سان، برطانوي هندستاني مرڪزي حڪومت جي لڳاتار ترغيب هيٺ، ٻيحد ڏگهين ڳالهين (جي سلسلن) کان پوءِ ترتيب ڏنو ويو هو.

پنجاب جي اختيارين. وڏي غيرجذباتي نموني، پر ٻي ضرر ۽ معصوم جملن ۾ پنهنجي تاريخي يو-ٽرن کي اظهاريو:

”سنڌ ۽ پنجاب جي آبپاشي کاتي جي ٻن چيف انجنيئرن بحث مباحثو شروع ڪيو..... 1945ع ۾ هڪ مسودو تيار ڪيو...... (جنهن جي) توثيق نٿي ڪري سگهجي.“ (انڊس واٽر ڪميٽي، جنوري 1971ع، دي پنجاب بريف، صفحو: 54)

جڏهن ملڪن وچ ۾ ڪو ورهاڱو ٿيندو آهي ته گڏيل اثاثن جي ورڇ لاءِ نوان انتظام ڪرڻا هوندا آهن. 1947ع ۾، پاڪستان ۽ هندستان وچ ۾ ورهاڱي وقت، سنڌو واديءَ جي ندين جي پاڻين جي ورڇ لاءِ انتظام ڪرڻ لاءِ، هندستاني سرڪار، ڪميٽي ”ٻي“ نالي هڪ ڪميٽي ٺاهي هئي. پاڪستاني ۽ هندستاني حڪومتن کي، انهيءَ ڪميٽيءَ اڳيان پاڻيءَ جي ورڇ سان لاڳاپيل پنهنجن مسئلن کي پيش ڪرڻو هو. جيڪڏهن هن ڪميٽيءَ جي فيصلي تي ڪابه ڌر مطمئن نه هئي ته اها ٽياڪڙ ٽريبونل وٽ اپيل ڪري ٿي سگهي، جنهن جو سربراهه هندستان جو چيف جسٽس پيٽرڪ اسپينس (Spense) هو. انهيءَ ٽريبونل جو مدو 31 مارچ 1948ع تائين هو.

Gul Hayat Institute

جيئن مٿي بيان ڪيو ويو تہ اولهہ پنجاب صوبو ۽ سنڌ بئي سنڌو (درياهي) نظام جي سيني ندين مان پاڻي ڪڍي رهيا هئا. ورهاڱي کان اڳ، انهن پاڻين سان لاڳاپيل مسئلن جي حالت ۾، اهي بئي صوبا ترتيبوار آبپاشيءَ تي مُهڙ واري آبادي ۽ آبپاشيءَ تي پوڇڙ واري آبادي هئا. جيڪي انهن پاڻين مان فائدو ماڻيندڙ ۽ گڏيل حصيدار هئا. هندستان ۽ پنجاب جي ورهاڱي ۽ ورهاڱي کان اڳ گڏيل پنجاب (واري صورتحال) منجهان (اُڀري آيل) اولهہ ۽ اوڀر پنجاب جي صوبن جي نئين جوڙجڪ جي ڪري، ڀارتي صوبو اوڀر پنجاب، هاڻي سنڌوءَ جي پرتو ندين- راوي، بياس ۽ ستلج جو پهريون ۽ سڀ کان مُهڙَ وارو حصيدار علائقو (آبپاشيءَ تي آبادي) آهي. ساڳيءَ طرح، پاڪستاني صوبا پنجاب ۽ سنڌ ترتيبوار 2 ۽ 3 نمبر تي گاڏڙ حصيدار علائقا آهن. پاڪستاني پنجاب، ڀارتي پنجاب جي نسبت سان آبپاشيءَ تي پوڇڙ واري آبادي آهي ۽ سنڌ، پاڪستاني ۽ ڀارتي پنجابي صوبن- ٻنهي جي، آبپاشيءَ تي پوڇڙ واري آبادي ۽ گاڏڙ حصيدار علائقو آهي. جهڙيءَ ريت انهيءَ ٻنهي (پنجاب وارن) صوبن وچ ۾ معاملا آهن. تهڙيءَ ريت، پاڪستاني صوبا، سنڌ ۽ پنجاب، سنڌو دورياهي نظام جي پاڻين جي سلسلي ۾ داخلي توڙي خارجي ٻنهي قسم جي سيني سوالن، مسئلن ۽ تڪرارن ۾ هڪ جيترين لاڳاپيل ۽ متاثر ٿيندڙ ۽ ضروري ڌريون آهن. نتيجي طور، ٻنهي صوبن وچ ۾ بئي لاڳاپيل ۽ حقدار ڌر جي حقن ۽ مفادن سان تعصب رکڻ کان سواءِ، اهڙا سڀ سوال، مسئلا ۽ تڪرار عالمي توڙي نديءَ ڪنڌ جي قانون هيٺ، مٿين ٻنهي آبپاشيءَ تي آبادين، گاڏڙ حصيدار فائدو کڻندڙ لاڳاپيل ۽ متاثر ٿيندڙ ڌرين- يعني اڳوڻي اولهہ پنجاب صوبي (هاڻي پنجاب) ۽ سنڌ- جا، قانوني ۽ اخلاقي طرح، برابر گڏيل معاملا رهيا آهن/ هئا. اهڙيءَ ريت، ٻنهي مان ڪنهن کي بہ، نہ اولهہ پنجاب/ پنجاب نہ ئي سنڌ کي پنهنجي طور تي، اڪيلي سر، ڪنهن بہ قانون- قومي يا عالمي هيٺ، اهڙن سوالن تي، ٻي ڌر جي پرپٺ، ٽين ڌر سان ڳالهين ڪرڻ يا فيصلي ڪرڻ جو ڪو حق حاصل هو.

جيڪڏهن ٻي لاڳاپيل يا متاثر ٿيندڙ پوءِ پنجاب يا سنڌ يا ٻي ڪنهن، ڌر جي پرپٺ ۽ ان جي شموليت کان سواءِ، ڪنهن هڪ لاڳاپيل ۽ متاثر ٿيندڙ ڌرِ ڪنهن ٽين ڌر سان، (ڪن) حالتن ۾ انهن مسئلن تي ڳالهيون ڪيون هيون/ آهن يا فيصلا ڪيا هئا/ آهن، تہ اهڙيون ڳالهيون ۽ فيصلا، سڄيءَ دنيا جي سمورن سڌريل قانوني نظامن هيٺ، غيرقانوني، دائره اختيار کان ٻاهر، قانوني اثر کان خالي ۽ شروعات کان غيرمؤثر يعني بنهہ مُنڍَ کان ڪوبہ قانوني وجود نہ رکندڙ سمجهيا ويندا هئا/ آهن. شموليت ۽ نمائندگيءَ کان محروم، پوءِ اهو پنجاب هجي، سنڌ يا ٻي ڪا ڌر انهن (ڳالهين ۽ فيصلن) جي مڃڻ جي پابند نہ ٿي سگهندي. ويهن صدين کان وڌيڪ عرصي کان اڳ، رومي قانون، لاڳاپيل ۽ متاثر ٿيندڙ ڌرين جي پرپٺ ورتل سيني هاجيڪار فيصلن کي غيرقانوني قرار ڏنو هو.

سنڌن قانون ڪي لاطيني ٻوليءَ ۾ ٻي (متاثر ڌيرن) کي ٻڌڻ (Audi alteram partem) ڌر کي ٻڌڻ چيو ويندو هو.

برطانوي قانون (پڻ) ساڳي شيءِ (ڳالهه) هڪ ٿوري مختلف اصطلاح ۾ ٻڌائي/ ڄاڻائي ٿو: ”ڪنهن کي ٻڌڻ (جي موقعي ڏيڻ) کان سواءِ سزايافته قرار نه ڏيڻ گهرجي.“ اهو ڪو اسلامي قانون هجي يا ٻيو ڪو سڌريل قانوني نظام (پر) اوهين ڪنهن به طرح ٻين حصيدار، لاڳاپيل ۽ متاثر ٿيندڙ ڌرين جي پرپٺ ڪو باضابطا فيصلو نٿا ونئي سگهو. اهڙو عمل غيرقانوني ۽ غيراخلاقي هوندو ۽ ڪنهن به قيمت تي انهيءَ ڌر تي لاڳو نه ٿيندو جنهن جي حقن ۽ مفادن خلاف اهڙو غيرقانوني فيصلو ورتو ويو آهي. ڀارت ۽ پاڪستان جو قانون، قطعي طرح، انصاف جي انتظام جي هن اهم ۽ بنيادي نقطي تي واضح آهي. اهو قانون هيءَ اُصول هن طرح بيان ڪري ٿو ته قدرتي انصاف جي اُصول طور، ڪنهن کي نقطي نظر پيش ڪرڻ جي پوري موقعي ڏيڻ کان سواءِ، ڪنهن جي به مفادن خلاف، قانوني طرح، ڪو باضابطا يا لاڳو فيصلو ونئي نٿو سگهجي. ڪو مسئلو ناهي ته ڪو قانون ايئن چوي ٿو يا نه، (پر) اهو پوري انسانذات جي سڀني سڌريل عدالتي نظامن پاران مڃيل اعليٰ تر قانون رهيو آهي. سڀ فيصلي سازي ڪندڙ ڪنهن قانون ساز اداري پاران، انهيءَ لحاظ کان، ڪنهن واضح قانونسازيءَ هئڻ يا نه هئڻ کان پوءِ به، انهيءَ (اُصول) جا پابند آهن.

پاڪستان جي اعليٰ تر عدالتن جي ڪيترن ئي فيصلن جو ذڪر ڪجي ته، 1959ع ۾ سپريم ڪورٽ آف پاڪستان، ڪراچيءَ جي چيف ڪمشنر ۽ ٻين جي ڪيس (پي ايل ڊي، 1959ع، ايس سي 45) ۾ تبصرو ڪيو:

”....... قدرتي انصاف (ته ڪنهن لاڳاپيل ڌر جي پرپٺ ڪيل ڪنهن هاڃيڪار فيصلي جو ڪوبه قانوني جواز نه هوندو آهي- ليڪ) جو متيون قاعدو عدالتن اڳيان ٿيندڙ ڪارروايون تائين محدود نه هوندو آهي، پر، ڪنهن جي به پاران عمل ۾ آندل اهڙين سمورين ڪارروايون تائين وڃي ٿو جيڪي ڪنهن تڪرار ۾، ڪنهن شخص، ملڪيت يا لاڳاپيل ڌرين جي حقن تي اثرانداز ٿينديون هجن. اهڙن اختلافن ۾ انصافي فيصلا رڳو تڏهن ممڪن هوندا آهن، جڏهن ڌرين کي ٻڌڻ جو موقعو ڏنو ويندو آهي.......“ [1994ع ايس. سي. ايم. آر 2232 (2238) ]

مريم توصيف جي ڪيس (پي ايل ڊي 1990ع، ايس. سي. 666) ۾ سپريم ڪورٽ آف پاڪستان تبصرو ڪيو:

”متي بيان ڪيل حالتن مان، اِهو ظاهر آهي ته هيءَ هڪ عدالتي اڪثريتي اتفاق راءِ آهي ته عدالتي توڙي غيرعدالتي ڪارروايون لاءِ ”ٻي (متاثر ۽ لاڳاپيل) ڌر کي ٻڌڻ“ ( Audi Alteram Partem) وارو اصطلاح استعمال جوڳو آهي.“



Gul Hayat Institute

ڊاڪٽر نصر الله چوڌريءَ جي ڪيس [پي ايل ڊي 1994ع لاهور 353 (358)] ۾ لاهور هاءِ ڪورٽ چيو آهي: "هيءُ هڪ مڃيل قانون ۽ اُصول آهي تہ ڪوبہ اهڙو شخص سزا يافتا (قرار ڏنل) نہ هوندو، جيستائين ان کي ٻڌو نہ ويو آهي. اعليٰ تر عدالتن، پيري پيري، اها شيءِ واضح ڪئي آهي تہ فطري قانون جو ضابطو جيڪو "ٻي (متاثر ۽ لاڳاپيل ڌر) کي ٻڌڻ" واري اصطلاح ۾ جاتئو آهي، اهو عدالتي ڪارروائين تائين محدود ناهي، پر اهو ڪنهن پاران بہ عمل ۾ آندل سڀني ڪارروائين تائين وڌي وڃي ٿو جيڪي ڪنهن تڪرار ۾، ڪنهن شخص، ملڪيت يا لاڳاپيل ڌرين جي ٻين حقن تي اثرانداز ٿيندڙ هجن."

محترما قيصر الاهي جي ڪيس (پي ايل ڊي 1995ع پشاور 22) ۾ پشاور هاءِ ڪورٽ فيصلو ڏنو تہ جيڪڏهن متاثر ڌر جي پَرپُٺِ ڪوبہ فيصلو ڪيو ويو آهي تہ قانون اهڙي فيصلي سان، هر صورت ۾، ڪوبہ وجود نہ رکندڙ شيءِ طور ورتاءُ رکندو. عدالت چيو آهي:

"هيءُ هڪ چڱيءَ طرح طئہ ٿيل قانوني فيصلو آهي تہ ڪوبہ اهڙو حڪم، جيڪو "ٻي (متاثر ۽ لاڳاپيل) ڌر کي ٻڌڻ" واري اصطلاح جي ڀڃڪڙي ڪندي، پاس ڪيو آهي تہ اهو باطل (غيرموثر) هوندو."

اٽورهايل هندستان جي پاڻيءَ وارن اثاثن جي صاف شفاف ۽ منصفاڻي ورڇ جي مسئلي تي (ضروري) اُپائن ڪٽڻ جي سلسلي ۾، نديي ڪنڌ جي ورهاڱي کان پوءِ، پاڪستان ۽ ڀارت جي نين رياستن (معاملي جي) نبيري تي غور ويچار ڪرڻ لاءِ پنهنجن نمائندن جي ٽيم کي مقرر ڪرڻو هو. مٿين حقيقتن تي آڌاريل ۽ قانوني موقف کي نظر ۾ رکندي، پاڪستان کي انهن پاڻين تي پاڪستان جي ٻنهي آبپاشيءَ جي آبادين ۽ گاڏڙ حصيدار ڌرين يعني اولهہ پنجاب ۽ سنڌ صوبن منجهان ڳالهہ ٻولهہ ڪندڙن جي هڪ ٽيم مقرر ڪرڻي هئي، جنهن کي ٻنهي آبپاشيءَ تي آبادين جي مفادن ۽ نقطي نظرن جِي، نہ رڳو فني ۽ رسمي طرح، پر حقيقي ۽ نج پج نموني، نمائندگي ڪرڻي هئي- اهي آباديون جيڪي هن تمام اهم ۽ حساس مسئلي تي لڳ ڀڳ هڪ صديءَ تائين جهيڙي ۾ اٽڪيل رهيون هيون. ۽ ان کان سواءِ انهيءَ ٽيم کي انهن اُبتڙ مفادن ۽ نقطي نظرن کي، سڄي ملڪ جي وسيع تر مفادن جي چڱائيءَ ۾ نبيرڻو هو.

اِهڙيءَ ريت، انصافي ۽ موافق، جائز ۽ قانوني طرح اٽڪر ٽيڙ/ هٿڻ لاءِ، سنڌو درياهي نظام جي مشترڪ نموني پنهنجايلَ ۽ استعمال ۾ آندلَ گڏيل پاڻين- يعني سنڌو، جهلم، چناب، راوي، ستلج ۽ بياس، جيڪي تڪرار ۾ آيلَ ٻن صوبن جي پنهنجن پنهنجن مفادن تي اثرانداز ٿيندڙ هئا، سان لاڳاپيل ڀارت سان ٿيندڙ سمورين ڳالهيون، لازمي طرح، تنهي آبپاشيءَ تي آبادين/ ڌرين- ڀارتي پاسي کان اوير پنجاب صوبي ۽ پاڪستاني پاسي کان اولهہ پنجاب ۽ سنڌ صوبي، وچ ۾ منعقد ٿيڻيون هيون.

Gul Hayat Institute

پر (بدقسمتيءَ جي ڳالهه هيءَ آهي تہ) پاڪستان جي وفاقي سرڪار، آبپاشيءَ تي بلڪل مُهڙ واري آبادي- پارٽ سان، پاڪستان ۾ پارٽ وچ ۾ سنڌو واديءَ جي پاڻين جي ورهاست جي مسئلن تي ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ ۾ فيصلن طئہ ڪرڻ لاءِ، آبپاشيءَ تي پوڇڙ واري آبادي- سنڌ جي پرپٺ، آبپاشيءَ تي وِچين ڌُرِ- اولهہ پنجاب جي وزيرن ۾ عملدارن کي، پاڪستان جي واحد نمائندن طور مقرر ڪيو.

اهڙيءَ ريت، قلم جي اڪيلي بيرحم ڌَڪَ سان اِهو بابُ بند ٿيڻو هو، جيڪو هندستان تي برطانوي سامراجي راڄَ جي (نامور) روايت هو جنهن منجهہ سمورن صوبن کي لڳ ڀڳ هڪ جيترا/ برابر حق حاصل هئا (۽) اهي وڏيڪ سگهارن پاڙيسري صوبن جي خود سر عملن خلاف ازالي ۾ تحفظ لاءِ مرڪزي حڪومت سان رجوع ڪري تي سگهيا. اهي زمانا، پاڪ- ڀارت تاريخ سان لڳاءُ رکندڙ ۾ ان جي حساس مشاهدي ڪندڙ کي رحم/ همدردي محسوس ڪرائيندي، پنهنجين چڱاين سميت هليا ويا، جڏهن پنجاب جي اختيارين جي گڏيل پاڻين جي لڳ ڀڳ مستقل ۾ مسلسل ڦُرلٽ کي باقاعدگيءَ سان للڪاري سگهبو هو جڏهن اُها (برطانوي) مرڪزي سرڪار وڏيڪ ٻي ڪنهن هاجيڪار عمل کي روڪي ڇڏيندي هئي ۾ گڏيل نموني لاپاڻن سمجهوتن ۾ معاهدن، جهڙوڪ: 1945ع واري ناهہ، کي (پيرائتي نموني) ترتيب ڏياريندي هئي. جيئن ڪنهن شاعر چيو آهي:

**پهاڙ تي ماڪ جيئن،**
**چشمي ۾ جَرَ- ڦوتي جيئن،**
**تون هليو ويو آهين**
**۽ سدائينءَ لاءِ هليو ويو آهي.**

پاڪستان جي ننڍن ۾ ڪمزور صوبن جي سيني عوامن، صديءَ جي پوئين اڌ ۾ پنهنجي تلخ تجربي وسيلي، هاڻي پنهنجي وڏي اهنج ۾ آزار کي ڄاتو آهي تہ پاڪستان رڳو نالي ماتر جمهوريت ۾ وفاق آهي، ۾ عملي طرح اهو ون يونٽ طور ۾ هڪ بينڪي مطلق العنان حڪومت طور هلايو پيو وڃي، جڏهن ۾ جتي، هڪ پاسي جديد بينڪي آقائن جي مستقل مفادن ۾ سنڌن مقامي نمائندن- بالادست صوبي جي حڪمران طبقن ۾ ٻئي پاسي سمورن صوبن جي عوامن وچ ۾ ڪو تڪرار پيدا ٿيندو آهي تہ تڏهن ۾ تتي، ڪنهن بہ سويلين يا نان سويلين، خوشامدي، مطلق العنان ۾ آمراڻي گروهہ جي غلبي ۾ آيل پاڪستان جي نام نهاد وفاقي حڪومت، سڄي ملڪ جي سيني محروم ۾ ڌتڙيل ماڻهن- پنجاب صوبي جي ماڻهن جي وسيع اڪثريت سميت، جي گڏيل، مستقل ۾ بنيادي مفادن جي ڌِڻي وَائڻي نموني نظراندازيءَ سان، پنهنجو وفاقي ڀهروپ لاهي پَري ڦِٽو ڪندي آهي، پنهنجي جمهوري وضع کي ڀُهاري ڪيندي آهي ۾ پنهنجن اصلوڪن جانبداراڻن رنگن ۾ ظاهر ٿيندي آهي، ۾ "پاڪستان جي سالميت"، "اسلام جي عظمت" يا "پاڪستان کي داخلي ۾ خارجي خطرن کان بچايو" جهڙن نعرن جي رڙو رڙ مچائي ڇڏيندي آهي، يا نالي ماتر خودمختيار (پر اصل ۾ غلبي هيٺ آيل صوبن جي اڳهي ۾ ٻيوس عام خلق تي جهَٽُ هٽندي آهي ۾ اطاعت ۾ خاموشيءَ لاءِ

Gul Hayat Institute

سندن نڙيءَ تي نَنهُن ڏيندي آهي، پر ان کان اڳي، سيئي ماڻهو پوريءَ طرح هن اُداس ۽ المياتي حقيقت يا وقت جي وفاقي حڪومت جي ڪِرپ ڏياريندڙ غيرمنصفاڻي ۽ شرمناڪ حد تائين غيرقانوني فيصلن جي مجرماڻن نتيجن ۽ خسيس مقصدن کي سمجهي نہ سگهيا.

ڪوبہ ماڻهو اهو جاڻي سجاڻي نہ ٿي سگهيو تہ ايندڙ ورهين ۾ ڏهاڪن ۾، انهيءَ صوبي (سنڌ) جي ماڻهن، جن پارٽ کي آزاديءَ جو جوڌو، هندستاني مسلمانن کي رهبر ۽ پاڪستان کي قائداعظم جهڙو باني ڏنو لاءِ ڏاڪي بہ ڏاڪي، ڪهڙي زبردست تناسب ۾ ڪيتري وڏي تباهي رچائڻ جو ارادو ڪيو ويو هو.

”پنجاب جي ورهاڱي سنڌو واديءَ جي آبپاشي نظام جي ڪئنالن ۽ ندين جي حدن کي ورهائي ڇڏيو ۽ انهيءَ پارٽ کي آبپاشيءَ تي مُهڙ واري آبادي ۽ پاڪستان کي آبپاشيءَ تي پوڇڙ واري آبادي بڻائي ڇڏيو. پنجاب مان اُپرندڙ ۽ اُسرندڙ ڪيترن مسئلن کي طئہ ڪرڻ لاءِ جيڪي بہ ڪميٽيون مقرر ڪيون ويون، انهن مان هڪ ڪميٽي ”بي“ بہ هئي. هيءَ ڪميٽي اوير ۽ اولهہ پنجاب سان لاڳاپيل عملدارن جي برابر انگ تي ٻڌل هئي ۽ ان کي گڏيل اثاثن جي مستقبل ۾ انتظام، بين معروضي اثاثن ۽ سندن ملهہ جي ڪَٿَ جي وِرڇ جي سوالن نبيرڻ جي ذميواري ڏني ويئي......

ڪميٽي ”بِي“ جي رپورٽ پنجاب جي ورهاڱي واري ڪميٽيءَ اڳيان پيش ڪئي ويئي، جنهن جي صدارت گورنر پئي ڪئي ۽ جيڪا اوير ۽ اولهہ پنجاب جي وزارتي نمائندن تي ٻڌل هئي، ورهاڱي واري ڪميٽي انهن معاملن کي قبول ڪيو جن تي ڪميٽي ”بي“ متفق هئي، مطلب تہ (اهو طئہ ڪيو ويو هو تہ) واهن جي پاڻين ۾ اولهہ پنجاب ۽ اوير پنجاب جا، ورهاڱي کان اڳ وارا حصا برقرار رکيا ويندا. ورهاڱي واري ڪميٽي، ڪميٽي ”بي“ وانگي، البت، ڪئنال سرشتي جي مُلهہ جي ڪَٿَ تي سهمت ٿيڻ کان لاچار هئي، ۽ انهيءَ سوال کي ٽياڪڙ ٽربيونل جي حوالي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو هو.“ (چوڌري محمد علي، ”دي اِمرجنس آف پاڪستان“ صفحو: 318)

پر عجب سان چوٽو ٿو پوي تہ سڀ کان اهم قومي مفاد جي هن انتهائي حساس ۽ گنڀير مسئلي جي ڪنهن بہ طرح ٽياڪڙ ٽربيونل ۾ پوئواري نہ ڪئي ويئي. انهيءَ کان ڪوبہ التوائي حڪم نامو (Stay Order) حاصل نہ ڪيو ويو. ايستائين جو ٽربيونل جو مُدو ئي پورو ٿي چڪو ۽ نتيجي ۾ پارٽ، جيڪو ساڳئي وقت، ريڊ ڪلف ايوارڊ جي ٿورن سان، پاڪستاني ڪئنالن جي بن بڻراجن جو مالڪ بڻجي چڪو هو کي پنهنجين حدن ۾، اُپرندي سنڌو واديءَ جي ندين مان پاڪستان جي بن ڪئنالن ۾ پوندڙ پاڻيءَ جي وهڪري کي روڪڻ لاءِ بااختيار بڻايو ويو.

اهڙيءَ ريت، تڏهوڪي اولهہ پاڪستان، جيڪو متاثر ٿيل ۽ تڪليف ۾ آيل آبپاشيءَ تي ٻن آبادين (سنڌ ۽ پنجاب) تي ٻڌل هو جنهن جي پاڻي فراهمي، ريڊ ڪلف ايوارڊ جي ڪري خطري ۾ آيل هئي، جي نمائندن عام معيار وارا بنيادي اڳوات اُپاءَ بہ نہ ورتا ـ حالتن هيٺ، جن جي، ايتري تائين جو تحصيل سطح جي، هڪ مفصل قانوندان مان اُميد ڪجي ها. بيشڪ، اعليٰ اختيارن واري

ٽربيونل، جنهن جي صدارت پارت جي چيف جسٽس پئي ڪئي، جي اڳيان سنڌن قانوني نمائندو تحصيل سطح جو مفصل قانوندان نـ هو. اُهو پاڪستان جي اٽارني جنرل، پاڪستاني رياست جي سڀ کان اوچي قانون واري عملدار کان سواءِ ٻيو ڪوبہ نـ هو.

چوڌري محمد علي پنهنجي مٿي بيان ڪيل ڪتاب ۾ تبصرو ڪري ٿو:

”ان حقيقت هوندي، تـ ريڊ ڪلف ايوارڊ پاڪستان لاءِ اهميت رکندڙ ٻراجن جو ڪنٽرول پارت جي هٿن ۾ ڏنو هو (تنهن بہ) ڪميٽي ”بي“ ۾ پنجاب جي ورهاڱي واري ڪميٽيءَ پاران طئہ ٿيل معاهدي، تـ ورهاڱي کان اڳ وارن پاڻيءَ جي حصن ۾ قيرقار نـ ٿيندي، جي ڪري اولهہ پنجاب سرڪار مطمئن رهي. آبپاشيءَ جي پاڻين ۾ اوڀر پنجاب ۽ اولهہ پنجاب جي حتمي حصن کي واضح ڪندڙ ڪوبہ رسمي معاهدو نـ تيار ڪيو ويو ۽ نـ صحيح ڪيو ويو. اولهہ پنجاب جا وزير ۽ عملدار، اوڀر پنجاب ۾ (وينل) پنهنجن هم منصبن جي ورجايل اعلان نامن مان انهيءَ اعتماد ۾ آيل لڳا پئي تـ ڪئنالن جي پاڻين لاءِ ورهاڱي کان اڳ (طئہ ڪيل / ٿيل) انتظامن ۾ ڪنهن بہ تبديليءَ جو ڪوبہ سوال موجود نـ هو. اوڀر پنجاب جي نمائندن ان وقت ثالث ٽربيونل اڳيان پڻ ساڳيا اعلان ناما ڪيا. جڏهن ڪئنال سرشتي جي مُلهہ جي ڪٽ واري تڪراري سوال کي پُڌٽيءَ لاءِ پيش ڪيو ويو. حقيقت ۾، جيئن واقعن (ثابت ڪري) ڏيکاريو، اوڀر پنجاب جا وزير ۽ عملدار پاڪستان خلاف قاتل وار (ڪرڻ) جي رٿابندي ڪري رهيا هئا ۽ اولهہ پنجاب سرڪار کي منٿن لفظن سان سمهارڻ جون لوليون ٻڌائي رهيا هئا. اُهي انهيءَ ڏهاڙي جو انتظار ڪري رهيا هئا، جڏهن ثالث ڪميٽيءَ جو مدو 31 مارچ 1948ع تي پڄاڻيءَ تي پهچڻو هو.

”پهرين اپريل 1948ع، اهو ڏينهن جڏهن ثالثي ڪميٽيءَ جو وجود باقي نـ رهيو، تي اوڀر پنجاب سرڪار پاڪستان ۾ وهي ايندڙ هر هڪ ڪئنال ۾ پاڻي فراهميون (هڪدم) روڪي ڇڏيون. اهي (پاڻيءَ جون فراهميون) مرڪزي باري دوآب ڪئنال سرشتي، ديپالپور ڪئنال سرشتي ۽ بهاولپور رياست شاخ (Distributary) لاءِ هيون.

”انهيءَ عمل تي، سر پيٽرڪ اسپينس، ثالث ٽربيونل جي چيئرمين، تاريخ 23 فيبروري، 1955ع ايسٽ انڊيا ايسوسيئيشن ائنڊ دي اورسيز ليگ جي لنڊن واري گڏيل گڏجاڻيءَ اڳيان چيو:

”مون کي چڱيءَ ريت ياد آهي تـ مون اها تجويز ڏني هئي تـ جا اها ڳالهہ گهربل نـ آهي تـ پاڻيءَ جي بدستور وهڪري بابت ڪو نظام جوڙڻ گهرجي..... پر اسان کي ٻنهي (پارت ۽ پاڪستان جي اٽارني جنرلن دعوت ڏني هئي تـ اسين انهيءَ بنياد تي پنهنجو فيصلو ڪريون تـ تڏهن موجود پاڻيءَ جي وهڪري سان ڪنهن قسم جي مداخلت نـ ڪئي ويندي ۽ اهو ايوارڊ جيڪو منهنجن (ساڳيي پيشي سان لاڳاپيل) ساٿين تيار ڪيو (۽) جنهن ۾ مون ڪوبہ حصو نـ ورتو هو اهو انهن انهيءَ ئي (گهُر ڪيل) بنياد تي ناهيو. اسان جا ايوارڊ مارچ 1948ع جي پڄاڙيءَ ۾ شايع ڪيا ويا هئا. آئون انهيءَ (مامري) تي ان کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ چوڻ نـ پيو وڃان تـ آئون ٻنهہ گهڻو مايوس هئس تـ لڳ ڀڳ ٻن يا

Gul Hayat Institute

ٽن ڏھاڙن اندر پاڻيءَ جي وهڪري، جنهن جي بنياد تي اسان جا ايوارڊ جوڙيا ويا هئا، سان سنگين هٿ چراند ڪئي ويئي هئي.“

”اوپر پنجاب هاڻي مطمئن هو ته پاڪستان جو ڪنهن به پاڻيءَ تي ڪوبه حق نه رهيو آهي ۽ اُن ڪئنالن کي پيهر کولڻ جي شرط طور مالڪاڻي جي رقم جي گھُر ڪئي. هڪ اپار اذيت هئي، جيڪا هر گذري ويل ڏهاڙي سان اچا وڌيڪ سهپ کان ٻاهر ٿيندي پئي. وڏن (۽ پکڙيل) علائقن ۾ زمين هيٺ پاڻي کارو هو اتي پيئڻ لاءِ پاڻي موجود نه هو. لکين ماڻهن، پاڻيءَ جي اڻاٺ سبب پنهنجن فصلن جي تباهي، پنهنجن ڍور ڍڳن جي نقصان ۽ ان (سڄي صورتحال) جي نتيجي ۾ (پيدا ٿيل) ڏڪار کي ڀوڳيو.

[اتفاق سان، سنڌ جي هاڻوڪي صورتحال، جيڪا سنڌ تي مڙهيل هٿرادو پاڻي کوٽ وسيلي پيدا ڪئي وئي آهي، اها مٿي بيان ڪيل (صورتحال) کان سوين ڀيرا وڌيڪ شديد ۽ تباهي مچائي ڇڏيندڙ آهي، پر هن ڀيري اهي ماڻهو جيڪي پاڻيءَ جي اڻاٺ سبب، پنهنجن فصلن جي تباهي، پنهنجن ڍورن ڍڳن جي نقصان ۽ (ان سڄي صورتحال جي) نتيجي ۾ (پيدا ٿيل) ڏڪار“ کي ڀوڳي رهيا آهن، اهي رڳوئي رڳو سنڌ جا غريب مسڪين ماڻهو آهن.]

پارٽي پنجاب جارح رعب جمائيندڙ وارو روپ اختيار ڪيو ۽ پاڪستاني پنجاب انهن سادن ڳوناڻن وارو جيڪي وڏن شهرن جي ٺڳن کان پنهنجي واپسيءَ جي ڀاڙي جو آخري ٽڪو پئسو به ڦُرائڻ کان پوءِ پيرين پنڌ گهر ڏانهن ورندا آهن. پوئين ـ پاڪستاني پنجاب، جهٽ پٽ ”هاءِ گهوڙا هاءِ گهوڙا“ ڪري ڏني، سُتَت دهليءَ ڏانهن ڊوڙيو ٺڪ پڪ. ڀارت کي راوي، بياس ۽ ستلج جو والي وارث مڃيو تباهه حاليءَ ۾، جيئن جو تيئن ۽ اعتراف ڪرائڻ واري انداز ۾ ڀارت پاران لڪرايل هڪ عجيب معاهدي تي صحيح ڪئي. مالڪاڻي جي رقم ادا ڪئي (۽) ان وسيلي قانوني طرح ڀارت کي انهن ندين جي حقيقي مالڪ طور قبول ڪيو ۽ انهيءَ واضح شرط تي پاڻي فراهميءَ جي عارضي بحالي ڪرائي ته اهڙي فراهميءَ ۾ هوريان هوريان ڪري گهٽتائي آندي ويندي ۽ نيٺ ڪجهه وقت پڄاڻا بند ڪئي ويندي.

”اهڙين بدحاليءَ ڀريل حالتن هيٺ، هڪ وفد، مسئلي جي حل لاءِ مئي 1948ع جي شروعات ۾ پاڪستان کان دهليءَ موڪليو ويو. اهڙي وفد جي سربراهي مالياتي وزير غلام محمد پئي ڪئي، ۽ ان ۾ اولهه پنجاب جا وزير ـ شوڪت حيات خان ۽ ممتاز دولتانا شامل هئا. دهليءَ ۾ گڏجاڻين جي موقعي تي، اوپر پنجاب جي نمائندن انهيءَ ڳالهه تي زور ڏنو ته جيستائين اولهه پنجاب اهو مڃيو نه آهي ته سندن پاڻيءَ تي ڪوبه حق نه آهي، تيستائين اهي ڪئنالن ۾ پاڻيءَ جو وهڪرو بحال نه ڪندا. انهيءَ (شرط) تي اولهه پنجاب جا نمائندا اتفاق نه ٿي ڪري سگهيا. پاڪستان جي تجويز: ته ٻئي حڪومتون انصاف جي عالمي عدالت وٽ ٺاهڪڙيءَ لاءِ پنهنجا اختلاف داخل ڪرائين، ڀارت لاءِ قبولڻ جوڳي نه هئي. (فيصلي ۾) اٽڪاءُ پئجي ويو هو. غلام محمد مائونٽ بيٽن کي گذارش



Gul Hayat Institute

ڪئي. جنهن نهروءَ سان صلاح مشورو ڪيو. تنهن کان پوءِ غلام محمد اڳيان هڪ بيان آڻي رکيو ويو ۽ ڪيس چيو ويو تہ ڪنهن بہ لفظ يا اڌ دم (Comma) تبديل ڪرڻ کان سواءِ ان تي صحيح ڪري. اهو پاڻيءَ جي وهڪري جي بحاليءَ لاءِ هڪ شرط هو.

”4 مئي 1948ع تي غلام محمد ۽ اولهہ پنجاب جي وزيرن هڪ پاسي کان، جڏهن تہ نهروءَ ۽ اوڀر پنجاب جي وزيرن ٻئي پاسي کان، انهيءَ بيان تي صحيح ڪئي.

”جيتوڻيڪ، پارٽ ديپالپور ڪئنال ۽ مرڪزي باري دوآب ڪئنال جي مُک برانچن لاءِ پاڻيءَ جو وهڪرو بحال ڪيو (پر) بهاولپور رياست شاخ ۽ مرڪزي باري دوآب سرشتي جي نون ننڍين شاخن جو پاڻي اجا تائين روڪي رکيو ويو هو. نيٺ، بهاولپور رياست جا مُک علائقا صحرا ۾ تبديل ٿي ويا. انهيءَ دٻاءَ/ مجبوريءَ هوندي بہ- جنهن هيٺ اهو معاهدو صحيح ڪيو ويو هو پاڪستان پنهنجو ڪردار ادا ڪيو ۽ پارٽي وزيراعظم پاران چاڻايل حساب ڪتاب امانت طور جمع ڪرايو. (صفحو: 318 – 321)

پر، تڏهوڪو اولهہ پنجاب سرڪار جو وزير، سردار شوڪت حيات خان، جيڪو اولهہ پنجاب جي انهيءَ ٽيم، جنهن اوڀر پنجاب جي اختيارين سان، پارٽ ۽ پاڪستان وچ ۾ گڏيل پاڻيءَ جي اثاثن تي ڳالهيون ڪيون هيون، جي ميمبرن ۾ شامل هو چٽي نموني اعتراف ڪري ٿو تہ پاڪستاني اولهہ پنجاب جي اختيارين چاڻي واڻي ٽياڪڙ ٽريبونل کان بچڻ جي گذرڻ جي رستي اختيار ڪرڻ (By Pass) جو فيصلو ڪيو ۽ اهي سڌيءَ ريت ڳالهين ۾ داخل ٿيون ۽ انهن جالنڌر ۾ ٻنهي ڌرين جي گڏجاڻيءَ جي موقعي تي اوڀر پنجاب جي اختيارين سان هڪ اڻ اعلانيل معاهدو ڪيو ۽ هڪ مبهم/ اڻ چٽي ناهہ تي پهتيون هيون. جيڪو شرطن کي ڳُجهي رکڻ جي چونڊ ڪري ٿو:

”اثاثن جي ورهاست واري ڪميٽي اوڀر ۽ اولهہ پنجاب جو دورو ڪيو ۽ ان لاهور ۽ جالنڌر- جيڪو اولهہ پنجاب جو عارضي دارالحڪومت هو ۾ واري واري سان گڏجاڻيون ڪيون. قاعدا اهي هئا تہ اسان وچ ۾ اختلاف جي صورت ۾ معاملو هندستاني چيف جسٽس سر پيٽرڪ اسپينس جي سربراهيءَ هيٺ ڪم ڪندڙ ٽياڪڙ ٽريبونل حوالي ڪيو ويندو.......

”پاڪستاني ۽ پارتي پنجابن وچ ۾ پاڻيءَ جي ورڇ جو سوال- جالنڌر ۾ منعقد ٿيندڙ هڪ گڏجاڻيءَ ۾ نبرجڻو هو. مون ان گڏجاڻيءَ ۾ سيڪريٽري ۽ ساڳئي وقت آبپاشي کاتي جي چيف انجنيئر محترم عبدالحميد ۽ چيف سيڪريٽري حافظ عبدالمجيد (انڊين سول سروسز) سان گڏ شرڪت ڪئي........

ايندڙ ڏينهن اسان کي پاڻيءَ جي ورڇ واري مسئلي کي منهن ڏيڻو هو جنهن تي اسان جي پوري معيشت جو دارومدار هو.

Gul Hayat Institute

”اسان انهيءَ (مسئلي) تي پنهنجيءَ جماعت اندر بحث ڪيو ۽ هڪ نتيجي تي پهتاسين ته جي ٽياڪڙ ٽربيونل ۾ اسان اهو مسئلو کنيو ۽ هڪ موافق/ فائدو ڏيندڙ فيصلو حاصل ڪيو پر انهيءَ کي لاڳو ڪيئن ڪرائينداسين. جڏهن ته نام نهاد ريڊ ڪلف ايوارڊ ۾، غيرمنصفاڻي نموني ٻهراج پارٽ کي ڏنا ويا آهن. انهيءَ ڪري اسان طئه ڪيو ته اوپر پنجاب ۾ واقع ٻهراجن ۾ ڪئنال سرشتي جي وهندڙ حصي جي خرچن ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿيڻ وارو متبادل رستو اختيار ڪنداسين...... هندو هڪ ڊگهي بحث کان پوءِ هڪ ڳاهه تي اچي پهتا. (”دي نئشن ديٽ لاسٽ اِٽس سول“، ليکڪ سردار شوڪت حيات خان، صفحو: 202-203).

”انهيءَ کان پوءِ پارٽي حڪومت دهليءَ ۾ هڪ ڪانفرنس ڪوٺائي. محترم غلام محمد، جنهن جا پارٽين سان مناسب حد تائين سُٺا لاڳاپا هئا، کي پاڪستاني وفد جي اڳواڻي ڪرڻي هئي: محترم ممتاز دولتانا ۽ آئون پاڪستان ٽيم/ وفد جي ٻين ميمبرن ۾ شامل هئاسين. پنڊت نهروءَ سخت رويو اختيار ڪيو پر اسان پنجاب سان واسطو رکندڙن پنهي ڄڻن انهيءَ معاهدي تان ٿِر جيترو به هٽڻ کان انڪار ڪيو جيڪو اسان جالنڌر ۾ طئه ڪيو هو......“ (حوالو ساڳيو صفحو: 204)

پاڪستاني اولهه پنجاب جي اختيارين نه رڳو پارٽ کي پاڻي روڪڻ جي عمل کان باز رکڻ واسطي ٽياڪڙ ٽربيونل سان رجوع ڪرڻ وارو به پاسائون قانوني رستو ڪتب نه آندو پر پاڻي روڪ کان پوءِ هيگ ۾ قائم عالمي عدالت واري عالمي قانوني فورم سان پڻ رجوع نه ڪيو. جيتوڻيڪ اها دعوي ڪئي وئي هئي ته اهڙي ڪابه ڪورٽ اهڙي پڌري ۽ چٽي معاملي، جهڙو پاڪستان جو هو ۾ عالمي قانون هيٺ رليف ڏيڻ کان ڪوبه انڪار نه ڪندي.

سندن روايتي حريف- آبپاشيءَ تي پوڄڻ واري آبادي- سنڌ صوبي کي، سنڌو نظام جي ندين جي پاڻين ۾ پنهنجي رهيل اصلوڪي حصي کان محروم ڪرڻ جي پنجاب اندر هٺرادو نموني پيدا ڪيل، گهري ۽ تاريڪ سازش قرار ڏيندي، ان جي شناخت ڪرڻ، ان کي مجهڻ، نندڻ ۽ ان کي سزا ڏيڻ بدران، ان کي فيصلن جون ”معصوم غلطيون“، ”غيررواجي ساده لوحي“ ۽ تڙي ڪڍيل پروسي طور جاڻائيندي، لاڳاپيل اختيارين ڳجهي ۽ پُراسرار نموني بنهه چٽي ۽ عام مجيل تباهي مچائيندڙ بي قاعدگين جي سلسلي کان لنوائڻ (۽ ان کي ٽارڻ) ۽ مالِ غنيمت بنهي واسطيدار صوبن- اولهه ۽ اوپر پنجاب ۾ ورهائڻ جون ڪوششون (پئي) ڪيون آهن.

محترم محمد علي هن تباهيءَ جي سيني ذميوارن کي بنهه هلڪڙائيءَ سان وٺڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ۽ اولهه پاڪستان جي اختيارين جي پيدا ڪيل پاڪستان لاءِ خسيس/ شرمناڪ، بهيماڻن مسئلن ۽ هٺرادو نموني تباهي مچائيندڙ نتيجن کي، هڪ پاسي پاڪستاني اولهه پنجاب جي حصي تي رڳي ”فرض جي نظراندازي“، ”آرام پسندي“ ۽ ”ذاهپ جي اڻاٽ“ ۽ ٻئي پاسي پارتي

اوير پنجاب اختيارين جي ميڪاوليائي ٻچاپڙائيءَ سان پيٽينديءَ بيان ڪندو وڃي ٿو. قوم ۽ ماڻهن خلاف هر ڪنهن سمجهه ۾ اچڻ جوڳي غيرانساني ۽ غداريءَ لائق عمل ڪرڻ ۽ خلق ۽ خدا خلاف هرهڪ جرم ڪرڻ-جهڙوڪ ڪشمير، 1965ع ۽ 1971ع جي جنگين ۾ پسپائي/ رسوائي، اوير پاڪستان ۾ اسان جي پنهنجن شهرين جي قتل عامن، ۽ اسان جي افغانستان ۾ جاري رهندڙ ۽ نه کُٽندڙ تباهه ڪندڙ مهمن ڪان پوءِ به، اسان جي اطمينان لاءِ هو معصوم ٻالن پولن ماڻهن طور، اسان جي ذهنن ۾ غيرحقيقي خاڪي/ نقشي چِٽڻ واري چڱيءَ ريت آزمايل ۽ پرکيل ۽ شاندار نموني ڪامياب پاليسيءَ کي گڏ ڪٽي ٿو.

”اوير پنجاب جي حصي تي ميڪاوليائي ٻچاپڙائي هئي. اولهه پنجاب جي حصي تي فرض جي نظراندازي/ لاپرواهي، آرام پسندي ۽ گڏيل ڏاهپ جي اڻاٺ هئي، جنهن پاڪستان لاءِ تباهه ڪندڙ نتيجا ڏنا.“ (”دي امرجنس آف پاڪستان“، صفحو: 319، ليکڪ، چوڌري محمد علي.)

هيءُ ڏنو وائٺو عجيب رويو رڳو محترم محمد عليءَ تائين محدود ناهي. تڏهوڪي پنجاب سرڪار جي ٻئي سگهاري ماڻهو سردار شوڪت حيات خان پڻ انهيءَ تباهيءَ جي سنگين پهلوئن ۽ ان جي سيني ذميوارن جي معافي نه تي سگهندڙ جرم کي ڪجهه رسمي سٽن ۾ اظهاريو جڻ ته اهڙن واقعن کي اٽڪر چاڻندي رڳو انهن تي افسوس ڪري سگهجي ها، جيڪي هونئن (اصل ۾) بدبخت غلطيون هيون.

”افسوس، انهن (اوير پنجاب جي حڪومتي اختيارين) پنهنجي (چاڻڪيائي) فلسفي تي هلندي پوئين ڏرسان، ٽياڪڙ ٽريبونل جي خاتمي جي هڪ ڏهاڙي پوءِ اُصولن جي ڀڃڪڙي ڪئي. انهن ماڌوپور ۾ موجود ٻئراج وٽان ۽ فيروزپور ٻئراج وٽان، اسان جي حصي جو پاڻي روڪي ڇڏيو. اها ڳالهه/ خبر مون تائين هڪ صدمي وانگي پهتي.“ (دي نيشن دئٽ لاسٽ اٽس سول_ صفحو: 203)

اڳوڻي اولهه پنجاب جي وڏي وزير ۽ اڳوڻي پاڪستان جي وزيراعظم ملڪ فيروز خان پڻ پنهنجي ڪتاب ”يادگيريءَ منجهان“ (From Memory) ۾ پنجاب جي ٻنهي صوبن جي اختيارين جي ٽياڪڙ ٽريبونل کي ڳُجهي ۽ اڻ اعلانيل عملي نظراندازي (By_passing) کي اڻ سڌيءَ طرح حقي واجبي قرار ڏئي ٿو جنهن:

(الف) ڪين پاڪستان ڏانهن پاڻي وهڪري جي امڪاني روڪ خلاف معاملي جو التوائي حڪم نامو (Stay Order) جي جاري ٿيڻ کي نظرانداز ڪرڻ ۽ ان ڪان بچڻ لاءِ اهل بڻايو.

(ب) مسئلي_ يعني پارتي اوير پنجاب ڏر پاڪستان ڏانهن پاڻي وهڪري روڪڻ جو بهانو رٿيو ۽ پاڪستاني اولهه پاڪستان ڏر برباد ٿي ويل زمينن ۽ چوپاين جي اُڃ وِڪهي مرڻ جو بهانو گهڙيو_ ۾ سنڌ ۽ پاڪستان جي ماڻهن خلاف پنهنجي گڏيل مجرماڻي سازش وارين گهرجن جي پورائي لاءِ،

Gul Hayat Institute

پنهي ڌرين کي گهربل بهانا گهڙي ڏنا. اهڙيءَ ريت، گڏيل پاڻين جي ورڇ جي ايجنڊا، مٿي ڄاڻايل سنڌ- پنجاب پاڻي تڪرار – 1887-1948ع ۾ سنڌ جي گڏيل پاڻين تي حق کان مڪمل طرح لنوايو ويو ۽ عملي طرح ان کي ختم ڪيو ويو ۽ پاڪستان جي گڏيل پاڻين جي خرد برد ڪرڻ ۾ انهن کي پاڻ ۾ ورهائي کڻڻ لاءِ، پوريءَ طرح هڪ نئون رنگ منچ (Stage) ۾ منظرنامو تيار ڪيو ويو.

(ت) سڀ کان پيانڪ تباهيءَ کان اولهه پنجاب کي بچائڻ جي سلسلي ۾، حالتن جي گهڙيل/ بهاني ڪيل جبر، اولهه پنجاب جي اختيارين جي بيوس اٽنر دست برداريءَ جي "ڀَڪَ ڳُجهي" سازشي جالنڌر سمجهوتي جي شرطن جي غداريءَ جوڳي نفاذ لاءِ هڪ بهانو ميسر ڪري ڏنو. نون صاحب، "رواجي عمل طور ڀارت ۽ پاڪستان وچ ۾ پاڻي ورڇ بابت تڪرار نبيرڻ لاءِ هڪ ٻئي جائز ۽ تڏهن موجود/ دستياب سڀ کان وڏي فورم- هيگ ۾ موجود عالمي عدالت کي غيراهم سمجهندي خارج ڪري ٿو. توڙي جو هُو مڃي ٿو تہ اهڙو فورم چٽي عالمي قانون هيٺ آبپاشيءَ تي پوچڙ واري آباديءَ جي حقن کي قائم رکڻ واسطي، پاڪستان جي حق ۾ فيصلي ڏيڻ لاءِ پابند هو. ڀارتين ڀاران اپريل 1948ع ۾ اولهه پنجاب وٽان پاڪستان ڏانهن پاڻي فراهمي اوچتو ئي بند ڪرڻ جو حوالو ڏيندي، نون صاحب چوي ٿو:

"پاڻي تڪرار- جيتوڻيڪ، اهو ايترو اهم نہ آهي، جيترو ڪشمير جو مسئلو. اهو هاڻي نبرجي چڪو آهي. 1947ع ۾، جڏهن راوي ۽ بياس (جي ٻئراجن) وٽان، ڀارت پاڻي روڪيو هو تہ اُج وِڳهي وڏي انگ ۾ چوپايا مُئا هئا ۽ زمينون سُنڊِ ٻڌجي ويون هيون. انهن درياهن تي اسان جي انحصار جي اهميت چڱيءَ ريت اسان جي ذهن ۾ ويڙهل هئي. اهو سڀ کان وڌيڪ غيرقانوني ۽ ظالماڻن طريقن مان هڪ (طريقو) هو جنهن وسيلي ڀارت اسان کي گوڏن ڪوڙائڻ جي ڪوشش ڪري سگهي ها. ڀارت سدائين هيگ ۾ قائم انصاف جي عالمي عدالت ۾ وڃڻ واري اسان جي ڪنهن بہ تجويز جي مخالفت ٿي ڪئي، ڇاڪاڻ تہ ڪابہ عدالت، اُپرندن درياهن جي پاڻيءَ تي اسان جي آبپاشي حقن کان انڪار نہ ٿي ڪري سگهي، پر، اهڙي عدالت ۾ اهڙين (داخل ڪيل) دعوائن کڻڻ مان ڪهڙو فائدو آهي، جيڪڏهن اهڙي ڪنهن بہ فيصلي کي لاڳو ڪرڻ لاءِ ڪنهن معروضي طاقت جي حمايت حاصل نٿي سگهي آهي." ("يادگيريءَ منجهان" (From Memory)، ليکڪ فيروز خان نون، صفحو: 263)

سنڌ جي ماڻهن جو نقطي نظر ۾ موقف هيءُ آهي تہ مُهڙَ واري/ وچولي آبپاشيءَ تي آبادي يعني پاڪستان جي اولهه پنجاب صوبي (ورهاڱي کان پوءِ ڀارتي اوير پنجاب ۽ پاڪستاني سنڌ صوبو ترتيبوار آبپاشيءَ تي مُهڙ واري آبادي ۽ آبپاشيءَ تي پوچڙ واري آبادي ٻڻيا) جي اختيارين، آبپاشيءَ تي پوچڙ واري آبادي- سنڌ، جيڪا انهن گڏيل پاڻين جي قانوني گاڏڙ حصيدار ۽ انهن مان فائدو کڻندڙ هئي، کي حقيقي نموني ڪيڏي ٻاهر ڪندي، سنڌو درياهي نظام جي ندين جي پاڻيءَ جي

Gul Hayat Institute

ذخيري ۾ خردبرد ڪرڻ لاءِ پنهنجي پاڻ ۾ ۽ پنهنجي پراڻي ساٿين- اوپر پنجاب جي صوبائي پارتي اختيارين سان ملي، پنهنجي مجرماڻي سازش ۾ واڌاري طور ٻين گهٽ (قدمن) سميت هيٺيان ناپاڪ ۽ غيرقانوني قدم کنيا:

(1) سنڌ جي پرپٺ، انهن سنڌ ۽ پوري پاڪستان جي بنيادي حقن ۽ مفادن کي هاڃو رسائيندي ۽ انهن کي ڪيڏي پاهر ڪندي، اٽورهايل پنجاب- ورهاڱي کان اڳ واري پراڻي صوبي- جي رهواسين جي گهَرَ جي خاص اندروني معاملي طور ڀارت ۽ پاڪستان وچ ۾ سنڌو واديءَ جي پاڻيءَ جي حقي ۽ منصفاڻي ورچ جي عالمي پاڪ- ڀارت مسئلي سان ورتاءُ رکندي، اڳوڻي اٽورهايل پنجاب جي اُڀرندي ڀارت جي ساٿي رهواسين جي مٿي ٻيانيل اختيارين سان غيرقانوني نموني ۽ غلطيءَ ڀري انداز ۾ ديوقامت، اڻ اعلانيل ڳجهو ناجائز سازشي سمجهوتو ڪيو.

(2) اهو غيرقانوني، ڳُجهو دوکيبازيءَ تي ٻڌل ۽ سازشي سمجهوتو ناقابل ترديد نموني، ثابت ڪري ٿو ته مٿئين سازش ۾ ڪاميابيءَ جي گهُرجن طور، سنڌن ارادو پاڪستان ۽ ڀارت وچ ۾ هٽرادو وڏو پاڻي بحران ۽ انهيءَ جي نتيجي ۾ عالمي ۽ علائقائي امن لاءِ هڪ هٽرادو سنگين خطري پيدا ڪرڻ وارو هو اهڙيءَ ريت، مٿئين هٽرادو نموني پيدا ڪيل غيرحقيقي خطري جي رخ موڙڻ جي بهاني، سازش جي ڏوهه ۾ شريڪ اوپر پنجاب جي پارتي اختيارين، غيرقانوني ۽ غيرمنصفاڻي نموني ٻين شين سان گڏ، سنڌو نظام جا سڄا سارا ٽي درياهه راوي، ستلج ۽ بياس، ڦبايا ۽ (سازش جي) ڏوهه ۾ شريڪ ٻي ڌر- تڏهوڪي اولهه پنجاب جي اختيارين، ٻين شين سميت، سنڌ کي حقيقي طرح ڏار رکندي باقي رهيل ٽن درياهن جو حقيقي ڪنٽرول ۽ مالڪي ۽ ڪروڙن جي ماليت جا انجنيئري ڪمَ پوري پاڪستان جي قيمت تي، ظاهري طرح ته سڄي اولهه پاڪستان لاءِ پر، اصل ۾ پنهنجي (اولهه پنجاب جي فائدي) لاءِ تعمير ڪيا.

(3) انهيءَ سمجهوتي پٽاندر، انهن پاڻين واسطي، ڀارت جي اُبتڙ، هنن پاڪستان جو مجاز قانوني اختياري- ٽياڪڙ ٽربيونل، جيڪو ڀارت ۽ پاڪستان ٻنهي رياستن جي گڏيل راضپي سان، انهيءَ (تڪرار جي نبيري واري) مقصد لاءِ قائم ڪيو هو اڳيان انصافي مقدمو پيش نه ڪيو.

(4) هنن پهرين اپريل 1948ع، جڏهن عبوري انتظام پڄاڻيءَ تي رسٽا هئا، ڪان پوءِ ريڊ ڪلف ايوارڊ وسيلي، پنهنجن ٻئراجن، جيڪي هينئر ڀارت رهجي ويا آهن، مان نڪرندڙ پاڪستاني ڪئنالن ۾ پاڻين جي وهڪري کي روڪڻ واري اوچتو ئي مٿان اچي ڪڙڪندڙ خطري خلاف بچاءَ لاءِ التوائي حڪمنامي لاءِ درخواست نه ڪئي.

(5) ساڳئي غيرقانوني ۽ دوکيبازيءَ تي ٻڌل ارادي سان، هنن ٽياڪڙ ٽربيونل جي چيئرمين ۽ اڳوڻي هندستاني جي چيف جسٽس سر پيٽرڪ اسپينس، جي، سڄي معاملي تي حتمي فيصلي کي

Gul Hayat Institute

محفوظ رکندي، پاڪستان ڏانهن پاڻين جي تنهن زماني ۾ موجود فراهميءَ جي مستقل وهڪري کي يقيني بڻائڻ واسطي التوائي حڪمنامي (Stay Order) لاءِ تجويز ڪيل آڇ قبولڻ کان انڪار ڪيو.

(6) هنن اهو معاهدو (۽ انهيءَ جو تفصيل) ڪڏهن به پڌرو نه ڪيو جيڪو ڀارت ۽ پاڪستان وچ ۾ پاڻيءَ جي اثاثن جي ورڇ بابت عام مڃيل نموني جالنڌر ۾ اوير پنجاب جي اختيارين سان طئہ ڪيو هئائون.

(7) سنڌ مخالف، پاڪستان مخالف سازشي عملن تي، (ارادي سان خطرناڪ حقيقتن لڪائڻ واري) ڍَڪُ رکڻ (Fig_Leaf Cover) لاءِ، هنن هڪ بي بنياد بهانو گهڙيو ۽ اڻ سڌيءَ طرح مڙهيو جيڪو سرڪاري سطح تي جوڙيل پاڪ- ڀارت ٽياڪڙ ٽريبونل اڳيان پنهنجو مقدمو (Case) درست نموني رکڻ جي عام رواجي، درست ۽ طئہ ٿيل طريقيڪار سان نہ پيش ڪرڻ ۽ ٽريبونل کان ڀارت پاران پاڻيءَ جي ممڪن اوچتي بندش خلاف التوائي حڪم نامي (Stay Order) حاصل نہ ڪرڻ جي سلسلي ۾ پنهنجين اختيارين لاءِ جواز گهڙڻ جي ڪوشش ڪندڙ مختلف اڳواڻن جي ظاهري طرح اتفاقي تبصرن / راين مان اظهارجي ٿو.

(8) هيءُ اٽسڌي نموني ۽ مار پريي نموني آڇيل بهانو اهو هو تہ ٽالثي ٽريبونل سان رجوعُ بي لاڀ عملُ هو ڇاڪاڻ تہ ان جو فيصلو طاقتور (ڌر) ڀارت خلاف نٽي ٿِي سگهيو.

(9) هرڪو ڄاڻي ٿو تہ 1948 ع جي سال جي شروعات ۾ ڀارت ڪو اوچتو راتورات پاڪستان کان گهٽو وڌو ۽ سگهارو بڻجي نہ پيو هو. پاڪستان ۽ ڀارت جي نين رياستن کي جوڙيندڙ علائقن جي ايراضي، ماڻهو ۽ وسيلا ڪڏهن بہ هڪجيترا نہ رهيا هئا. اهي علائقا جيڪي هاڻوڪي ڀارتي رياست جوڙين ٿا، اهي انهن علائقن کان سدائين گهٽا وڌا رهيا هئا، جيڪي هاڻوڪي پاڪستاني رياست جوڙين ٿا. اها چِٽي واضح حقيقت سيني ڄاتي پئي، جڏهن پاڪستان جي گهُر ڪئي ويئي پئي ٺوٺي جڏهن ڀارت ۽ پاڪستان- ٻنهي ڌرين ورهاڱي واري ڪميٽي ۽ ٽياڪڙ ڪميٽيءَ جي جوڙجڪ سميت، ورهاڱي جي بين انتظامن تي راضپو ڏيکاريو هو. ٽياڪڙ ٽريبونل جهڙي گڏيل نموني اتفاق سان جوڙيل فورم کان پنهنجي اوچتي ٻائيڪاٽ ڪرڻ/ واسطي ٽوڙڻ، ٻئي عوام ۽ پاڪستاني صوبن جي پرپٺ، رات جي انڌيري ۾، ٻنهه ڳُجهي، ڄاڻي واڻي لڪ ۾ نہ آنڌل ۽ اڻ اعلانيل، ذاتي، پنجاب جي حدن تائين محدود سمجهوتي ۾ داخل ٿيڻ ۽ لاڳاپيل پاڪستاني ڪئنالن ۾ پاڻيءَ جي مستقل وهڪري جي بچاءَ واسطي ٽياڪڙ ٽريبونل جِي التوائي حڪنامي جي لڱ پڳ نشانبر آڇ کي ٺُڏڻ کي لازمي ۽ درست قرار ڏيڻ لاءِ اولهہ پنجاب جي اختيارين مٿان ڀارت ۽ پاڪستان جي نسبتي سگهہ بابت الهام ڪو آسمانن مان اوچتو ئي نازل نہ ٿيو هو. حقيقي مقصد هو: ڀارت پاڻيءَ جي اڳواٽ رٿيل روڪ لاءِ ميدان تيار ڪري، اولهہ پنجاب جون اختياريون هندو ڇاڻڪيائي دغابازيءَ ۽ پاڪستان تي اوچتو ڪڙڪي اچي پوندڙ تباهيءَ تي گهوڙا گهوڙا ڪن ۽

Gul Hayat Institute

نيٺ وڃي (مامري کي) سولو ڪن ۽ سنڌ کي حقيقي طرح (سچي مامري کان) ٻاهر رکندي نوان پنجابي صوبا ـ اولهه ۽ اوپر پنجاب ـ پنهنجي پاڻ ۾ سنڌو نظام جي ڇهن ئي درياهن جي پاڻيءَ جي جهجهي مقدار جي وِرڇ جو نتيجو ماڻين.

پاڪستان وانگي جُهد ۾ جُتيل قومون ۽ ملڪ، پنهنجن قومي مسئلن ۽ للڪارن کي، ان نموني، مهاڏو ناهن ڏينديون. جنهن نموني، قائداعظم جي نمائندن طور اولهه پاڪستان جي اختيارين ڪري ڏيکاريو آهي.

شروع ۾ ڪمزور، نِبلَ قومون ۽ سندن آزاديءَ جون تحريڪون ـ جهڙوڪ انگولا، موزمبيڪ، نامبيا، ڏکڻ آفريڪا، الجيريا، ڪيوبا، لائوس، ڪمبوڊيا، ڪوريا، فلسطين وغيره جون تحريڪون ـ پنهنجن مخالفن، ويرين جي غالب سگهه جي ڪري پنهنجي جدوجهد کان هٿي ڪين ٿيون ٻيهن. ايستائين جو پاڪستانَ پاڻ، پنهنجي پاڙيسريءَ سان هڪٻئي پٺيان مقابلن ۾، پنهنجين سمورين نسبتي ڪمزورين هوندي، ڪڏهن به گڏيل قومن جهڙي بدنام نموني ڪمزور ۽ عملي طرح بي لاپ (۽ بيڪار) عالمي نبيري واري فورم جو بائيڪاٽ نه ڪيو ۽ ڪڏهن به ڀارت جي آڏو نه مڃي ۽ ڪڏهن به سندس اعليٰ تر سگهه جي ڪري ان سان ڪن به گُجهن، اعلان نه ٿيڻ جوڳن، خسيس ۽ تاريڪ سمجهوتن ۾ شامل نه ٿيو.

(11) برطانوي سامراج جي اڳوڻن تلوارباز سپاهين طور مشهور اولهه پنجاب جون اختياريون اوچتوئي ڏنل هَجيل رڍن ۾ تبديل نه ٿي پيون هيون. جيڪي شينهن ـ ڀارت جي نظر پوڻ تي (ڏپ ۽ دهشت مان رڙيون پئي. اهي رڳو تمام جتادار بنهه خود غرض ۽ اڳين کان اڳرن دائن لاءِ جُوا کيڏي ۽ ڊرامي بازي ڪري ٿي سگهيون. واقعن جي لڳاتار گذرڻَ ثابت ڪيو آهي ته سواءِ ڪنهن شڪ جي، اهي وڏي ڪيڏَ ۾ رُڌل هئا، (۽) جيت ماڻڻ لاءِ ئي رڳو مٿيون روڳي روپ اختيار ڪري شڪار ٿي رهيا هئا ۽ نوڙت نماڻائيءَ کان ڪم وٺي رهيا هئا.

(12) اها شيءِ جنهن لاءِ انهن هٿرادو بحران پيدا ڪيو هو اها، بلاشڪ، سندن بڻ متاثر ٿيل ڪئنالن لاءِ پاڻي فراهميءَ جي رڳي بحالي نه هئي. هنن اڪيلي پنجاب لاءِ پاڪستاني پاڻين جي جهجهي مقدار کي موڙي ڪٽي وڃڻ واسطي، پنجاب ۾ ڏيمن ۽ لنڪ ڪئنالن جي اڏڻ لاءِ پاڻيءَ جي فراهميءَ جي هٿرادو نموني پيدا ڪيل عدم رسائيءَ کي استعمال ڪرڻ ٿي چاهيو.

”آئون پڪي نموني ان خيال جو هئس ته سُتَت ئي اسين پنهنجي بهتر مستقبل لاءِ پنهنجا ڊئم ۽ لنڪ ڪئنال اَڏينداسين. جڏهن، 1953ع ۾، آئون وڏو وزير بڻيس ته مون پنهنجو اهڙو خيال مرڪزي حڪومت ۽ محترم معين الدين، سي. ايس. پي، جيڪو پاڪستان پاران انهن ڳالهين جي وفد جو انچارج هو سان اظهاريو ۽ مون کي اِهو چوندي سَرهائي پئي ٿئي ته نيٺ منهنجا خيال قبول ڪيا ويا. (”يادگيريءَ منجهان“، ليکڪ فيروز خان نون، صفحو: 264)

(13) اهي عالمي سطح تي ”شينهن درياهه“ طور شهرت رکندڙ ٻلوان سنڌوءَ کي سوگهي ڪرڻ ۽ ٻانهي بڻائڻ لاءِ موت جو ڄارُ وڇايو ويندا هئا ۽ اهڙيءَ ريت صحرا ۾ تبديلي ڪري رهيا هئا ۽ تباهه ڪري رهيا هئا- پنهنجي هڪ صدي پراڻي حريف- سنڌ کي، اتفاق سان جيڪا باب الاسلام هئي ۽ جنهن پنهنجي صوبائي اسيمبليءَ وسيلي پاڪستان جو نهراءُ سڀ کان اڳ پاس ڪيو هو ۽ جنهن پنهنجي صوبائي راڄڌاني، پاڪستان ۽ قائداعظم کي، سندس پهرين گهر جوڙڻ ۽ پاڪستان جي راڄڌاني قائم ڪرڻ لاءِ ڏني هئي.

(14) جيئن ئي ڊرامي جو پهريون منظر ڪامياب نموني ادا ٿِي چڪو ته سارو ڳُجهه پڌرو ٿيڻ شروع ٿيو. ايتري تائين جو ظاهري ڏيک کي برقرار رکڻ واسطي وفاق جي مُنهن مُهانڊي کي ڪنهن حد تائين بحال رکڻ جي گهرج ۽ وفاق ناهيندڙصوبن جي حقن لاءِ احترامُ ڀُهاري هڪ پاسي ڪيو ويو. اُهي نَهه پَهه سنڌو قبائڻ لاءِ سنپيري بيٺا ۽ ان جي پاڻيءَ ۾ خرد برد ڪرڻ لاءِ، سنڌ جي پرپُٺ، سروي ۾ رٿابندي شروع ڪيائون.

”پارٽين پاران ڪئنالن جي پاڻين جي وهڪري روڪڻ کان سُتَت پوءِ، مون اولهه پنجاب جي انجنيئرن کي جهلم ۽ سنڌو درياهن تي (پاڻي) ذخيرو ڪندڙ ڊيمن لاءِ ماڳن مڪانن جي سروي ڪرڻ لاءِ چيو. اهڙن ماڳن ۾ منگلا، جهلم نديءَ تي، ڪاميابيءَ جي امڪانن جي لحاظ کان بهتر ماڳ هو. سنڌو درياهه تي دربند ماڳ شروع ۾ پسند ڪيو ويو پر پوءِ ايپاسن تربيلا کي وڌيڪ مناسب ماڳ ڄاتايو. (”دي امرجنس آف پاڪستان“، ليکڪ چوڌري محمد علي، صفحو: 325)

اسان جي ذوهن ۾ وڪوڙيل سياسي نظام جي شيطاني ۽ سازشي ڪرتوتن جي پس انديشي ۽ ان جي جديد بينڪي، آپيشاهاڻي ۽ جابراڻي رياستي سرشتي جي آپگهاتي حرفتن جي فائدي سان، اهڙي اندازي ڪرڻ ۾ آساني قوتن ماڻڻ جي ڪا گهڻي ضروري نه آهي ته وقت جي پاڪستاني اولهه پنجاب وارين اختيارين، نئين نڪور رياستي جوڙجڪ جي گهٽ هٽ چڙهندڙ تاريخي موقعي جي پوري جي پوري ممڪن فائدي کڻڻ جو پڪو پختو فيصلو ڪري ورتو آهي- اها رياست جنهن مان:

Gul Hayat Institute

(الف) سندن بالادست صوبي جي مڪمل تسلط ۾ اچي پوڻ ۽ اهڙيءَ ريت پت ۾ ڪبر/ تنگ اڙائيندڙ برطانوي هندستان جي مرڪزي حڪومت جي انهن مستقل پريشانين، لڳاتار دخل اندازيءَ جي هميشه لاءِ خاتمي ۽:

(ب) محمد علي جناح جي تصور ڪيل پاڪستان جي گهڻ-قومي، وفاقي، جمهوري ۽ آزاد خيال رياست سان پنهنجي هڪ فتح ڪيل علائقي طور ورتاءُ رکڻ ۽ ان کي استعمال ڪرڻ ۽ هڪ خوشگوار متبادل نالي جي تختيءَ هيٺ، ان کي لازمي طرح ”گريٽر پنجاب“ جي وحداني، آپيشاهاڻي ۽ بالادست

رياست ٻڌائڻ ۾ نالي ماتر وفاقي حڪومت ۾ ان جي سويلين ۾ نان سويلين طاقتن کي، گريٽر پنجاب جي حڪمران طبقي جي مستقبل مفادن جي نوڪرن ۾ محافظن طور استعمال ڪرڻ ۾ ورتاءُ رکڻ ۾.

(ت) جڏهن ٻه مٿين مستقل مفادن جي پيشقدميءَ ۾ تحفظ لاءِ ضروري هجي ته بي رحماڻي نموني ظالماڻن قانونن، آمراڻن راڄن ۾ خالص دهشت ۾ هٿياربند ڪارروايُن کي اختيار ڪرڻ جو امڪان رکيو ويو آهي.

اِن سوچ جو پهريون ڏاڪو نئين ملڪ جي معاشي فتح هو جنهن جو پهريون ۾ مُک اسم پاڻي هو. ان مان اها شيءِ ظاهر ٿئي ٿي ته هنن مهم جُو عنصرن پنهنجي مقصد ماڻڻ لاءِ حڪمت عملي، حرفتبازين ۾ پاليسين جو هڪ انتهائي چالاڪيءَ پريي سِتاءَ سميت هڪ بنهه ڪامل، جامع، ڏگهي مُدي وارو، گهڻ پاسائون ۾ گهٽ ڏاڪائون منصوبو سوچي رکيو هو. واقعن جو لڳاتار سفرُ، صاف نموني، اشارو ڪندي هلي ٿو ته انهن ڏاڪي ٻه ڏاڪي ڪنهن قدر هينين ڳالهين تي عمل ڪرڻ جي رٿابندي ڪئي هئي:

(1) ورهاڱي کان پوءِ پارت ۾ پاڪستان وچ ۾ پاڻيءَ جي اثاثن جي ورڇ جي موقعي جو فائدو وٺندي:

(الف) بهانو گهڙڻ ۾ اهو ميرائڻ ته درياهن جي پاڻين جي حقن ۾ قانوني جوابدارين جا عالمي قانون توڙي آبپاشيءَ تي مُهڙ ۾ پوڇڙ وارين آبادين جا تصورَ سندن حقَ ۾ قانوني جوابدارين کو وجود نٿا رکن يا گهٽ ۾ گهٽ اهي پاڪستان اندر لاڳو نٿا ٿين.

(ب) بهانو گهڙڻ ته پارت ۾ پاڪستان وچ ۾ آبپاشيءَ تي پوڇڙ واري آبادي هڪ آهي ٻه نه، رڳو پنجاب آهي سنڌ نه.

(ت) پنجاب ۾ سنڌ مان گذري سمنڊ تائين ويندڙپاڪستان جي گڏيل پاڻين سان اٽورهايل پنجاب- جيڪو تازوئي پنهنجن اُلهندن ۾ اُيرندن حصن يعني اوير ۾ اولهه پنجاب جي نون صوبن- وچ ۾ ورهايو ويو آهي- جي اڪيلي سر ملڪيت طور ورتاءُ رکڻ.

(ث) انهن واعدن جي بنياد تي، پنهنجي فرمانبردار مرڪزي حڪومتي ذريعي، انهن پاڪستاني پاڻين جي اڪيلي مالڪ ۾ وارث طور، رڳو اولهه پنجاب صوبي نمائندن کي گڏيل پاڻيءَ جي اثاثن جي فيصلي لاءِ پارت سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ لاءِ مطلق حق ۾ اختيار ڏيڻ.

(2) سنڌ واديءَ جي پاڻي وسيلن کي پنهنجي پاڻ ۾ ورهائڻ لاءِ پارتي صوبي اوير پنجاب جي اختيارين سان ڳُجهو ناهه ڪرڻ. انهيءَ حقيقت تي اعتبار ڪرڻ ته گڏيل پنجاب، هڪ اڪيلي وجود طور صدين کان موجود رهيو هو ۾ انهيءَ اڪيلي وجود/هستيءَ جي حيثيت سان، گڏيل پاڻين جي غيرقانوني استعمال جي سلسلي ۾، هندستاني سرڪار وٽ هن خلاف سنڌ پاران درج ڪرايل شڪايتن ۾، اهو ملزم هو.

Gul Hayat Institute

اهڙيءَ ريت، پاڻي تڪرار ۾ سندن مفاد، سندن گڏيل تاريخي حريف ـ سنڌ جي اُبتڙ وڌيءَ حد تائين ساڳيا هئا. ورهاڱي جي وڌن ۾ رتوچاڻ ڪان پوءِ بہ، بنهي پاسن لڳي ٿو تہ محسوس ڪيو آهي تہ هيءَ بنهي جي ڪرڻ لاءِ سپ ڪان سولي، سپ ڪان وڌيڪ فائديمند ۽ مهلائتي شيءِ هئي.

(3) اهڙي ڳُجهي ٺاهہ جي شرطن هيٺ، ڀارت پاران پاڪستاني ڪئنالن ۾ پاڻي فراهمي روڪڻ خلاف التوائي حڪمنامي (Stay Order) جي ماڻڻ کي پاڪستاني الهندي پاسي پاران ترڪ ڪرڻ ۽ هندستاني اُپرندي پاسي پاران پاڪستاني ڪئنالن جي پاڻيءَ جي اڳواٽ رٿيل روڪ کي جاري رکڻ وسيلي، گڏيل سازشين ـ اڳوڻي گڏيل پنجاب جي اُپرندن ۽ اُلهندن حصن ـ وچ ۾ هٿرادو نموني پاڻي تڪرار پيدا ڪرڻ، ڀارتي پنجاب جو ڪٽر انداز اختيار ڪرڻ ۽ پاڪستاني پنجاب جو بيوس ۽ گهايل معصوميت وارو انداز اختيار ڪرڻ.

(4) پاڻيءَ جي اهڙي اڳواٽ رٿيل روڪ جي نام نهاد هاڃيڪار اهنجائيندڙ اثرن بابت رڙيون دانهون ڪري آسمان مٿي تي کڻڻ ۽ قيامت جي ڏينهن جهڙي هنگامي صورتحال جي بهاني هيٺ، واضح نموني ڀارت سان ڳُجهي سمجهوتي جي ڪردار ادا ڪرڻ طور، ٻُڌن مُٺ تي سنڌو سرشتي جا ٽي گڏيل درياهہ ڀارت کي وڪڻُڻ.

(5) هٿرادو نموني پيدا ڪيل پاڻي روڪ کي وڌائي چاڙهي برندڙ عالمي تڪرار طور پيش ڪرڻُ (۽ اهڙيءَ ريت) عالمي امن ۽ تحفظ کي خطري ۾ وجهڻ.

(6) سنڌ جي قيمت تي، انهيءَ نام نهاد برندڙ عالمي تڪرار جي نام نهاد نبيري لاءِ نام نهاد ڳالهين ۾ اولهہ وارن ملڪن ۽ عالمي بئنڪ کي شريڪ ڪرڻ لاءِ سرد جنگ جي عالمي وايي منڊل کي واهپي ۾ آڻڻ.

(7) نيٺ انتظامي دهشت وسيلي ون يونٽ لاڳو ڪري، سنڌ کي چُپ ڪرائي ڇڏڻ ۽ اهڙيءَ ريت هڪ خودمختيار صوبائي هستيءَ طور سنڌ جي حقيقي وجود کي ختم ڪرڻ ـ اها خودمختيار صوبائي هستي، جيڪا اُن گڏيل پنجاب، هاڻي جيڪو سازشي انداز ۾ اولهہ ۽ اوير پنجاب جي ٻن الڳ ۽ مخالف صوبن جي صورت ۾ پنهنجي حريف (سنڌ) خلاف عمل ۾ جُنبيل آهي، جي اڳوڻي صوبي سان تاريخي پاڻي تڪرار ۾ قانوني ڌر ۽ فريادي جي حيثيت سان، قائداعظم جي اڳواڻيءَ هيٺ، ڪئين ڏهاڪا ڊگهي، بهادراڻي جدوجهد وسيلي حاصل ڪئي هئي.

(8) انتظام سان لاڳاپيل فني نوعيتون لڪائيندي ۽ فطري انصاف جي اُصولن جي کُلي ڀڃڪڙي ڪندي، ڳالهيون ڪندڙ ٽيم مان غيرقانوني نموني سنڌي نمائندن کي ڪڍي ڦٽو ڪرڻ ۽ پاڪستان جي پاڻين جي اڪيلي والي وارث طور ڪردار ادا ڪرڻ.

(9) جيڪڏهن ضروري هجي تہ (پنهنجن) حقيقي آقائن جي ناپاڪ عمل جي نقش قدم تي هلندي، هڪ هٿيار طور، مارشل لا نافذ ڪرائڻ.

Gul Hayat Institute

سنڌي عوام جو اهو پڪو پختو ويساهه. نقطي نظر ۽ موقف آهي ته 1947ع جي ان ڏينهن- جڏهن، آبپاشيءَ تي پوچڙ واري آبادي، سنڌو درياهي نظام جي پاڻين جي گڏيل حصيدار سنڌ کي ناجائز طريقي ۽ ڪُپتِ سان ۽ غيرقانوني نموني پاڪستان جي انهيءَ وفد مان ٻاهر ڪڍيو ويو جنهن کي پاڪستان ۽ ڀارت وچ ۾ سنڌو درياهي نظام جي پاڻين جي ورهاست جي نبيري لاءِ ڳالهيون ڪرڻيون هيون- ڪان وٺي سنڌ جي پاڻيءَ جي آخري ڦڙي پڻ ڦبائڻ لاءِ تازي مڙهيل هٿرادو پاڻي ڪوٽ، گريٽر ٿل ڪئنال ۽ ٻين رٿائن تائين عملن ۾ ڪارگذارين جي لانئِ، انتهائي خطرناڪ، پاڪستان دشمن، سنڌ دشمن مجرماڻي سازش جو حصو آهي، جيڪا پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ ڪان وٺي اڄ ڏينهن تائين جي سموري عرصي تائين پکڙيل آهي. انهيءَ چوڻ جي ڪابه گهرج ناهي ته وفاقي حڪومت جو مٿيون فيصلو مڪمل طرح غيرقانوني، دائره اختيار کان خارج ۽ ڪنهن به قانوني اثر کان ٻاهر ۽ شروع کان غيرموثر يعني اهڙي شيءِ هو جيڪا ڪڏهن به وجود ۾ نه آئي هئي. سپ انتظامَ ۽ فيصلا، سڄي اعليٰ ايوان مان (طئہ ٿي) ظاهر ٿيندڙ وفاقي حڪومت جي انهيءَ غيرقانوني ۽ غيرموثر فيصلي جي غيرقانوني ۽ غيرموثربنياد تي ٻڌل هئا، ڇاڪاڻ ته انهن ڳالهين ۽ فيصلن جي عمل مان سنڌ، آبپاشيءَ تي پوچڙ واري آباديءَ کي خارج ڪيو ويو هو (۽) مڙني لاڳاپيل صوبائي ڌرين جو ذڪر ڪيو ويو هو انهيءَ ڪري، اهڙين ڳالهين ۽ فيصلا (اهڙيءَ ريت اهڙا فيصلا ملڪي توڙي سڌريل دنيا جي قانون جي نظر ۾ غيرموثر/ ڪالعدم ۽ قانوني حيثيت کان وانجهيل هئا.

بيشڪ مٿين الزامن جي گواهي ڏيڻ ۽ انهن جي حمايت لاءِ ڪوبه اکئين ڏٺو شاهد موجود نه آهي، تنهنڪري ڪنهن اکئين ڏٺي شاهدن کان سواءِ اوهين اهڙن الزامن کي ثابت ڪيئن ڪريو ٿا؟

سوال آهي: ”ڇا اهڙا ڏوهه سزا کان سواءِ وڃڻا هوندا آهن. ڇاڪاڻ ته ڪوبه قسم کڻي ۽ ڇئي نٿو سگهي ته: ”مون اهو ڏوهه ٿيندي ناهي ڏٺو؟“ جهڙيءَ ريت پاڪستان جي سپريم ڪورٽ جي فُل بئنچ فقو ميان جي مقدمي 1969، پاڪستان ڪرمنل لا جنرل. 1193) ۾ چيو آهي: ”جڏهن قاتل گهر ويٺي ڪنهن ڏوهاري منصوبي تي غور ويچار ڪندا آهن ته اهي ٻاهرين کي ڪن لائي ٻُڌڻ جوڳو ڪرڻ لاءِ انهيءَ سازش (کي عام ڪرڻ) لاءِ رٿيون ناهن ڪندا. (صفحو: 1194).

پاڪستان جي سپريم ڪورٽ (قانوني طرح) اهو بيان ڪيو آهي ته اهڙين حالتن ۾ جتي ڪوبه سڌو ثبوت موجود نه آهي ته ان صورت ۾، اهو معلوم ڪرڻ لاءِ ته ڪهڙي طريقي گناهه ڪيو ويو هو عدالتن کي اڻسڌي ثبوت جي روشنيءَ ۾ امڪانن يا حالتن تي ٻڌل اهڙي ثبوت کي جانچڻ گهرجي، جيڪو اڳي ڪڏهن دريافت ڪري قائم ڪيو ويو هجي، اهو طريقيڪار ثبوت جي ٻئي ڪنهن به

نموني ڪان فيصلي لاءِ بهتر بنياد چڱي نموني فراهم ڪري سگهڻ جهڙو هوندو. [2000 ايس سي ايم آر 1969 ع (2046)].

اميرالدين جي مقدمي (پي ايل ڊي، 1967ع لاهور 1190) ۾ لاهور هاءِ ڪورٽ (قانون جي روشنيءَ ۾) اهو بيان ڪيو آهي: ”پنهنجي حقيقي ڪيفيت جي لحاظ کان غيرقانوني حرڪت جي سازش ڳُجهي ۽ لُڪي ڇُپي هوندي آهي، ۽ جيڪڏهن شاهديءَ جي وضع..... ڪنهن (سازش بابت) معاهدي جي شڪل ۾ رکي ويئي آهي ته پوءِ سازش جو ثبوت ناممڪن بڻجي پوندو، جنهن ڪي هاڪاري نموني ثابت ڪرڻو پوندو.“

سيد قائم علي شاهه جي ڪيس (1992ع، پاڪستان ڪرمنل لا جنرل، 242) ۾ سنڌ هاءِ ڪورٽ مٿين قانوني موقف جو تاڪيد ڪيو ۽ (ان ۾) واڌارو ڪيو: ”جيڪڏهن هڪ ظاهري مقصد ڏانهن لاڙو رکندڙ ڪيترن ئي ماڻهن ڪيترائي قدم کنيا آهن (ته اهڙيءَ حالت ۾) اهو اندازو ڪري سگهجي ٿو ته اهي ماڻهو اهڙي نتيجي آڻڻ لاءِ مِڙي مُٺِ ٿيا هئا. جيڪو سندن هلت يا حالت مان چٽي نموني ظاهر ٿئي ٿو ته اهو انهن حاصل ڪرڻ گهريو پئي. (صفحو: 50_249)

مختيار احمد جي ڪيس (200 ايم ايل ڊي، 77) ۾ لاهور هاءِ ڪورٽ فيصلو ڏنو آهي. ”سازش هڪ اهڙو ڳُجهو عمل يا رٿا آهي، جيڪا ڏوهاري ذهنن جي (تنگ) ۽ اونداهين گهٽين ۾ جنم وٺي ٿي ۽ ان وقت پڌري ٿئي ٿي، جڏهن ان جا خارجي نتيجا چاتا ويا آهن..... اهو ڏنو ويندو ته هڪ واقعي جي رونما ٿيڻ ۽ صورتحال جو وجود هڪ شيءِ آهي ۽ اڳيئن مرحلي ۾ انهيءَ خاص طريقيڪار ڪي ثابت ڪرڻ، جنهن ۾ اهو واقع ٿيو هو يا موجود ڏنو ويو هو بلڪل ٻه الڳ شيون آهن. قبولڻ جوڳي قانوني معيار جي مناسب نشاندهيءَ وسيلي ڪنهن سازش جي ثابت نه ٿيڻ جو مطلب هرگز اهو نه هوندو ته اهڙو واقعو ٿيو ئي نه هو. سازش ڪي ثابت ڪرڻ ڪو ايترو سهنجو ڪم ناهي. (صفحو: 80_81)

رياست بمقابله منظور احمد جي ڪيس [پي ايل ڊي، 1966، سپريم ڪورٽ 664] ۾ پاڪستان جي، جسٽس اي آر ڪانيلئيس (Cornelius)، جسٽس حمود الرحمان ۽ جسٽس محمد يعقوب، جيڪي ٿيئي پاڪستان جا اڳوڻا چيف جسٽس هئا، تي ٻڌل هڪ فُل بئنچ اڻ سڌيءَ ۽ واقعاتي ثابتيءَ جي اهميت جي سلسلي ۾ هيٺينءَ ريت قانون لاڳو ڪيو:

”اهڙيءَ حالت ۾، جڏهن ڪابه سڌي ثابتي موجود نه آهي..... ته اهو چوڻ ڪافي نه آهي ته جيئن ته سنگين مجرماڻي عمل ۾ ڪنهن (شخص) ڪي ملوث ڄاڻائڻ لاءِ ڪابه سنئين سڌي ثابتي موجود نه آهي، تنهنڪري ڏوهه متعين نٿو ڪري سگهجي.“

افضل حسين جي مقدمي (1991ع، پاڪستان ڪرمنل لا جنرل، صفحو: 113) ۾ لاهور هاءِ ڪورٽ چيو آهي:

Gul Hayat Institute

” قانون حالتن تي ٻڌل شاهديءَ کي فوجداري انصاف جي حوالي سان سدائين هڪڙو قانوني رهنما طور ليکيو آهي ۽ جيڪي حالتون ڪنهن معقول شڪ کان سواءِ ثابت ٿين ٿيون. سي ٻئي ڪنهن بہ قسم جي شاهديءَ جي ڀيٽ ۾ فوجداري ڪيسن جي فيصلي جو بهتر بنياد بڻجي سگهن ٿيون. جيڪڏهن ڪي اهڙيون ڏوهاري ثابت ڪندڙ حالتون نظر اچن. جيڪي جوابدار کي مڪمل طرح بيڏوهي قرار ڏيڻ واري ڳالهہ سان ٺهڪي نہ سگهن. يا جيڪي جوابدار کي ڏوهي ليکڻ کان سواءِ ٻئي ڪنهن بہ معقول مفروضي سان ٺهڪي نہ اچن. تہ پوءِ اهڙيون حالتون اهڙي ڪيس ۾ جوابدار کي ڏوهاري قرار ڏيڻ لاءِ جائز بنياد بڻجي سگهن ٿيون.“

مٿئين موقف جي روشنيءَ ۾، اچو تہ اهو ڳولڻ جي ڪوشش ڪريون تہ مٿئين مسئلي ۾ لاڳاپيل اختيارين جي هلت چلت، هر لحاظ کان عام معيار پٽاندر ۽ ايمانداراڻي آهي يا نہ!؟ ۽ جيڪڏهن نہ، تہ پوءِ انهن بي اعتدالين لاءِ سمجهہ ۾ ايندڙ ۽ مناسب وضاحت موجود آهي يا نہ!؟

هيٺ ڪجهہ اهم سوال آهن. جيڪي ان طريقيڪار مان اُٿن ٿا. جيڪو پنجاب جي اختيارين هن مامري کي منهن ڏيڻ لاءِ اختيار ڪيو آهي.

(1) ڇا اولهہ پنجاب اختيارين جا، اجتماعي يا انفرادي نمونې، مٿي ڄاڻايل مسترد يا منظور ڪرڻ جا عملَ، رياستي ڪاروهنوار جي سرانجاميءَ جي عام رواجي ۽ معمول جي طريقيڪار سان ٺهڪندڙ هئا ۽ ڇا اولهہ پنجاب اختيارين جي هلت ۽ رويو ساڳين حالتن اندر، ڪنهن وفاق جي ساڳئي نموني مقرر ڪيل اختيارن جي هلت ۽ رويي سان ميل کائيندڙ هو؟

(2) ڇا اهي سڀ عجيب عملَ انفرادي يا/ ۽ اجتماعي طرح، بس رڳو ڪيترن ئي فردن جي اتفاقي، ذاتي ۽ الڳ ٿلڳ عملن طور ڀانئي سگهجن ٿا. جيڪي اهي ڪنهن گڏيل غرض، مقصد، موافعت ۽ ارادي کان سواءِ، بي سمجهيءَ واري نموني ۽ حادثاتي طور، سرانجام ڏيئي رهيا هئا؟

(3) جڏهن هندستان جي ورهاڱي جو فيصلو ٿيو هو ۽ ان کي لاڳو ڪرڻ لاءِ ٻنهي رياستن وچ ۾ پاڻي اثاثن جي وِرڇَ لاءِ انتظامن سميت ضروري تياريون ڪيون ويون هيون تہ تڏهن. ڇا پاڪستان واري پاسي اهم عهدن تي ويٺلن تي وَيسر جي بيماريءَ جو حملو ٿيو هو ۽ اهي پنهنجو حافظو پوريءَ طرح وڃائي چڪا هئا ۽ ڇا انهيءَ نتيجي ۾ اُهي سُتت ئي وساري ويٺا:

(i) تہ پاڪستان تڏهن سنڌ سميت پنجن صوبن تي ٻڌل هو رڳو ئي رڳو هڪ صوبي يعني پنجاب تي نہ.

(ii) تہ انهن شين، جهڙوڪ درياهي پاڻين جا هندستاني، اسلامي ۽ عالمي قانون، موجود آهن.

(iii) تہ ڏرين، جن کي درياهن جي پاڻيءَ مان لاڀ پرائيندڙ آبپاشيءَ تي مُهڙَ، وچين ۽ پوڇڙ واريءَ آباديءَ طور سڏيو ويندو آهي، جي حقن ۽ جوابدارين کي اهڙن قانونن چِٽي نموني وضع ڪيو آهي.

(iv) تہ اوير پنجاب، سنڌو درياهي سرشتي جي اُپرندين درياهن جي آبپاشيءَ تي مُهڙَ واري آبادي آهي.

Gul Hayat Institute

(v) تہ اولهہ پنجاب ۽ سنڌ، متئين درياهي سرشتي جون آبپاشيءَ تي پوچڙ واريون آباديون آهن.
(vi) تہ سڄي سڌريل دنيا جي ڪنهن قانوني نظام هيٺ، ڪنهن بہ لاڳاپيل ۽ گاڏڙ حصيدار ڌر جي غيرحاضريءَ ۾ ڪوبہ فيصلو جائز نموني وٺي نٿو سگهجي ۽ نہ سگهبو.
(vii) تہ تنهن ڪري، ڀارت ۽ پاڪستان وچ ۾ پاڻي اثاثن جي ورڇ جي عمل ۾ شرڪت ڪي رڳو اوير ۽ اولهہ پنجاب تائين محدود نہ رهڻو هو پر ان ڪي سنڌ، آبپاشيءَ تي سڀ کان پوڇڙ واري ڌر تائين ضروري طرح وڌائڻو هو.
(viii) تہ سرڪاري ڳالهيون، خيالن جي ڏي وٺ ۽ معاهدن، ڳُجهين جاين ۽ سُس پُس ڪرڻ تائين محدود رهڻ لاءِ نہ، پر سرڪاري ۽ قانوني ٻوليءَ ۾ درست نموني محفوظ ڪرڻ لاءِ هونديون آهن ـ نہ رڳو انهيءَ (پيڙهيءَ) لاءِ جيڪا جيئري آهي، پر انهن پيڙهين لاءِ بہ، جن کي اڃا پيدا ٿيڻو آهي، ۽ رياستي ۽ عوامي رڪارڊ لاءِ بہ.
(ix) تہ هندستاني اختياريون، جن جي بهاني سان اهي (من گهڙت) دعوي ڪن ٿا تہ پهرين 1948ع کان پوءِ ٽن پَرتُوندين کي صحيح ڪري ڏيڻ لاءِ اهي اوچتوئي دٻاءَ ۾ اچي ويا هئا ـ هنن لاءِ مڪمل طرح اوپريون بہ نہ هيون ۽ اهي ساڳيائي ماڻهو هئا، جن سان، سندن ماڻهو ۽ قيادت، برطانوي دؤر جي ٻن صدين سميت گذريل نون صدين کان وٺندي ٻنهہ اجوڪي تاريخ تائين معاملي سازي ڪندا پئي آيا آهن.
(x) تہ دنيا جي سمجهدار ۽ خوددار عوامن ۽ قومن جي سڄي عالمي سطح جي تاريخي مشق پٽاندر، جيڪڏهن ڪنهن عداوتي عمل جي ڪري، اوهان جي وسيع (زرعي) ايراضيءَ جو ڪو ننڍڙو ٽڪرو پوکي هيٺ نہ آيو آهي ۽ ٿوريءَ حد تائين چوپايو مال پاڻي کوٽ کي پوڳي ٿو تہ اهڙيءَ صورت ۾ اهو سڀ ڪجهہ جيڪو اوهين ڪري سگهو ٿا ۽ ڪرڻ گهرجي، هيءُ نہ آهي تہ ترت پنهنجا درياهہ وڪڻي ڇڏجن ۽ ٿوري عرصي لاءِ ٿورو پاڻي حاصل ڪجي ۽ اهو بہ ٿوري عرصي کانپوءِ پوريءَ طرح روڪيو وڃي ۽ پنهنجن درياهن تان پنهنجي دستبرداريءَ لاءِ علامتي نموني رقم ادا ڪرڻ ۽ ڪانئن عارضي طرح ٿورڙي مقدار ۾ پاڻي خريد ڪرڻ وسيلي، انهيءَ ڄاڻايل (درياهن جي) وڪري جي درست، قانوني ۽ (اُصولي گهرجن جي لحاظ کان) مڪمل ڪو ثبوت پيش نہ ڪجي.
(4) ڇا ڀارت سان پاڻي ورڇ واري مسئلي جي نبيري لاءِ مقرر ڪيل پاڪستاني اولهہ پنجاب جي نمائندن کي لکت ۾ اهڙيون رسمي طرح هدايتون ڏنيون ويون تہ اُهي ڇا ڪري سگهندا ۽ ڇا نہ ڪري سگهندا؟

Gul Hayat Institute

(5) جيڪڏهن ايئن آهي: تہ ڇا انهن هدايتن، اوپر پنجاب جي اختيارين کي، لکت ۾ ڪجهہ ڏيڻ تي مجبور ڪرڻ بدران ساڻن (اوپر پنجاب جي اختيارين سان) ڪن ڳجهن زباني معاهدن ۾ شامل ٿيڻ لاءِ ڪين بااختيار تي بڻايو؟

(6) جيڪڏهن ايئن آهي تہ ڇا انهن هدايتن هيٺ اهڙن زباني معاهدن جي شرطن کان پنهنجن واسطيدار ڌرين يعني اولهہ پنجاب، بين صوبن ۽ پاڪستان جي حڪومتن کي آگاهہ نہ ڪرڻو هو؟

(7) جيڪڏهن ايئن آهي تہ ڇا اهڙن شرطن جي، انهن حڪومتن کي، لکت ۾ آگاهي ڏني ويئي هئي ۽ اهي (شرط) هنن سمورن ڏهاڪن تائين انهن حڪومتن جي رڪارڊ ۾ دستياب هئا؟

(8) ڇا اهي شرط انهن سيني ڏهاڪن دوران پاڪستان جي ماڻهن کي ان لائق بنائڻ لاءِ عام ڪيا ويا هئا تہ اهي پنهنجو پاڻ جاچين تہ اهي شرط سنڌ، آبپاشيءَ تي پوکجڻ واري آبادي، سميت سيني لاڳاپيل ڌرين لاءِ منصفاڻا ۽ معقول هئا يا نہ؟ جي نہ، تہ پوءِ ڇا انهن (شرطن) کي سدائينءَ لاءِ راز ۾ رکڻ جا ماڻهن کي ڪارڻ ڄاڻايا ويا هئا يا (يلا) هاڻي ڄاڻائي سگهجن ٿا؟ ڇا اهي اڄ (ئي) عوامي ڄاڻ لاءِ پڌرا ۽ شايع ڪري سگهجن ٿا؟

(9) ڇا ڪنهن مجاز اختياريءَ ٽياڪڙ ٽريبونل کي نظرانداز ڪرڻ دستياب اهم التوائي حڪم نامي (Stay Order) کان انڪار ڪرڻ ۽ اهڙيءَ ريت متاثر پاڪستاني ڪئنالن ۾ لڳاتار پاڻي فراهميءَ کي خطري ۾ وجهڻ ۽ عالمي بحران پيدا ڪرڻ تي عملي طرح ڪو گهربل (۽ مناسب) فيصلو ڪيو؟ جيڪڏهن ايئن آهي، تہ پوءِ اها ڪهڙي اختياري هئي ۽ اها ڪهڙي تاريخ هئي، جڏهن اهڙو فيصلو ڪيو ويو هو؟ ڇا اهڙو فيصلو رڪارڊ تي موجود آهي؟ ڇا اهو دستياب ٿي سگهي ٿو ۽ عام خلق جي ڄاڻ واسطي شايع ٿي سگهي ٿو؟

(10) ڇا لاڳاپيل پاڪستاني اٿارني جنرل کي نہ رڳو التوائي حڪم نامي (Stay Order) حاصل نہ ڪرڻ پر ٽريبونل جي سربراهہ سر پيٽرڪ اسپينس (Spance) جي التوائي حڪم نامي بابت نشانبر (۽ چِٽي) آڇ کي ٺُڪرائڻ جا اختيار مليل هئا؟

(11) جيڪڏهن ڪيس اهڙين ڪي بہ هدايتون ڏنيون نہ ويون هيون ۽ جيڪڏهن هن لاڳاپيل اختيارين کان ڪيس مليل هدايتن جي متن ۽ مفهوم جي خلاف ورزيءَ ۾ يا سواءِ ڪن هدايتن جي، پنهنجي طور تي اهڙو ڪم ڪيو تہ ڇا پوءِ سندس ڪردار جيڪو هن اهڙي نموني ادا ڪيو هو جو ان پاڪستان لاءِ تباهڪن نتيجا آندا، خلاف ڪابہ (ضروري) ڪارروائي ڪئي وئي هئي؟

(12) ڇا ڪن موزون هدايتن، مرڪزي ۽ پنجابي اختيارين کي، عملي طرح گڏيل اُپرنڌڙ درياهن کي وڪرو ڪري ڇڏڻ لاءِ ڪين مليل پارتي حڪمن سان سهمت ٿيڻ ۽ پاڻي فراهميءَ جي عارضي بحاليءَ لاءِ مالڪاڻي جي رقم ادا ڪرڻ لاءِ بااختيار بڻايو هو؟

(13) جيڪڏهن اهڙن عملن جو احاطو ڏنل هدايتن ۾ نہ ڪيو ويو هو تہ ڇا پنهنجين واضح هدايتن جي اهڙين اڻٽين خلاف ورزين جا خطاڪار، اهڙين خلاف ورزين جي مُهڙين اطلاع ملڻ مهل ئي، جتي هئا اهي اتي ئي روڪيا ويا هئا؟

(14) ڇا خطاڪار اختيارين کان ڪي بہ وضاحتون طلب ڪيون ويون هيون ۽ اهي انهن پيش ڪيون هيون؟ جيڪڏهن ايئن آهي تہ پوءِ اهڙو رڪارڊ ڪٿي آهي ۽ اهو صحيح معنيٰ ۾ ڇا ٿو چوي/ ٻُڌائي؟

(15) "اهو ڪجهہ"، جنهن کي پاڪستان جي اڳوڻي وزيراعظم چوڌري محمد عليءَ "گهٽ ۾ گهٽ" ڪري پروڙيو آهي- يعني "فرض جي (ادائگيءَ ۾) غفلت، آرام پسندي ۽ گڏيل ڏاهپ جي کوٽ" جيڪا "پاڪستان لاءِ تباهي مچائيندڙ نتيجن" ڏيڻ جو ڪارڻ بڻي هئي- اُن لاءِ اهي جيڪي ذميوار ڄاتا ويا، تن خلاف ڇا ضابطن (۽ اُصولن) جي ڀڃڪڙيءَ تي سزا طئہ ڪرڻ واسطي ڪابہ (گهربل) ڪارروائي (Disciplinary Action) ڪئي ويئي هئي؟

(16) قوم جي جيئڻ مرڻ جي ڪنهن مسئلي ۾ هدايتن جي اُبتڙ عمل، حڪم عدولي ۽ نافرمانيءَ لاءِ، حالتن هيٺ، گهٽ ۾ گهٽ سزا، جيڪا سرڪاري ملازم جي حالت ۾ ڏيئي سگهجي ها، اها (ملازمت مان) برطرفي، (عهدي تان) سبڪدوشي يا گهٽ ۾ گهٽ (ڏنل ذميداري کسي) ڪنهن ٻي ذميداريءَ لاءِ بدلي ڪرڻ پئي ٿِي، ڇا اهي جيڪي پاڪستان لاءِ مٿين تباهي مچائيندڙ نتيجن جا ذميوار ڄاتا ويا ويا هئا، انهن کي انهن سزائن مان ڪابہ هڪ سزا ڏني ويئي هئي؟

(17) ڇا اهو سچ آهي تہ خان بهادر عبدالحفيظ اولهہ پنجاب جو اهو مُک عملدار هو جنهن پارٽي پنجاب جي اختيارين سان مٿي ڄاڻايل پُراسرار ڳُجهي معاهدي، جيڪو "پاڪستان لاءِ تباهي مچائيندڙ نتيجن" ڏيڻ جو ڪارڻ بڻيو ۾ مرڪزي ڪردار ادا ڪيو؟

(18) ٻئي مرحلي تي ڳالهين- يعني اهي ڳالهيون جيڪي عالمي بئنڪ ۽ دنيا جي ٻين ملڪن سان ڪيون ويون، (۽) جيستائين مُک لاڳاپيل ۽ متاثر ڌرين مان هڪ (ڌر) سنڌ جو تعلق آهي، تہ اهي هڪ ڌر (اولهہ پنجاب) جي حق ۾، جانبداراڻيون، غيرقانوني ۽ شروع کان غيرموثر هيون، جيڪي 1960ع جي سنڌو طاس معاهدي جي نتيجي تي پهتيون- ۾ پاڪستان پاران ڇا ساڳئي لائق عملدار تي، سنڌس سرواڻيءَ واري ڪردار سميت، ڀروسو ڪيو ويو هو؟

(19) ڳالهين- يعني گهڻ-قومي ڳالهين، جن 1960ع جي سنڌو طاس معاهدي جو نتيجو ڏنو جي اڳئين مرحلي ۾، نہ رڳو ان ماڻهري ۾ ڪنهن خلاف ڪنهن قسم جي ڪاروائي نہ ڪرڻ، پر انهن ساڳين عملدارن جي ملازمت برقرار رکڻ، جن ڳالهين جي ٻنهي ڀيرئين مرحلي تي اهڙي عام مچيل تباهيءَ وارو ڪردار ادا ڪيو هو لاءِ ڇا ڪو خاص ڪارڻ يا جواز موجود هو؟

مٿين ۽ ٻين لاڳاپيل سوالن جي روشنيءَ ۾، اولهه پنجاب جي لاڳاپيل وزيرن ۽ اعليٰ عملدارن جي مٿي ڄاڻايل عملن ۽ روين تي ڪنهن به ايماندار، سمجهدار ۽ دورانديش ماڻهوءَ کي نظر وجهڻ ۽ سوچ ويچار ڪرڻ ڏيو ۽ ان کي پنهنجو پاڻ فيصلو ڪرڻ ڏيو: ته ڇا اولهه پنجاب جي اختيارين جا مٿي ڄاڻايل عمل ۽ پرڪار، خيال (۽ انصاف) جي ڪنهن ڌارا جي لحاظ کان، ڪن سچن ۽ کرن ماڻهن / يا سڌريل رياست جي باضمير ۽ بااُصولي اعليٰ عهديدارن ۽ اڳواڻن جي ايمانداراڻن عملن ۽ روشن طور وٺي سگهجن ٿا؛ يا ان جي اُبتڙ، اهي عملَ ماڻهن جي اهڙن سازشي گروهن جي ڳُجهين ڪارروائين طور وٺي سگهجن ٿا، جيڪي رواجي ۽ عام هلت واري وفاقي رياست جي ڪاروهنوار هلائڻ جي چوغي هيٺ، سڄي ساري برادر عوام جي پُٺِ ۾ خنجر ڪُپائڻ لاءِ هماليه جي جسامت (۽ پکيڙ) جهڙي پڪي پختي (۽ اوچي) ٽڳيءَ جي ٿاهه جا، ماٺ منيءَ ۾، رات جي اونداهيءَ ۾ نقش چِٽي رهيا هئا ۽ ڪا سِٽَ سِٽي ۽ ان جي تڪميل ۾ پورا هئا ۽ (اهڙيءَ ريت) ان (سنڌ) جي حقيقي حياتيءَ جي رَتُ سَٽُ، ان جي پاڻي، ۽ ان جي ڪروڙن مردن، عورتن ۽ ٻارن مان هرهڪ جي جياپي ۽ جيئڻ جي وسيلي کي (دوکي سان) نقصان رسائي رهيا هئا؟

سنڌي عوام جو اهو چڱيءَ پرِ، سوچيل سمجهيل نقطي نظر ۽ موقف آهي ته هتان کان اڳ بيان ٿيل ۽ هتان کان اڳتي بيان ٿيندڙ پاڪستاني پنجاب جي اختيارين جي ڏوهن ۽ غلطڪارين جي، انوکن، بي اعتدال، غيرفطري، غيرقانوني ۽ خودسر عملن مان ڪنهن کي به، خيال جي ڪنهن به ڌارا جي لحاظ کان، اتفاقي، حادثاتي، غيرارادي ۽ غيردانستا (عمل) طور مڃيو نه ويندو. سڀني لاڳاپيل حقيقتن ۽ حالتن جي درست پُرجهه پروڙ ۽ جائزي منجهان، اهو دريافت ٿيندو ته مجموعي طرح انهن (حقيقتن ۽ حالتن) لاءِ ڪا به مناسب، معتبر، قانوني ۽ معصوم وضاحت نٿي ڏِي سگهي، ۽ اهو ته، اهي ڪُلي طرح مٿين اختيارين جي معصوميت جي امڪان سان ميل نٿيون کائين. تنهن ڪري، فني نقطن (Technicalities) کي ڇڏي، جن کي اسان جون اعليٰ عدالتون ڪا گهڻي مڃتا ناهن ڏينديون، ڇاڪاڻ ته اهي "اصلي (بنيادي) شڪل واري انصاف جي حق ۾ جهڪاءُ" رکنديون آهن. [محمد علي 1997ع، سي ايل سي، 768، (773 اِي)] ۽ انهن عدالتن "ثابتقدمتيءَ سان انهيءَ اُصول جي پابندي ڪئي آهي ته تڪرارن جو فيصلو فني نقطن بدران اهليتن تي ٻڌل هئڻ گهرجي." [محمد افضال، 1997ع، سي ايل سي، 1080 (1083)] جيڪڏهن قانونِ شهادت [فقرو: 2(4)] جي حتمي پرک ڪتب آڻيندي، ڪنهن ايماندار، سمجهدار ۽ دورانديش ماڻهوءَ کي هنن صفحن ۾ سلهاڙيل کهاڻي ٻڌائجي ته پنجاب ۽ پاڪستان جي وفاقي اختيارين، سنڌو واديءَ جي پاڻين جي سوال سان، آبپاشيءَ تي پوچڙ واري آبادي سنڌ جي حقن ۽ مفادن جي تعلق ۾، انهن ڏينهن کان وٺي جڏهن پاڪستان وجود ۾ آيو آهي، ڪهڙيءَ ريت ورتاءُ رکيو آهي، ته هو ڪنهن به جوڳي شڪ کان سواءِ،

پوريءَ طرح قائل ٿي ويندو تہ سنڌ عالمي تاريخ جي ڏکي ۾ ڏکي لڳاتار مجرماڻين سازشن مان هڪ جي شڪار بڻائي ويئي آهي. جيڪي ان کي (ڏوکي سان) نقصان رسائڻ جي نيت سان سِٽيون ويون ۽ جن سنڌو درياهي واديءَ جي گڏيل پاڻين ۾، آبپاشيءَ تي پوچڙ واري آباديءَ جي حيثيت سان ان (سنڌ) جي (پاڻيءَ جي) قانوني ڀاڱي جي (ججهي) مقدار ۾ خردبرد جو نتيجو ڏنو آهي.

”پاڻي تڪرار“ جي نبيري لاءِ پاڪ-ڀارت ڳالهيون مارچ 1952ع ۾، عالمي بئنڪ جي سرپرستيءَ ۾ شروع ٿيون. شروع ۾، پنجاب (جي انجنيئرن) کان سواءِ سنڌ، سرحد (خيبر پختونخواهہ) ۽ بهاولپور ۽ خيرپور رياستن جا انجنيئر پاڪستاني ٽيم ۾ شامل هئا. پنجابي انجنيئرن، مبينا طور، اهڙي هلت ڏيکاري جڻ تہ پاڪستان جا ڪُل پاڻي (درياهہ) سندن ذاتي ملڪيت هئا. سندن مقصد (هن طرح) ظاهر ٿيا پئي:

(i) ڀارتي پاسي کي خوش رکڻ.

(ii) ڀارتي پنجاب سان پنهنجي ڳُجهي ناهہ سان چنبڙيل رهڻ، ۽ هاءِ گهوڙا ڪرڻ وسيلي پنهنجا شرط منظور ڪرائڻ.

(iii) انهيءَ ڳُجهي سمجهوتي هيٺ، سوچيل سمجهيل نموني، غيرمجاز ۽ غيرقانوني انداز سان، ڀارت کي (ٽي) گڏيل درياهہ وڪڻي ڇڏڻ ڪري، ”پنجاب ڀاران ڀوڳيل نقصانن“ جي ازالي جي بهاني سان سنڌوءَ تي، ان جي پاڻيءَ جي ڦُرلٽ لاءِ، هڪ ڏئم ۽ لنڪ ڪئنال حاصل ڪرڻ.

(iv) بهاولپور رياست لاءِ سنڌو درياهہ جي پاڻيءَ جي رشوت آڇڻ وسيلي سنڌ خلاف بهاولپور رياست جي انجنيئرن کان مدد حاصل ڪرڻ.

(v) سنڌ کي سندس اڳوڻين پاڻين جي مقرر ڪيل ڪٽتن کان محروم ڪرڻ.

(vi) پنهنجين مٿين جابراڻين، سنڌ دشمن، غيرمحب وطن رٿائن جون ڌمڪيون ڏيئي (ڏيڄاري) سنڌي انجنيئرن کي مات ڪرائڻ.

(vii) پنهنجي مفاد ۾، پاڻين (درياهن) ۽ پاڪستان جي پاڻي فراهميءَ جي سلسلي ۾ انگن اکرن ۾ غلط بياني ڪرڻ.

Gul Hayat Institute

جڏهن واشنگٽن ۾ ڳالهيون ٻيهر شروع ٿيون تہ (وفد ۾) سنڌ جي ميمبر محترم ايم. ايس. قريشي، (پنجابي ميمبرن) جي مٿئين ناڪاري ورتاءَ جي ڏس ۾، سنڌ سرڪار کي شڪايت ڪئي. هن لکيو: ”فيصلن ۽ ڪاررواين ۾ صوبائي تحفظاتن کي دخل ڏيڻ جي اجازت ڏني ويئي. انڊس لنڪ (يعني سنڌوءَ تي هڪ لنڪ ڪئنال، سنڌ جي پاڻيءَ وارن حقن جي نقصان تي، پنجاب ڏانهن ان (سنڌوءَ) جي پاڻين کي موڙي ڪٽي وڃڻ لاءِ- رسول بخش پليجو) جي سفارش، ايتري تائين جو وفد جي سينيئر ميمبرن مان ڪنهن هڪ سان بہ ذڪر کان سواءِ، حڪومت کي ڪئي ويئي. محترم

حميد، بهاولپور جي نمائندي محترم حسن کي اهڙي لالچ آڇڻ جي حد تائين به نڪري ويو ته اهڙي لنڪ (ڪئنال) وسيلي بهاولپور جي ڪئنال کي سليمانڪيءَ جي ماڳ وٽان، سنڌوءَ مان ربيع جي مُند ۾ پاڻي فراهم ڪيو ويندو. محترم حسن پاڻي فراهمين جي صورتحال چاتي پئي. هڪ اُصولي مامري طور هن اهو چوندي انڪار ڪيو ته آئون هتي ڪنهن خاص صوبي يا رياست جو نه، پر پاڪستان جو مقدمو وڙهڻ آيو آهيان. چڱو آهي ته اندروني تڪرارن کي آئيندي لاءِ ڇڏيو وڃي.

”ساڳئي نموني، الهندين پرتو ندين مان سنڌ جي حصن پتين کي ڪيڏي ڀاهر ڦتو ڪرڻ جي هر (ممڪن) ڪوشش ڪئي ويئي. پاڪستان جي منصوبي ۾ غلط تخمينا جاتا ڪيا ويا، ان حد تائين جو (چيو ويو ته) نه رڳو سنڌوءَ تي اڏجندڙ نون بئراجن لاءِ مقرر ڪيل پاڻيءَ جو مقدار اپريل-مئي تائين حاصل ٿي ويندو پر واڌو پاڻي ترقيءَ (واري مقصد) لاءِ (پڻ) بچندو. محترم حسن ۽ مون- ٻنهي انهيءَ (منصوبي) سان اختلاف رکيو. محترم ٽپٽن (Tipton) جي تخمينن اسان جي نتيجن جي حمايت ڪئي ته حقيقت ۾ اڪثر سالن ۾ (پاڻيءَ جي) کوٽ ٿي رهندي.....

”محترم حميد پاڪستان جي پاڻين لاءِ ايئن پئي سمجهيو جڻ ته اهي سندس ذاتي ملڪيت هجن. شروع ۾، محترم خليل الرحمان، جنهن کي سندس (حميد جي) داخلي احساسن جو متولي سمجهيو ويندو آهي، پاڻيءَ جي مقرر ڪيل مقدار کي گهٽائڻ ۽ اهو چوڻ شروع ڪيو ته آخرڪار انهن حقن کي ڇڏڻو پوندو. انهيءَ بڪواس خلاف مون محترم حميد اڳيان احتجاج ڪيو ۽ اها ڳالهه بلڪل به چٽي ڪئي ته مقرر ڪيل پاڻيءَ جي فراهمين مان هڪ ڦڙو به نه ڇڏيو ويندو. ان کان پوءِ، محترم حميد، محترم سرور جان خان کي ٻڌايو ته ٺاهه خاطر هُو ايستائين جو پاڻيءَ جي مقرر ڪيل حصن کي به ڇڏي ڏيندو ۽ ساڳئي ڏينهن هن محترم حسن کي ٻڌايو ته جيڪڏهن پاڪستان کي زمين جي انهيءَ پٽيءَ تي ڪنٽرول ڏنو ويو ته هو ايستائين جو مارهو سرنگ (Marhu Tunnel) تي به سهمت ٿيندو. محترم حميد کي اها ڳڻتي نه هئي ته ڪو پارت پاران جي اهڙي واڌو رُخَ- موڙَ (Diversion) پاڪستان کي ڪو نقصان ڏنو ٿي.

”اهڙيءَ ريت نقطي نظر جو فرق موجود هو جيڪو هڪ گروهه جي سُٺي گڏيل ڪم ( Team Work) لاءِ ڪو گهٽو سازگار نه هو.

”محترم نصير جنرل وهيلر (Wheeler) کي منٿ پئي ڪئي ته اسين ڪنهن معاهدي کان سواءِ واپس وڃڻ لائق نٿا ٿي سگهون. رڳو (عالمي) بئنڪ کي قائل ڪريو ته پاڪستان معاهدي خاطر هر ڪا شيءِ قبول ڪندو.

”ايتري تائين جو اها سپ کان وڏيڪ هاجيڪار تجويز، محترم حميد کي سپ کان وڏيڪ قبولڻ جوڳي ٿي لڳي. سندس سيڪريٽري (خليل الرحمان) ۽ هُو پاڻ، پهرين اپريل 1954ع تي

Gul Hayat Institute

سرحد (خيبر پختونخواهه) جي ميمبر محترم سرور جان خان سان سهمت هو تہ هڪ اهڙي حڪومت جيڪا پُرندڙ جهُرندڙ هجي، ان مان ڪنهن بہ فيصلي جي اُميد نٿي ڪري سگهجي.

”فيصلو پڻ واشنگٽن ۾ ڪيو ويجي ۽ (ان جي) ذميواري انجنيئرن مٿان نہ، پر ٻئي ڪنهن مٿان هوندي.“

بنهہ شروعات کان، پنجاب جي قيادت ۽ ٻين صوبن ۽ علائقن سان تعلق رکندڙ حوارين مٿان اها شيءِ واضح هئي تہ اڻوٽندڙ ئي سهي، برطانوي طرز جي پوئواري ڪندڙ تڏهن موجود سياسي نظامُ، جيستائين پنهنجي پارلياماني حڪمراني، آئيني اسيمبلي، گڏجيءَ ۾ ٻيل بنگالي اڪثريت، ٽڪائي ساڻو ڪري ڇڏيندڙ وفاق، پنهنجن صوبن سميت موجود آهي، تيستائين اهي پنهنجن سياسي ۽ اقتصادي هدفن- خاص طرح، پنجاب لاءِ پاڪستان جي سمورن پاڻين (درياهن) کي غصب ڪرڻ جي هدف- کي آسانيءَ سان شايد رَسي نہ سگهن. لڳي ٿو تہ اهي ان نتيجي تي پهتا هئا تہ حڪمرانيءَ جي نظام ۾ گهڻي ڪجهہ تبديل ڪرڻ جي گهرج هئي، تہ جيئن اهو پوريءَ طرح سندن خواهشن پٽاندر موٽ ڏيئي سگهي. اهي تبديليون ڪيئن وجود ۾ آنديون ويون هيون ۽ ڪيئن انهن تي اتفاق ڪيو ويو هو ۽ ڪيئن انهن پنجاب جي اختيارين جي سمورن پاڪستاني پاڻين کي قبائڻ لاءِ بي رحماڻين ڪوشش کي ڀرپور نموني سهنجو بڻايو هو- اها هڪ بنهہ ڊرامائي ۽ سياسي طرح سبق پرائڻ جهڙي ڪهاڻي آهي، جنهن جي هن اسان جي مقدس ۽ پُرمسرت نموني بيخبر پاڪ سرزمين جي گهڻن ماڻهن کي مناسب نموني ڄاڻ نہ آهي.

پاڪستان جي 56 ورهين جي رنگ مٽائيندڙ تاريخ کي جاچي ڏسبو تہ جناح جي پوئلڳن مان بنهہ ٿورڙن ۽ جانشينن مان گهڻن، خاص طور جنگجو صوبي پنجاب سان تعلق رکندڙن کي مسٽر جناح ۽ ان جي پاڪستان، جيئن هن انهيءَ کي تصور ڪيو هو سان ڪڏهن بہ ڪا گهڻي رغبت نہ رهي هئي. سندن عام مجيل سياسي جبلتن ۽ ذهني روين، منجهن محمد علي جناح جهڙي جديد، روشن خيال ۽ حساس ماڻهو ۽ سندس آزاد خيال جمهوريت، قانون جي حڪمراني، سُٺي ورتاءَ، سڀني لاءِ برابر موقعن، قانون آڏو سڀني قسم جي ماڻهن سان ڪامل، غيرجانبدار ۽ برابر هلت، سڀني اقليتن ۽ آبادين جي ٻين اڳهن ۽ بنهہ غيرمراعت يافتا برادرين سان دردمند ۽ فراخدل ورتاءَ جي (مثالي) آدرشن کان وڏيڪ تيمور، نادر شاهہ، مهاراجا رنجيت سنگهہ ۽ لارينس برادرس جهڙن ماضيءَ جي ذي جاهہ مطلق العنان شخصيتن ۽ سندن غالب سگهہ، فتح جي فطري حق، رعيتن جي بي رحماڻي اطاعت، آهني راڄ جهڙن تصورن جي ڪنهن حد تائين وڏيڪ ويجهو ويجي ويهڻ جو رجحان پيدا ڪيو. سندن ڪوشش جو محورُ پاڪستان کي حال واري طرز حڪمرانيءَ جي رڪاوٽن ۽ غيريقيني حالت منجهان، ماضيءَ جي حڪمرانيءَ جي آپيشاهاڻن ۽ بي ترس ڇڙواڳين

Gul Hayat Institute

ڏانهن ڪٽي وجهڻ هو جنهن ۾ (جڏهن) حڪمرانن جي هر منَ - موجائپ ۾ تمنا سان ملڪ جي حتمي قانون وانگي ورتاءُ رکيو ويندو هو. هنن (وڏي) جوش خروش سان، پنهنجن خوابن جي انهيءَ سنهري ماضيءَ ڏانهن پنهنجي سفر ۾ اُبهرائي ڪئي، ۽ وقت جي هڪ (ٿوري) حصي ۾ هنن غيرمعمولي سوپ ماڻي ورتي.

سماجي-اقتصادي ۽ سياسي سَمئہ-ڪَلَ (Time_Machine)، پنهنجن پراڻن اتحادن ۽ سگهاري اولهه سان گرماگرم لاڳاپن جي هنر پري استعمال وسيلي، هنن پاڪستان کي واپس برطانوي دؤر کان اڳ واري زماني ۾ وڃي رکيو (۽) اهو گهٽ ۾ گهٽ اعتبارن کان برطانوي وقتن کان بہ گهٽو هيٺ وڃي ڪريو. ملڪ ۾ بنهه ٿورڙا ماڻهو چاڻن تا تہ هيءُ (وقت ۾) پوئتي سفر پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ جي بنهه پهرين ڏينهن کان وني شروع ٿيو هو.

انهيءَ ماضيءَ ڏانهن اُبهري سفر جو. صديون پراڻي سنڌ-پنجاب پاڻي تڪرار جي درست ۽ منصفاڻي حل جي امڪانن کي بنيادي منحوس موڙ ڏيڻ سان، اُن حد کان وڌيڪ واسطو آهي، جنهن حد تائين هن ملڪ جا ڪيترائي ماڻهو چاڻن ٿا يا چاڻڻ جي خواهش رکن ٿا. ملڪ ۾ ڪي ٿورڙا ماڻهو آهن، جيڪي چاڻن ٿا تہ ماضيءَ ڏانهن واپسيءَ جو اهڙو سفرُ پاڪستان جي قيام جي بنهه پهرين ڏينهن کان شروع ٿيو هو.

مائونٽبيٽن هڪ پيري عداوتي انداز ۾، مسٽر جناح کي "مرندڙ مسلمان اڳواڻ" طور ڄاڻايو هو. (سندس) اهڙو بيان بهرحال، حقيقت کان ڪو گهڻو پري بہ نہ هو. پنهنجي مارينڊڙ مرض، دشمناڻين رٿائن ۽ پارتي اختيارين ۽ مائونٽيشن جي پرڪارن سان گڏ هو پنهنجن "وفادار پوئلڳن" جي عياراڻين سازشن جي عذاب ۾ (پڻ) ورتل هو.

جهڙي نموني محمد علي جناح سان، سندس زبردست شخصيت جي وڏائيءَ جا ڳڻ ڳائيندڙن، کيس ويجهن، اوڇي سوچ رکندڙ ڊيندڙن ورتاءُ رکيو تهڙي بي لحاظ نموني ۽ بي شرم طريقي سان، ڏرتيءَ تي موجود ڪابہ قوم پنهنجي "باني" (قوم جي ابي) سان هلت هلي نٿي سگهي.

"پيچيده ۽ اُلجهيل سُٽَ جهڙو (پاڪستان جي نئين رياست جوڙڻ وارو) هدف جو رڳو قائداعظم ڪٽي تي سگهيو..... اهڙو جوکم انهن (سندس) جانشينن جي محدود صلاحيتن ۽ ذهني اوچاين کان ماڳهين ڏورانهون ۽ مٿي هو جيڪي، جيستائين هُو جيئرو هو رڳو سندس (نشانبر) وڏائيءَ جي اولڙي پوڻ تي جرڪي سگهندا هئا. ("گورنمينٽ ائنڊ پاليٽڪس اِن پاڪستان" – مشتاق احمد. صفحو: 20)

وزيراعظم خواجا ناظم الدين ۽ آئيني اسيمبليءَ خلاف، گورنر جنرل غلام محمد جي (حڪومت تي قبضي) لاءِ ڪاهہ، عام طرح، قائداعظم جي پاڪستان خلاف اهڙين ڪاهن جي لانئَ

مان مُهڙين ڪاهَ طور ڄاتي ويئي آهي. دراصل، اها اهڙين ڪاهُن مان ٽين ۽ چوٿين ڪاهَ هئي. پهرين ۽ ٻي ڪاهَ پاڻ پاڪستان جي باني ۽ قوم جي ابي قائداعظم محمد علي جناح ۽ سندس پارٽيءَ خلاف ڪئي ويئي هئي، جڏهن هن کي باقاعدي پاڪستان مسلم ليگ جي قيادت تان برطرف ڪيو ويو هو ۽ ليگ کي سندس "وفادار پوئلڳن" پرغمال بڻائي ورتو هو.

"نئين پاڪستان مسلم ليگ جي پهرين گڏجاڻي، نئين آئين ۽ اُصولن تي غور ويچار ڪرڻ لاءِ، فيبروري 1948ع ۾، ڪراچيءَ ۾ منعقد ڪئي ويئي هئي (جنهن ۾) هڪ ترميم ڪئي ويئي هئي..... ته قائداعظم جي معاملي کي الڳ رکندي، ڪوبه وزير يا حڪومتي عهديدار، ليگ ۾ عهديدار نه بڻجندو. هن (مسٽر جناح) جي انهيءَ (ترميم) خلاف مشوري هوندي به، اها ترميم منظور ڪئي ويئي. هن پنهنجي مامري ۾ استثنيٰ کي قبول ڪرڻ ۽ (ليگ جي) صدر جو عهدو اڳتي لاءِ رکڻ کان انڪار ڪيو ۽ گڏجاڻيءَ مان اُٿي هليو ويو. چوڌري خليق الزمان کي ليگ منظم ڪرڻ جي درخواست ڪئي ويئي ۽ پوءِ هو (ليگ جو) پهريون صدر چونڊيو ويو...... (ووئيج ٿرُو هسٽري، جلد پيو ليڪڪ: مسٽر حسين زبيري، صفحو: 144).

محمد علي جناح جي لاڏاڻي کان سُتت پوءِ، اهڙيءَ ترميم کي، هڪدم ختم ڪيو ويو ۽ تڏهوڪو وزيراعظم، مسلم ليگ جو صدر پڻ بڻيو. (زبيري، جلد ٻيو، ڪتاب ساڳيو صفحو: 196)

ايتريقدر جو قائد (اعظم) کي رياست جي حساس جيئڻ مرڻ جهڙن مامرن جهڙوڪ ڪشمير واري بدقسمت قبيلائي ڪاهه بابت اونده ۾ رکيو ويو. (ڏسو: ڪي. ايچ. خورشيد جو ڪتاب "ممايرس آف جناح"، صفحا: 59 کان 82 تائين)

"پنجاب هر پيري جناح جي ڪمزوري ئي (رهندو آيو) هو. (عائشا جلال، "دي سول اسپوڪسمئن"، صفحو: 14)

"جناح پنهنجو مئنديٽ حاصل نه ڪيو. هن اهو قسم کڻندي پنجاب ڇڏيو: "آئون ڀيهر ڪڏهن به پنجاب نه ايندس، هيءَ صفا ڪو نامراد ماڳ آهي." (حوالو ساڳيو: صفحو: 22)

"هن مئي ۾ ممدوٽ ۽ گورنر موديءَ کي ڪراچي گهرايو ۽ ممدوٽ کي چيو: "تون هڪ وزيراعظم (وزيراعليٰ) طور نڪمو ماڻهو آهين." موديءَ بيان ڪيو آهي، ته "اها ڳالهه واقعي به سچي هئي. هن (جناح) انهيءَ ڪري ميان ممتاز دولتاني کي نامزد ڪيو ته هو پنجاب جي وزارت سنڀالي پر دولتاني انڪار ڪيو...... جناح ڪاوڙ مان ٽپي باهه ٿي ويو هو ۽ گڏجاڻي ملتوي ڪئي ويئي. مون (موديءَ) تڏهن ڪانئس پڇيو ته هڪ دوست جي حيثيت سان اوهان جو مون لاءِ ڪهڙو مشورو آهي. هن وراڻيو: "هنن سان واسطيداري ختم ڪري ڇڏ، (ايئن ئي) جيئن آئون ڪرڻ پيو وڃان." اسٽينلي وولپرٽ، "پاڪستان جو جناح"، صفحا 360 – 361)

Gul Hayat Institute

”سندس ملٽري سيڪريٽريءَ، جيڪو هڪ انگريز هو چا اهو نہ چيو تہ: 'جڏهن هو لاهور روانو ٿيو تہ جمار ۾ سانيڪو ورهين جو لڳو ٿي ۽ (جڏهن) هو واپس آيو تہ اسي ورهين جو جهُور پوڙهو ٿي ڏٺو.' پنهنجي (اهڙي) واپسيءَ کان پوءِ هڪ عجيب ويڳاڙپ ڪيس وڪوڙي ويئي هئي.“ (زبيري، جلد: ٻيو ڪتاب ساڳيو صفحو: 158)

11 آگسٽ 1947ع تي، ڪراچيءَ ۾ پاڪستان جي قانونساز اسيمبليءَ کي پنهنجي خطاب دوران قائداعظم جو هينيون معنا ڀريو، گهرو مشاهدو اشارو ڪري ٿو تہ جيتوڻيڪ هُو سدائين پُراميد ۽ پُرعزم رهندو هو، کيس تنهن زماني ۾ موجود صورتحال جي باري ۾ قطعي طرح ڪوبہ غلط اندازو نہ هو ۽ پوريءَ طرح پنهنجي ۽ پاڪستان جي اوسي پاسي ۽ سامهون موجود داخلي ڀيڃاهہ ۽ فريب ۽ پرڏيهي ڏهڪاءُ پاران پيدا ڪيل خطرناڪ رڪاوٽن، ڳجهن وڇايل ڄارن ۽ پاتارن تائين پهچندڙ غيريقيني حالتن کان پوريءَ طرح واقف هو.

”جڏهن اها ڳالهہ طئہ ڪئي ويئي تہ هندستان جي آئيني مسئلن جو حل رڳو ورهاڱو ئي هو (تڏهن) لڳ ڀڳ ايئن هو تہ هوجڻ باآواز سوچي رهيو هو ايئن تہ: ”تي سگهي ٿو تہ اهو خيال صحيح هجي، تي سگهي ٿو نہ بہ هجي، اهو (معاملو اڃا) ڏسڻ لاءِ باقي آهي.“ (11 آگسٽ 1947ع تي ڪراچيءَ ۾ پاڪستان جي قانوساز اسيمبليءَ ۾ قائداعظم جي تقدير مان ورتل، حوالو اقبال آخوند، ”ميمارس آف اي باءِ اسٽينڊر“، صفحو: 24)

پاڪستان فوج جي ڏهوڪي برطانوي ڪمانڊر ان چيف جنرل ميسروي (Messervy) فيبروري 1948ع ۾ پنهنجي ملازمت جي پڄاڻيءَ مهل دهليءَ جو دورو ڪيو ۽ مائونٽبيٽن پاران ڏنل مانجهاندي جي موقعي تي ڪيس پنڊت نهروءَ کي (حالتن ۽ واقعن کان) آگاهي ڏني. مائونٽبيٽن چوي ٿو: ”وزيراعظم (نهروءَ) جي پهچڻ کان اڳ ۾ جنرل ميسروي چيو تہ جناح (ڳالهين کي مجڻ ۾) وڏ ۾ وڏ ناممڪن بڻجي پيو آهي ۽ هو ڊنل هو تہ هُو (جناح) احساس برتريءَ (جي خبط) جي (انتهائي) مٿاهين ڏاڪي تي پهتل آهي. اهو عمومي طرح پاڪستان ۾ محسوس ڪيو پيو وڃي (ايتري تائين جو لياقت علي خان پڻ اهڙو اظهار ڪري چڪو هو) تہ جناح جو ڪارآمد پٽو ختم ٿي چڪو آهي ۽ هو هاڻي (رڳو) هڪ رڪاوٽ ۽ قطعي طرح (چئجي تہ)وبالِ جان آهي، پر ڪنهن کي بہ منجهائنس جان آڇي ڪرائڻ جو ڏس يا گس هٿ نٿو اچي.“ [”مائونٽبيٽن اينڊ انڊيپينڊنٽ انڊيا“، لاري ڪولنس اينڊ ڊامنڪ ليپيئري (Lapierre) صفحو: 258]

سندس حياتيءَ جي ٻنهہ پڇاڙڪي ڏهاڙي مهل، پاڪستاني حڪومت، ايتريقدر جو پنهنجي روڳ ۾ ورتل بانيءَ لاءِ، زيارت کان واپسي سفر واسطي ڪنهن هڪڙي هلي سگهڻ جهڙي ايمبولينس جو بندوبست نہ ڪري سگهي:

Gul Hayat Institute

”اسين (ماڙيپور ايئرپورٽ کان گورنر جنرل هائوس ڏانهن) چار ميل مسين هليا هئاسين تہ ايمبولينس بيهجي ويئي. ان ۾ خرابي اچي ويئي هئي... ڊرائيور لڳ ڀڳ ويهن منٽن تائين انجڻ کي ٺاهيندو رهيو ۽ (پر) ايمبولينس چالو نہ ٿي سگهي. فاطما جناح ملٽري سيڪريٽريءَ کي ٻي ايمبولينس وٺي ڪٽي اچڻ لاءِ روانو ڪيو. ايمبولينس ۾ تمام گهٽي گهُٽ ۽ٌوست هئي ۽ قائداعظم کان پگهر هلي نڪتا هئا..... مون (ڳٽيءَ مان) بدحواس ٿي شهر ڏانهن پئي واجهايو پر ايمبولينس جو ڪو نانءُ نشان نہ هو. مون (پنهنجي پاڻ کي) قطعي طرح لاچار ۽ بيوس محسوس ڪيو. انتهائي اذيتناڪ اينگهجي ويل وقفي کان پوءِ نيٺ ايمبولينس ظاهر ٿي..... ڪنهن بہ نٽي چاتو تہ ڪراچيءَ جي گهٽين منجهان (بيحد) ڪسمپرسيءَ واري حالت ۾ (ملڪ جي باني ۽ قوم جي ابي) قائداعظم کي نيو پيو وڃي.“ (وِٿ دي قائداعظم ڊيورنگ هز لاسٽ ڊيز“, ليفٽيننٽ ڪرنل ڊاڪٽر الاهي بخش, حوالو ساڳيو صفحو: 47_48)

”قائداعظم پنهنجي سڄي ويڙهہ اڪيلي سر وڙهي. هن سڀ سان ۽ اڪيلي (سڀ ڪجهہ پوڳيو.....“ (محترما فاطما جناح, ليفٽيننٽ ڪرنل الاهي بخش جي ڪتاب ”قائداعظم ڊيورنگ هز لاسٽ ڊيز“ جو مهاڳ, صفحو: 32)

هن رحم جوڳين ۽ پُراسرار حالتن ۾ مڪمل طرح وساريل, دغا ڏنل ۽ دل شڪستا شخص طور لاڏاڻو ڪيو. سنت پاڪستان مسلم ليگ جي سگهارين شخصيتن پنهنجو وقت کان اڳ ۾ معاوضو (انعام) (Golden Handshake) حاصل ڪيو. پاڪستان مسلم ليگ جي لڳ ڀڳ سموري ورڪنگ ڪميٽيءَ کي ”قوم کي ڏنل خدمتن عيوض نوازيو ويو.“_گورنر ۽ سفارتي منصبن سان ۽ انهن چوٽڪارو ماٽيو (سُک جو ساهہ کنيو) (زبيري, حوالو ساڳيو صفحو: 197)

(”1951ع ۾) لياقت علي خان جي قتل کان پوءِ پاڪستان ۾ اثرائتا ۽ انتظامي اختيار سول_ ملٽري ڪاموراشاهيءَ جي اعليٰ عهديدارن ڏانهن منتقل ڪيا ويا.“

(”پاڪستان دِي اَن اسٽيبل اسٽيٽ“, ليڪڪَ, حسن گرديزي ۽ جميل راشد, صفحو: 102)

اهڙن واقعن, اجا وڌيڪ, رياست جي طرز حڪمرانيءَ جي پراڻي وضع جي سازش ۽ سڌي سنئين خطاڪاريءَ جي اونهيءَ کڏ ۾ وڃي ڪِرڻ جو نتيجو ڏنو.

پاڪستاني رياست جي انهن شروعاتي ڏينهن کان وٺي, لاقانونيت, مطلق العنانيت ۽ استبداد روز جو معمول بڻجي ويا.

اِهائي اُها, حقيقي طرح مثالي منفي سماجي_ سياسي ۽ قانوني_ اخلاقي فضا هئي, جيڪا ڌاڙي ۽ ڦُرلٽ_ خاص طور پاڪستان جي حڪمران اشرافيا ۽ پنهنجي طور تي مڙهيل اختيارين

Gul Hayat Institute

پاران گڏيل قومي پاڻين /درياهن جي ڏاڙي ۽ ڦُرلٽ _ جي عملن جي سيني قسمن کي، قطعي مدافعت سان عمل ۾ آڻڻ لاءِ گهربل هئي.

ملڪ ۾ جديد بينڪي آقائن ۽ سنڌن مقامي اطاعت گذار حاڪمن جي رستي ۾ ايندڙ سڀ نظرياتي رنڊڪون ۽ رستي رڪاوٽون، جهڙوڪ قانون جي حڪمرانيءَ، وفاقيت، آئينيت، اختيارن جي ورڇ ۽ توازن وغيره جا تصور، سُٽت ئي، ٽوڙيا مروڙيا ۽ پاسي تي اُڇلايا ويٺا هئا. "قائداعظم زنده آباد"، "پاڪستان زنده آباد"، "اسلام زنده آباد" جي نعرن جي اوچي گونج ۾، جناح جي پاڪستان تي تسلط قائم ڪرڻ ۽ ان کي جديد بينڪيت پسندن ۽ سنڌن مقامي لاٽڙين جي دائمي قيد بند ۾ رکڻ لاءِ، جادوئائي لفظ "بي رحمي" ئي وڃي رهڻو هو. آواز جي رفتار سان، شين حرڪت ۾ اچڻ ۽ تاريخي انداز ۾ ڳالهائڻ شروع ڪيو.

گورنر جنرل غلام محمد 17هين اپريل 1953ع تي چونڊيل بنگالي وزيراعظم ناظم الدين کي برطرف ڪري ڇڏيو. هڪ ٻيرو ٻيهر فضل الحق جي يونائيٽيڊ فرنٽ حڪومت، جيڪا اوير پاڪستان ۾ فيبروري 1954ع جي چونڊن ۾ زبردست اڪثريت سان اقتدار ۾ آئي هئي، کي اقتدار سنڀالڻ جي ٻن مهينن اندر گهَرَ پيڙو ڪري، صوبي کي گورنر اسڪندر مرزا جي گورنر راڄ هيٺ رکيو ويو. پنجن مهينن کان پوءِ 24 آڪٽوبر 1954ع تي، گورنر جنرل غلام محمد، هوبهو جيمزبانڊ واري انداز ۾، آئيني اسيمبليءَ کي ٽوڙي ڇڏيو:

"..... مشترڪ مفاد رکندڙ مختصر ٽولي..... (يعني سيڪريٽري جنرل چوڌري محمد علي، گورنر جنرل غلام محمد، دفاعي سيڪريٽري اسڪندر مرزا، آرمي سربراهه ايوب خان – ليڪڪ) کي "چئن يارن جي چوڪڙي" جو اصطلاح ڏيئي سڳهجي ٿو." (زبيري، حوالو ساڳيو صفحو: 222)

(بنگالي) وزيراعظم محمد علي بوگره، ايوب خان ۽ اسڪندر مرزا کي هنگامي بنيادن تي امريڪا ۽ برطانيا مان گهرايو ويو.

"ملٽري سيڪريٽري ايئرپورٽ تي پهتل اهم شخصيتن سان مليو ۽ وزيراعظم کي ٻن جنرلن سان گڏ سڌو گورنر جنرل هائوس ڏانهن نيو ويو. گورنر جنرل کُلئي نموني وزيراعظم کي گاريون ڏنيون ۽ ٻنهي جنرلن کي چيو ته هن کي هتان وٺي وڃو. (ان وقت) ڪيس لاهور جي ڪال ڪوٺڙي ياد اچي ويئي: جتي جا ڏنڊا ڏوتا جيلر ٽوڪون ۽ چٽر ڳاڏڙ ڪِلون ڪندي، مٿس تشدد ڪري رهيا آهن..... ٻن جنرلن ۽ گورنر جنرل وچ ۾ ڏکهي ڳجهي صلاح مشوري کان پوءِ وزيراعظم.... کي ٻُڌايو ويو ته (سنڌس) بدنام آئيني اسيمبلي ٽوڙي پيئي وڃي....... (پر) هو وزيراعظم رهندو." (زبيري، حوالو ساڳيو صفحا: 223_224)

Gul Hayat Institute

انهيءَ قدم جي مسٽر جسٽس منير جي سربراهيءَ ۾ هلندڙ پاڪستان جي وفاقي عدالت منظوري ڏني.

”چيف جسٽس منير پاڻ اعتراف ڪيو: ’ذهني پوڳنا، جا هنن مقدمن وسيلي ججن کي پهچائي ويئي، اها بيان کان ٻاهر هئي. دنيا جي ٻي ڪنهن به جاءِ تي جج انهيءَ صورتحال مان نه گذريا هوندا، جنهن کي ”عدالتي تشدد“ طور بيان ڪري سگهجي ٿو.‘ “

(جسٽس منير جي 22 اپريل 1960ع تي لاهور هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن ۾ تقرير، جنهن جو حوالو مشتاق احمد پنهنجي ڪتاب ”گورنمينٽ ائنڊ پاليٽڪس اِن پاڪستان“ جي صفحي نمبر: 33 تي ڏنو آهي.)

”پارلياماني نظام..... اهڙيءَ ريت هڪ ڌماڪي سان پڄاڻيءَ تي پهتو“. (زبيري، حوالو ساڳيو صفحو: 146)

”ايئن ايم. جي. اڪبر پنهنجي ڪتاب: ”انڊيا: دي سِيج وِدِ اِن“ ۾ چوي ٿو: ”....اهو چالبازن جو ڳُڙهه هو. مٿان کان ڪاهه (Coup) کان پوءِ (پاڪستان ۾) پاليسيون اقتدار کي جهَڙَ هٽي ڪسڻ جي سطح تائين ڪِري پيون. ان ۾ ڪٽڻ واري جي پنيرائي ڪرٽي هوندي هئي.“ (برهان الدين احمد: ”دي جنرلس آف پاڪستان ائنڊ بنگلاديش“، صفحو: 3)

اهڙيءَ ريت، قائداعظم جي پاڪستان جا وفاقي بنياد اکوڙيا ويا ۽ پختونن، سنڌين ۽ بلوچن- جيڪي 1940ع واري ٺهراءَ ۾ تصور ڪيل آزاد ۽ خودمختيار برادراڻين رياستن جي هڪ مجموعي طور پاڪستان جي جوڙجڪ ڪرڻ لاءِ سهمت ٿيا هئا، ۽ نيٺ برابر ڀاڱي ڀائيوارن جي اڪيلي برادراڻي وفاق طور پاڪستان ۾ شامل ٿيڻ ۽ ان جي جوڙجڪ ڪرڻ لاءِ هنن پنهنجي پاڻ کي قائل ڪيو- جي وطنن کي فتح ڪيل علائقي جي ٻانهي حصن ۾ تبديل ڪرڻ، سنڌن وسيلن، خاص طرح پاڻي، زمين ۽ ملازمتن کي ”مالِ غنيمت“ جاڻي قبائڻ ۽ لُٽڻ لاءِ مخصوص ڪري رکڻ واسطي هاٺي رستو (بلڪل به) صاف هو.

ون يونٽ مڙهيو ويٺو هو:

”سيپٽمبر 1954ع ۾، دولتانه (صوبائي خودمختياري ختم ڪرڻ لاءِ) پنهنجو دستاويز تيار ڪري ورتو هو. 4 آڪٽوبر 1954ع تي، جنرل محمد ايوب خان سنڌس تفصيلي تجويزون روانيون ڪري ڇڏيون هيون..... وچائڻ لاءِ ڪو گهٽو وقت نه بچيو هو.“ (زبيري، جلد ٻيو صفحا: 222-223)

”رفتار، جيڪڏهن ممڪن هجي ته آواز جي رفتار گهربل هئي.“ ڪٺپُتلي وزيراعظم محمد علي بوگره رڙ ڪئي. پنجاب خاطر، اڳواٽن، تاريخدانن کي (پنهنجي حق ۾) موڙيو. ڳُل تاريخ، پنجاب ۾ سِک رياست جي ظهور ۾ اچڻ (جي زماني) سان شروع ٿي.

Gul Hayat Institute

”اولهه پاڪستان جا صوبا هاڻوڪي 20هين صديءَ جي پيداوار هئا. سرحد کي پنجاب کان 1910ع ۾ ئي الڳ ڪيو ويو. سنڌ 1937ع ۾ ئي، گڏيل قوميت جي مسلمانن پاران گهُرَ جي نتيجي ۾، 1937ع ۾ الڳ صوبو بڻيو، ۽ اها بهرصورت، پنجاب جو حصو بڻجي پوي ها، جيڪڏهن برطانيا پاران سندس فتح، سِکن کي ڏنل آخري شڪست کان اڳ ۾ نه ٿئي ها. ڏارين جي فتح واري عرصي جي محتاج انتظامي سرحدن جي ڪابه جائز حيثيت نه هئي ۽ صوبا جهڙي نموني 1947ع ۾ جوڙيا ويا، انهن ۾ ڪابه لساني ۽ نسلي هيڪڙائي نه هئي. [ پنجابي اڳواڻ نواب مشتاق گرماڻي جي پاڪستان جي آئين ساز اسيمبليءَ ۾ تقرير، سي. اي پي، جلد_1 حصو پهريون_ 1955، صفحا: 784 کان 809 تائين، جنهن جو حوالو مسٽر حسين زبيري پنهنجي ڪتاب ”ووئيج ٿرو هسٽري، جلد، 1، صفحو: 240 تي ڏنو آهي]

”پنجابي مسلمانن کي چڙي، جن تي رنجيت سنگهه ۽ سندس يورپي جنرلن، جهڙوڪ ايويٽيبائيل (Avitabile) _ پشاور ۾ مقرر اطالوي جنرل (جيڪو نيرن ۽ ملاقات لاءِ آيلن سان ملڻ کان اڳ، پنهنجي گهر جي ڊيڊيءَ ٻاهران ڇهن پٺاڻن کي ڦاسيءَ تي ٽنگيندو هو) جي حڪومت هئي. جيڪڏهن برطانيا نه اچي ها ته رنجيت سنگهه جا پنج يورپي جنرلَ پنهنجين فوجُن وسيلي، جن کي هنن سکيا ڏني هئي، ڪابل ۽ پڻ سنڌ ۽ بلوچستان کي فتح ڪري چڪا هجن ها. برطانيا جي اچڻَ اُتر_اولهه هندستان جي مسلمانن کي بچائي ورتو.“ (”فرام ميموري“، ليکڪ: فيروز خان نون، صفحو: 9_10)

”اولهه پاڪستان ۾ هاڻوڪين صوبائي ورهاستن کي برقرار رکڻ لاءِ ڪوبه جواز_ سياسي توڻي انتظامي طرح_ موجود نه آهي. ڪين (صوبن) کي جاگرافيائي، نسلي، ثقافتي يا معاشي احساس (جي تحفظ) جي ضمانت نه ڏني ويئي آهي. ياڳي يائيواريءَ جي احساس کي هٿي ڏيڻ واسطي، اولهه ۽ اوير پاڪستان ٻنهي کي برابريءَ جي بنياد تي جائتو ڪيو ويو آهي. ٻئي اڪايون، انهيءَ صورت ۾ هڪ مانواري، ٻاهمي، فائديمند، ساراهه جوڳي ۽ جٽادار ياڳي يائيواريءَ سان اڳتي وڌنديون (۽) اهڙيءَ ريت هڪ وحدت طور ملڪ جي خوشحاليءَ کي زور ونرائينديون.“ محمد علي بوگره اعلان ڪيو. (زبيري، جلد ٻيو صفحو 242 – 243)

(صوبائي حيثيت جي) خاتمي لاءِ هدف بڻايل چونڊيل صوبن جي اسيمبلين جي ميمبرن تي دهشت تي راڄ کي (کُلي) ڇوٽ ڏني ويئي.

15 آڪٽوبر 1956ع تي ون يونٽ مڙهيو ويو. پهرين شيءِ جنهن جي ڪرڻ جي گهرج هئي، اها هئي سنڌو درياهي نظام جي سموري پاڻيءَ جي بنا روڪ ٽوڪ مجرماڻي جوڙ توڙ ۽ خرد برد کي يقيني بڻائڻ. ”اها ٽيم، جنهن انهن پاڻين جي سلسلي ۾ يارت ۽ عالمي بئنڪ سان ڳالهيون ڀئي

Gul Hayat Institute

ڪيون، جنهن ۾ سنڌ ۽ سرحد (خيبر پختونخواهه) جا نمائندا شامل هئا، ٽوڙي ويئي ۽ هڪ نئين ٽيم جوڙي وئي. سڀ...... ننڍن صوبن سان تعلق رکندڙ ميمبر ڪڍيا ويا ۽ پنجاب سان تعلق رکندڙ هيٺيان سڀ جا سڀ ميمبر، سواءِ استثنا جي، شامل ڪيا ويا:

محترم جي. معين الدين، ڪي. بي. ايم. عبدالحميد، چيف انجنيئر پنجاب، محترم خليل الرحمان، محترم ايس. ڪرماني، محترم ايس. آءِ. محبوب، محترم ايس. ايم. نياز محترم الطاف حسين." ("ڪالاباغ ڊيم"، ليکڪ: ابرار قاضي، صفحو: 29_32)

اها ڳالهه واضح هجي ته سنڌ، سرحد (پختونخواهه) بلوچستان يا بهاولپور (رياست) ۾ سينيئر ۽ قابل انجنيئرن جي ڪابه کوٽ نه هئي. انهن ۾ پاڪستان حڪومت جو اڳوڻو چيف انجنيئرنگ صلاحڪار محترم اي. آر. قاضي ايس. ق. اي شامل آهي. جيڪو انهيءَ ساڳئي وقت (يعني جنهن وقت اها ٽيم جوڙي پئي ويئي) چيف انجنيئر (پاڻي) واپڊا طور خدمتون سرانجام ڏيئي رهيو هو پر هو ڳالهين ڪندڙ پاڪستاني ٽيم ۾ نه ڪنيو ويو هو.

8 آڪٽوبر 1958ع تي صدر اسڪندر مرزا، جنرل ايوب خان جي ملي ڀڳت سان مارشل لا مڙهيو ۽ صوبائي ڪابينائون ۽ مرڪزي ڪابينا برطرف ڪيون ويون. لڳ ڀڳ ٻن مهينن ڪان پوءِ "27_28 آڪٽوبر جي رات، ايوب خان ٽن جنرلن- برقي، اعظم ۽ شيخ کي صدر ڏانهن، ڪانئس استعيفا گهرڻ لاءِ موڪليو..... مرزا شروع ۾ مزاحمت ڪئي، پر جنرل اعظم پنهنجو پستول ڪڍي (ڏانهس سڌو ڪري) ورتو جنهن تي هن استعيفا واري ڪاغذ تي صحيح ڪئي......" (ليفٽيننٽ جهانداد خان، "پاڪستان- ليڊرشپ چئلينجز"، صفحو: 38) ايوب خان پنهنجي پاڻ کي پاڻ صدر مقرر ڪري ڇڏيو.

"نئين حڪومت اولهه (جي ملڪن) جي منظوري ماڻڻ ۾ سوڀاري ٿي، جيتوڻيڪ، اهڙو عمل آزاد دنيا جي قدرن جي منافي هو. جيئن ان تي چارلس بَرٽن مارشل تبصرو ڪندي چيو ته تباهيءَ کي ڪاميابيءَ جي معنا ۾ پيش ڪيو ويو جڻ ته ڪا شيءِ چڱي ۽ تعميري واقع ٿي هجي- جڏهن (اصل ۾) سياسي ادارن کي چيڀاٽيو ويو ۽ انهن کي ڪٽي پاسي تي اُڇلايو ويو:("جنرل آف پاڪستان ائنڊ بنگلاديش"، برهان الدين، صفحو: 10)

انهيءَ مرحلي تي، ماٺهو اهو پڇڻ تي مجبور ٿئي ٿو ته: ايئن ڪيئن واقع ٿيو آهي ته پنهنجن هندو هم وطنن جي اُبتڙ، هندستاني مسلمان- خاص مسلمان اڪثريت وارن صوبن جا مسلمان، ڌارين جي غلاميءَ مان آزادي ماڻڻَ ۽ اتحاد، سُني موچاري هلت، جمهوريت وسيلي دنيا ۾ سماجي، ثقافتي، سياسي ۽ معاشي اؤسر کي جيتڻَ، عوام ۾ اُپار آڻڻَ، پنهنجين اٿاهه/ بيپناهه توانائين جي اربڻَ ۽ سيني ميدانن ۾ بنا روڪ قومي تعمير ڏانهن اڳتي وڌڻ بدران پنهنجي وچئين (پراڻي وضع) واري

Gul Hayat Institute

تاريخ جي بنھ اونداھن دؤر جي مخصوص حڪمرانيءَ جي رَجعت پسند، استحصالي، جابراڻن طريقن ڏانھن شرمناڪ نموني موٽ ڪاڏي؟ انھيءَ سوال جو جواب ھندستاني مسلمانن جي پراڻي ۽/ توٽي ھاٽوڪي- ٻنھي تاريخن مان ڳولڻو پوندو.

(1) انھن علائقن ۾ مسلمان عوام جي اڪثريت، صدين ڪان وٺي، (وڏيءَ حد تائين) شديد غربت، بي علمي، وھم پرستي ۽ حقن ڪان محروميءَ واري ڪيفيت ۾، مُدي خارج، رَجعت پسند، عوام دشمن ۽ ظالماڻن قبيلائي، جاگيرداراڻن ۽ سامراجي نظامن ۾ پيئي ساھ کنيو ھو.

(2) برطانيا، عرب فتحن جي گذريل تاريخ، ڇھن صليبي ويڙھن، اُيرندي يورپ ۾ سلطنت عثمانيا، مسلمان دنيا جي يورپي فتحن- ۽ ان حقيقت تہ، مسلمان علائقا حڪمت عمليءَ جي لحاظ ڪان ائٽلانٽڪ ڪان پئسفڪ مھاساگرن تائين پکڙيل ھئا- کي نظر ۾ رکندي، مسلمان دنيا جي عوام جي نئين سجاڳيءَ ڪان، وَڻ ۽ وڄڻ واري نموني، ڊنل ھو. ۽ اھا ڳالھ (پليءَ پٽ) چاٽلَ ھئي تہ ھڪ پيري انھن جياپي ۽ پيداوار وارو سرمائيداراڻو سماجي- اقتصادي طريقيڪار (چاٽي ۽) ماڻي ورتو تہ اھي دنيا مٿان اولھ جي ھڪ ھٿيءَ لاءِ ڳنڀير نموني خطرو بڻجي اُڀرڻا ھئا. تنھنڪري، برطانيا چاھيو پئي تہ اھي روشن خيالي، سياسي بيداري ۽ عوامي سگھ ڪان پري، مسلمان انھيءَ ساڳي اَگھي، پنتي پيل، بيوس ۽ وحشي ڪيفيت ۾ رھن، جيئن صدين ڪان وٺي، اھي رَجعت پسند، استبدادي ۽ ظالماڻين سماجي قوتن جي چنبي ۾ رھندا پئي آيا.

"پنجاب، سرحد (خيبر پختونخواھ) ۽ بلوچستان صوبا، پنھنجن علائقن جي حڪمت عمليائي افاديت ۽ فوج ۾ پرتيءَ جي وسيلي طور سندن اھميت جي ڪري، سوچيل سمجھيل سامراجي پاليسيءَ جي ھڪ معاملي جي حيثيت ۾، قومي تحريڪن ڪان پڻ ڏار ڪري رکيا ويا آھن." ("پاڪستان- اي اسٽڊي آف پوليٽيڪل ڊيولپمينٽس –1947_97ع"، حامد يوسف، صفحو: 26)

"19ھين صديءَ جا محدود سڌارا...... اولھ جي مسلمان اڪثريت وارن علائقن ۾ پھچايا نہ ويا ھئا. 1947ع تائين ٻين صوبن ۾ متعارف ڪرايل (رياستي) خودمختياريءَ جي سِيني سڌارن ڪان بلوچستان کي محروم رکيو ويو." ("ووئيج ٿرو ھسٽري"– مسرت حسين زبيري، صفحو: 112)

"ننڍي کنڊ جي (مسلمان اڪثريت) واري اُتر_اولھ حصي ۾ برطانوي انتظامڪاري، ھندستان جي ٻين حصن ڪان مختلف ھئي." ("دي ڊيسٽرڪشن آف پاڪستانس ڊماڪريسي"، ايلن ميڪ گراٿ، صفحو: 6_7)

(3) ھندستان تي 700 ورھيہ ڊگھي مسلمان راڄ دوران، مسلمان حڪمران اشرافيا جو ڪردار، گھڻي ڀاڱي، مراعت يافتا مفت خورن (Parasites) وارو ھو جن جو گذران گھڻي ڀاڱي، بنھ سخت (۽ محنت طلب) ھنرن سکڻ (۽ پنھنجائڻ) بدران تلوار جي زور تي دولت ۽ اقتدار تي قبضي ڪرڻ تي

Gul Hayat Institute

هو. عام هندو خسيس تر نوڪريون ڪندا هئا ۽ رڳو گذاري خاطر سيني قسمن جا هنر ۽ ڌنڌا سکندا هئا. برطانوي اقتدار جي ظهور کان پوءِ انهن هنرن ۽ ڌنڌن کي آزمائڻ ۽ منظورِ نَظر رعايا ۽ نون حاڪمن جي نئين حصيدارن بڻجڻ جو وارو آيو. جڏهن تہ مسلمان ماضيءَ جي خوابن مان بيدار/ سجاڳ ٿيڻ کان انڪار ڪيو.

”برطانيا خلاف 1857ع واري غدر واري ناڪام هندستاني ويڙهہ کان پوءِ مسلمان پنهنجي پاڻ کي تبديليءَ جي سانچي ۾ لاهڻ لاءِ تيار نٿي ڪري سگهيا. اُهي حڪمران رهي چڪا هئا ۽ فوجي جوان/ سپاهي هئا ۽ انهن مان بنهہ ٿورڙن پاڻ کي واپار ۽ ڌنڌن ڪرڻ ڏانهن مائل ڪيو...... انهيءَ جي اُبتڙ هندوئن (انگريز فتح واري) تبديليءَ جو آڌر ڀاءُ ڪيو....... مسلمانن جي 700 ورهين تي ٻڌل حڪمرانيءَ جي يادگيري سندن دلين ۾ (ڳنڍي وانگي) ڇُپي رهي هئي..... هندو (برادريءَ)...... ۾ (نئين ماحول سان) موافقت پيدا ڪرڻ جي غيرمعمولي صلاحيت هئي..... انهن انگريزي ٻولي وڏي شوق سان سِکي، جيئن انهن فارسي سِکي ورتي هئي، تنهن ڪري انهن...... نئين انتظاميا ۾..... آسانيءَ سان ملازمتون هٿ ڪري ورتيون هيون. پر، مسلمان، پنهنجي احساسِ برتريءَ کان ٻاهر نہ اچي سگهيا ۽ انهن لاءِ اولهہ جي تهذيب مردود (۽ ملعون) ئي بڻيل رهي...... انهن پنهنجي حيثيت کي ڏِڪارَ وچان ڏٺو پئي، جيڪا واقعي بہ رحم جوڳي بڻجي چڪي هئي.“ (”فرام جناح ٽُ ضياءُ – محمد منير، پاڪستان جو رٽايرڊ چيف جسٽس، صفحو: 3 ۽ 4)

”هندو اولهہ جي تعليم ۽ سکيا کي پنهنجائڻ لاءِ ترت تيار ۽ وڏيڪ راضي هئا. اهڙيءَ (صورتحال) هڪ گوناگون پسمنظر (۽)/ پر علم، تصورن ۽ قدرن جو گڏيل پيشمنظر رکندڙ هڪ نئون مربوط ڪُل هندستان طبقو وجود ۾ آندو. انهيءَ طبقي جي سياسي اُمنگن منجهان، جديد هندستاني قومپرستيءَ جنم ورتو.“ (”پاڪستان-اي اسٽڊي آف پوليٽيڪل ڊيولپمينٽس، 97-1947ع“، حامد يوسف، صفحو: 2)

”واقعن جي اهڙي وَڏَ وجهندڙ موڙ کين (مسلمان کي) نئين للڪار کي مهاڏي ڏيڻ لاءِ مذهبي تطهير/ تزڪيي (Purification) واسطي، اندر ۾ جهاتي پائڻ تي مجبور ڪيو. نام نهاد وهابي تحريڪون سياسي حمايت ميڙي سهيڙي نہ سگهيون....“ (حوالو ساڳيو صفحو: 9)

”سرڪار ۾ ڀاڱي ڀائيواريءَ لاءِ برطانوي راج دوران جيڪي موقعا موجود ڪيا ويا، (پر) انهن کان ڊپ، شڪ يا وڏائيءَ وچان (فائدي ماڻڻ کان) انڪار ڪيو ويو. ڪيترن ئي مسلمان اڳواڻن محسوس ڪيو تہ کين اولهہ جي خيالن کان پاڪ رهڻ کپي- انهيءَ ڊپ وچان تہ (سندن) ماڻهن جي مذهبي طرز حيات جا ترا نہ نڪري وڃن.....“ (”دي ڊيسٽرڪشن آف پاڪستانس ڊماڪريسي“، ليکڪ ايلن ميڪگراٿ، صفحو: 8)

Gul Hayat Institute

”...... (مسلمانن) هندستاني نون حڪمرانن جي ٻوليءَ سميت اولهه جي اثر ۽ ثقافت جي سرايت/ پيوستگيءَ کي ڌڪار جوڳو تي ڄاتو.“ (”گورنمينٽ ائنڊ پاليٽڪس اِن پاڪستان“- ليکڪ مشتاق احمد، صفحو: 1)

”هنن (هندوئن) پنهنجي پاڻ کي نئين نظام جي قالب ۾ سنت ئي لاٿو ۽ صنعت ۽ انتظاميا جي ميدان ۾ اقتصادي موقعن مان پورو پورو فائدو ماڻيو. عمومي طرح ڏسڻ/ جاچڻ/ چوڻ ۾ نتيجو اهو نڪتو جو (ڏاڍي بہ ڏاڍي) اهي مسلمانن، جيڪي نااُميدي ۽ پسپائيءَ جي احساس منجهہ ڪڙهي (۽ پچي) رهيا هئا، ڪان اڳتي نڪري ويا.........

”هندو نہ رڳو اقتصادي طرح خوشحال ٿيا، پر انهن هڪ الڳ سياسي وجود طور هڪ نئون شعور پڻ ماڻيو....“ (حوالو ساڳيو صفحو: 2)

(5) اڳين مرحلي ۾، جڏهن هڪ پاسي، سر سيد احمد خان، سيد امير علي، حسن علي آفندي وغيره جهڙين شخصيتن جي سورمائي، پيڙهہ ٻڌندڙ روشن خيالي، وابستگي ۽ سڌاري ڏانهن وڌي ويندڙ ڪردار جي مهربانين سان، مسلمانن ۾ پڙهيل ڪڙهيل پرت/ گروهہ/ طبقو پيدا ٿيو ۽ ٻئي پاسي، ٻليءَ پٽ پڙهيل ڳڙهيل سياسي طرح فعال هندو پرت/ گروهہ/ طبقو مناسب سياسي مهارتن ۽ خود اعتمادي ماڻڻ ڪان پوءِ، ڪنهن حد تائين طاقت وسيلي پنهنجن حقن جي گهُر جي ڏاڪي تائين وڃي پهتو تہ برطانيا اڪ پٽي ۽ مصاحبن جي ڪنهن نئين جٿي لاءِ واجهائڻ شروع ڪيو. اهڙيءَ ريت، مسلمان جاگيردار اشرافيا ۽ خدمتگذارن پنهنجي اڳوڻي لاتعلقيءَ ڪان يُو-ٽرن (U-turn)[1] ورتو ۽ سامراجي راڄ جا ٻڌا ٻانها طمعَ-ماريا/ زر طلب/ دولت جا گهرجائو ٽنپ ٻڻجي پيا- شاهاڻي نموني نوازيا ويا ۽ نيم سرڪاري طرح پنهنجن مسڪين ماڻهن مٿان مفت خور سردارن (Bullies) طور مڙهيا ويا. انهن صاف ستري/ بي داغ ۽ شريفاڻي/ مهذب نموني سماجي، اقتصادي ۽ سياسي لاقانونيت ۽ ڌوهہ وسيلي گذرانُ ڪيو پئي. نيم سرڪاري پٺماني تي، چاپلوسيت، استحصال ۽ جبرُ همٿايلَ (عملَ) ٻڻجي پيا ۽ سماجي طور تي سَنا/ پوڳيا ويا ۽ اميد ڪئي ويئي اهي (منفي قدر) سندن طرز حيات ٻڻجي پوندا.

ڪيترائي سياستدان ۽ عملدار، جن پاڪستان ۾ سياسي طاقت کي لاقانونيت ۽ سياسي ڌوهن وسيلي غصب ڪيو ۽ ان جي ڦُرلٽ ڪئي، انهن مٿئين زمري سان تعلق ٿي رکيو:

[1] يو-ٽرن (U-turn): ڦري ان ڏس ۾ واپس وڃڻ جو عملُ جتان ڪان اچجي. حڪمت عمليءَ ۾ تڪڙي تبديليءَ جو عمل يا فيصلو.

”پنجاب ۾ هڪ طرز حڪومت جائتو ڪيو ويو جيڪو بنگال ۾ بيهاريل (طرز حڪومت) کان بنهه مختلف هو. پنجاب ۾ حڪومت قاعدن قانونن بدران فردن وسيلي وجود ۾ رکيو/ هلائي پئي ويئي.

”لکيتي قانونن، سياستدانن، اسيمبلين ۽ حجتي قانوندانن جي ڪهڙي گهرج يا گنجائش؟ اها روايت برطانيا پاران اهڙن تربيت ڏنل ماڻهن جهڙوڪ: غلام محمد، ايوب خان، اسڪندر مرزا، چوڌري محمد علي ۽ محمد منير (وغيره) جي پسمنظر جو حصو هئي، جن کي آزاديءَ کان پوءِ وارن سالن ۾ پاڪستان ۾ اهم ڪردار ادا ڪرڻو هو. انهن سڀني جو تعلق پنجاب سان هو ۽ سمورا انهيءَ سول، فوجي ۽ عدالتي ڪاموراشاهيءَ جا اڳوڻا ميمبر هئا، جن برطانيا (جي حڪمرانيءَ) هيٺ حڪومتي عملي سرشتي (Machinery) جو انتظام هلايو هو.“ (”ڊيسٽرڪشن آف پاڪستانس ڊماڪريسي“، ايلن ميڪگرات، صفحو: 7)

”غاصبن جي مزاحمت اسان جي ثقافت جو حصو نه آهي، نه ئي وري اها شيءِ اسان جي سماج جي بهترين روايتن پٺاندر آهي.“(”پاڪستان اي ڊريم گان سئور“، ليکڪ: روئداد خان، صفحو: 42)

10 جون 1959ع تي جاري ڪيل هڪ نوٽيفڪيشن وسيلي، ايوب خان جي حڪومت انڊس بيسن ايڊوائيزري بورڊ (IBAB) نالي هڪ ادارو راوي، بياس ۽ ستلج (درياهن) جي پارت کي وڪري سبب پيدا ٿيل پاڻي کوٽ جي پورائي لاءِ بهترين رٿابندي ترتيب ڏيڻ لاءِ جوڙيو. بورڊ تي پنجاب کان سواءِ سنڌ يا ٻئي ڪنهن صوبن/ علائقي جو نمائندو نه ڪنيو ويو. اهڙيءَ ريت آءِ بي اي بورڊ جا منصوبا ۽ فيصلا مٿين منصوبن ۽ فيصلن تي آڌاريل ڳالهيون، نج پچ نموني، رڳو پنجاب جو ئي معاملو هيون.

اُنهيءَ وقت مٿي ڄاڻايل سنڌ جي انجنيئر محترم اي. آر. قاضي، ايس. ڪيو. اي (جيڪو پوءِ پاڪستاني حڪومت جو چيف انجنيئر صلاحڪار بڻيو) اهو پاڪستان ۾ حاضر سروس سڀ کان سينئر چيف انجنيئر (پاڻي) واپڊا هو ان کي آءِ بي اي بورڊ ۾ شامل نه ڪيو ويو جيتوڻيڪ اهو واپڊا (جو ادارو) ئي هو جنهن کان تعمير ٽينڊز آبپاشي ڪمن جي تجويز ونڻي هئي.

1960ع واري معاهدي ڏانهن وٺي ويندڙ ڳالهين ۾ شامل بنيادي مسئلا، سنڌ- پنجاب پاڻي تڪرار- 1857ع کان 1960ع تائين (هاڻي 1857ع کان 2003ع تائين) جي بنيادي مسئلن ۾ (سنڌن شڪل بگاڙڻ جي خيال کان) ڳوهيا/ رلايا ملايا ويا ۽ انهن مٿان (انهن کي ڍڪي پُوري ڇڏڻ جي خيال کان) لنبيا ۽ ليپيا ويا. معاهدي جون ڳالهيون، جيتوڻيڪ رسمي ۽ظاهري طرح هڪ پاسي پاڪستان ۽ ٻئي پاسي پارت ۽ عطيو ڏيندڙ (Donor) ملڪن وچ ۾ معاملي (تڪرار) جي نقطن تائين محدود هيون، (پر) پنجاب جي اختيارين سنڌ- پنجاب پاڻي تڪرار جي تاريخي معاملي ۾

Gul Hayat Institute

گڏيل پاڻين (درياهن) جي وڏي پئماني تي ڦرلٽ لاءِ هڪ صديءَ (جي عرصي) تائين ملزم ٿي رهڻ منجهان، پنهنجي پاڻ کي ڦيرائي، ڪٽي، ذاتي ملڪيت يعني پاڪستان جي پاڻي وسيلن جي حقيقي اڪيلي وارثن ۽ انهن جي اچي ڪاري جي مالڪن بڻجڻ ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. انهن پنهنجي مقصد ۾ سنت ئي خود ساختا ججن طور پنهنجي پاڻ کي ئي مقرر ڪري ڇڏيو. پنجاب اختيارين خلاف سنڌ جي هڪ صدي پراڻي (ڊگهي) تڪرار کي ڌيان ۾ رکڻ کان سواءِ (ٽينڊرز) ڳالهين لاءِ "قومي منصوبي بندي" منجهان پاهر ڪرڻ واسطي "رٿابنديءَ" جي سياسي چال وسيلي آءِ. بي. اي بورڊ کي نظرانداز ڪيو ويو. اهو بورڊ جنهن سنڌ سميت اولهه پاڪستان جي سمورن عوام جي بنهه وڏي انگ جي عظيم ترين قومي چڱائيءَ لاءِ "منصوبي بنديءَ جي ماهرن" جي لباس هيٺ اسلامي جمهوريه پاڪستان جي اٽڌرئي وفاقي قومي منصوبي بنديءَ واري اداري جو ڦريرو ٿي ڦڙڪايو. انهيءَ (ڳالهين لاءِ قومي منصوبي بندي) وسيلي جهلم ۽ چناب جا پاڻي وهڪرا، منگلا ڊئم ۾ ذخيرو ڪيل پاڻي ۽ سنڌوءَ تي (اڏيل) تربيلا ڊئم وارو جهجهي پاڻيءَ وارو مقدار- هڪ نه ٻئي بهاني، پنجاب کي ڏنو ويو هو.

سڀ شڪايتون، اُصولَ، اڳوڻا فيصلا ۽ دليلَ ماٺ مِٽي ۾ ۽ اشاري ڪيل نموني، قومي منصوبي بندي ۽ عالمي ڳالهين جي (پُرفريب) ڏنڌلي چادر هيٺ، تاريخ جي رديءَ واريءَ ٽوڪريءَ ۾ ڦٽا ڪيا ويا.

"...... جيئن ئي 14 آڪٽوبر 1955ع کان ون يونٽ انتظاميا وجود ۾ آئي ته پنجاب معاهدي هيٺ گهربل ڪمن جي (خاص طرح پنجاب ۾) تجويز ڪيل نظام وسيلي پنجاب جي مڪمل ترقيءَ لاءِ پنهنجن ذاتي تجويزن کي منظور (۽ مڪمل) ڪرڻ واسطي، ان کي (موقعي مان فائدي وٺڻ جي لحاظ کان) مناسب ڄاتو ۽ هن (پنجاب) هڪ پاسي ملڪ اندر موجود آءِ بي اي بورڊ کي سموري منصوبي بنديءَ کي هم آهنگ ڪرڻ ۽ (ان وسيلي) ٻئي پاسي معاهدي جي وفد (Treaty Delegation) ۽ (عالمي) بئنڪ جي مشاورتي ماهرن (Consultants) سان اڪيلي جوڙ/ ڪڙي/ ڳانڍاپي (Link) مهيا ڪرڻ وسيلي ڪارروائي ڪرڻ شروع ڪئي. ("انڊس واٽر اِلوڪيشن – هسٽري آف دَ ڪيس"، ليکڪ: جِي. ڪي. سومرو، صفحو: 139)

"آءِ بي اي بورڊ جي تجويزن جو مقصد، مُکي طرح، (پنجاب ۾ آبپاشيءَ جي) اڏجنڊز ڪمن جي، جيتري حد تائين ٿي سگهي، وڏي نظام کي فعال ڪرڻ واسطي، فنڊن جي مد ۾ وڌ ۾ وڌ رقم حاصل ڪرڻ هو. انهيءَ مقصد جي ڏس ۾، اهي پارٽ کان مقرر ڪيل رقم کان اضافي 175 ملين آمريڪي ڊالر، اتحادي/ الحاقي ملڪن کان 175 ملين آمريڪي ڊالر جي مفت مدد ۽ 150 ملين آمريڪي ڊالرن جو قرض ماڻڻ ۾ ڪامياب ٿيا. 1964ع واري ضمني معاهدي (Supplemental Agreement) پاڪستان کي منصوبن لاءِ پرڏيهي مٽا سٽا جي ناڻي جي صورت ۾ 315 ملين آمريڪي ڊالرن جي واڌو رقم ڏياري.

Gul Hayat Institute

”ڪوٽ جي پورٽ (Replacement) واري ڪامل عملَ کان پوريءَ طرح ڪٽيل لنڪ ڪئنالن (Links) ۽ پاڻيءَ جي ذخيرن/ ڊئمن (Storages) جي اڏاوت واري ترڪيب مهيا ڪرڻ جي وسيلي، گهرو محاذ تي آءِ بي اي بورڊ اهو ڪجهه ڪري ڏيکارڻ ۾ ڪامياب ٿيو جيڪي ڪجهه پنجاب جون اڳوڻيون حڪومتون نه ڪري سگهيون هيون. اهڙي صورتحال ڪڏهن به حقيقي شڪل نه وٺي سگهي ها، جيڪڏهن سنڌ حڪومت وجود رکندي هجي ها يا سنڌ جي هاري/ زراعت تي آڌاريندڙ طبقي جي مفادن کي نظر ۾ رکيو وڃي ها. آءِ بي اي بورڊ ۾ سنڌ جي نمائندگي نه رکڻ ۽ سنڌ جي ڪنهن واسطيدار/ غرضمند/ لاڳاپيل حصي مان ڪنهن احتجاج نه اُبرڻ جي ڪري اهو هنن لاءِ ممڪن بڻجي پيو. ان وقت، اولهه پاڪستان جي آبپاشي کاتي پڻ پنجاب سان تعلق رکندڙ ڪاموري (محبوب) جي سربراهيءَ هيٺ ڪم پئي ڪيو. ڪنهن فرد پاران ڪنهن (اختلافي) معاملي اُٿارڻ کان بچڻ واسطي، سيني فيصلن بابت مانار اختيار ڪرڻ لاءِ سيني (واسطيدار آبپاشي ڪامورن ۽ عملدارن) ڏانهن سخت ڳجهيون هدايتون جاري ڪيون ويون. (حوالو ساڳيو صفحو: 140)

هڪ پيرو بيهر زور ڀريي انداز ۾ پيش ڪجي ته سنڌ جي نمائندگيءَ کان سواءِ اهڙي بورڊ جوڙڻ وارو پاڪستاني حڪومت جو حڪمنامو انهيءَ بورڊ جي جوڙيل مڙني تجويزن ۽ رٿائن ۽ ان جي صحيح ڪيل/ منظوري ڏنل مڙني سنڌ جي حقن ۽ مفادن تي شديد ۽ منفي نموني اثرانداز ٿيندڙ ٿاهن سميت، ان سطح جي حالتن هيٺ، فطري انصاف جي لاڳو اُصولن کان منحرف، غيرقانوني، ڪنهن به قانوني اثر کان وانجهيل ۽ شروع کان غيرمؤثر هو.

ننڍن صوبن خاص طور سنڌ خلاف، پاڻي وسيلن جي منصفاڻي ورڇ جي معاملي ۾ مستقل مفادن جي اختيار ڪيل ملي ڀڳت، چالبازيءَ ۽ جبر کي درست نموني سمجهڻ لاءِ هيٺين حقيقت ۽ حالتن کي ذهن ۾ رکڻُ مددگار ثابت ٿيندو:

(1) پاڪستاني پاڻين يعني اهي جيڪي سنڌو درياهي نظام سان تعلق رکن ٿا، جي سلسلي ۾ اولهه ۽ اوڀر پنجاب وچ ۾ 1948ع ۾ پاڪ - ڀارت ڏيکاءَ خاطر ڳالهين ۾، اجا به (اصل ۾) ڳجهه ڳوهه ۾ ۽ ماٺ مٺيءَ ۾ ڪيل جالنڌر سمجهوتي ۾ نمائندگي نه هئي، ان ڪري ننڍا صوبا، سندن پرپٺ ڪيل ۽ پنهنجي نقصان ۾ ٿيل مٿين سمجهوتن ۾ ڪيل فيصلن کي اخلاقي، سياسي ۽ قانوني طرح (مڃڻ/ قبولڻ لاءِ) پابند نه هئا/ آهن.

(2) سنڌ سميت ننڍا صوبا ذميوار قرار ڏنلَ نٿي ٿي سگهيا ۽ نه ٿِي ٿا سگهن - انهن نقصانن ۾ حصيدار ٿيڻ لاءِ، جيڪي انهيءَ صوبي جاڻي ٻجهي رسايا، جنهن ٻين ڳاڙڙ پاڻي - حصيدارن جي پرپٺ، اهي درياهه (راوي، بياس، ستلج) وڪرو ڪيا.

(3) سنڌ سميت جاٽايل صوبن کي اخلاقي ۽ قانوني طرح سزا نٿي ڏئي سگهجي ۽ نه ئي انهيءَ صوبي (اولهه پنجاب) جي اختيارين جي پنهنجين هڪ پاساين، سازشي ۽ بدنيت غلطڪارين

Gul Hayat Institute

جي ڪري پنجاب جي متاثر ڪئنالن کي پهتل ڪن نقصانن لاءِ ڪنهن ازالي جو بار مٿن رکي سگهجي ٿو.

(4) (جڏهن ته) ٻئي پاسي، پاڪستان پاران پوڳيل پاڻي نقصانَ (رڳو) هڪ صوبي- پنجاب تائين محدود نه رهيا هئا. ٻين صوبن خاص طرح سنڌ، نظام جي تن پرتو ندين جي غيرقانوني وڪري سبب ڳٽپ جوڳو پاڻي نقصان پڻ پوڳيو. پنجاب اختياريون، مناسب نموني، محروم صوبي- سنڌ کي 1.92 ايم اي ايف ربيع ۾ ۽ 29.36 ايم اي ايف خريف ۾ پاڻيءَ جي فراهمي، جيڪا ان کي پنجند جي ماڳ وٽان ملندي هئي، جي ان کي پهتل حقيقي نقصان جي حد تائين عيوضي ڏيڻ لاءِ اخلاقي قانوني طرح پابند هيون/ آهن. اها ورهاڱي کان اڳ- 1936-37ع کان 1945-46ع تائين- جي ڏهاڪي دوران (سنڌ جي) سراسري پاڻيءَ جي پتي رهي آهي.

(5) ڀارت کان حاصل ڪيل نقصان جي تلافي ۽ عالمي بئنڪ ۽ ڪئناڊا، جرمني، آسٽريليا وغيره کان حاصل ڪيل قرض رڳو پنجاب علائقي/ صوبي لاءِ نه، پر سنڌ، سرحد (خيبر پختونخواه) ۽ بلوچستان علائقن/ صوبن سميت پوري اولهه پاڪستان لاءِ حاصل ڪيا ويا هئا ۽ (ساڳئي وقت) انهن سيني پاران، اوير پاڪستان سميت، ادائگيءَ جوڳا هئا.

آءِ بي اي بورڊ جي پنهنجي طور تي تيار ڪيل ۽ منظور ڪرايل 1960ع واري ”انڊس بيسن ڊيولپمينٽ فنڊ ايگريمينٽ“ جي ضميمي- ڊي هيٺ پاڪستان پاران اڏجنڊڙ (آبپاشي) ڪمن جو نظام“ رڳو پنجاب لاءِ نه، پر سموري اولهه پاڪستان لاءِ هو ۽ ان کي:

(الف) اولهه پاڪستان ۾ مائيدار واڌو آبپاشي مهيا ڪرڻي هئي.

(ب) سم ۽ ڪلر ۾ ورتل علائقن ۾ پاڻي سطحن کي گهٽائڻ وسيلي زمين جي بحالي ۽ ڪاري پاڻيءَ جي نيڪال جي سلسلي ۾ اهم حصو پتي وجهڻو هو.

(ب) اولهه پاڪستان ۾ ٻوڏ کان بچاءَ جو اُپاءُ موجود ڪرڻو هو.

اهڙيءَ ريت اهي فنڊ خرچڻا هئا ۽ گهربل آبپاشيءَ ڪمَ تعمير ٿيڻا هئا – رڳو هڪ علائقي يا صوبي – پنجاب لاءِ نه، پر آبپاشيءَ تي حصيدار آبادين جي حيثيت ۾، سندن جڙندڙ استحقاق پٽاندر ٻين علائقن ۽ صوبن ۾ پڻ.

(6) پنجاب ۾ زير زمين پاڻيءَ جا ذخيرا گهٽا آهن: 1971ع ۾ پنجاب ۾، رڳو ٽيوب ويلن وسيلي استعمال ٿيندڙ ڪُل زير زمين پاڻي، منگلا ۽ تربيلا ڊئمن جي ڪُل گڏيل گنجائش کان گهڻو هو.“ (عبدالوهاب، ڪتاب، ”سنڌ واٽر ڪيس“ ، صفحو: 47). سندس مينهن جي پاڻيءَ جو ساليانو سراسري مقدار اڳوڻي اولهه پاڪستان/ هاڻوڪي پاڪستان ۾ (ٻين علائقن جي ڀيٽ

Gul Hayat Institute

۾) سڀ ڪان جهجهو هو. سنڌ ۾ پاڻي فراهميءَ جا اهي ٻئي وسيلا _ زير زمين ۽ بارش جو پاڻي، نہ هئڻ برابر آهن.

(7) شفافيت، انصاف ۽ عدل جي تقاضا اها آهي تہ ملڪ ۽ سندس صوبن ۾، "پاڪستان جا پاڻي" اصطلاح ۾: (الف) متاچري تي موجود/ وهندڙ پاڻي، (ب) ذخيرو ڪيل پاڻي، (ب) زير زمين پاڻي، ۽ (پ) بارش جو پاڻي شامل سمجهڻ گهرجي.

(8) پنهنجي خود_ خدمتي مقصدن لاءِ 1948ع ۾، ورهاڱي ڪان پوءِ پاڪستان پاران ڪتب آندل پاڻين لاءِ ڀارت ڪي مالڪاڻي جي رقم (Seigniorage) ادا ڪرڻ ۽ اهڙيءَ ريت ورهاڱي واري تاريخ ڪان ئي پاڻي روڪڻ واري ڀارتي حق ڪي مڃيندڙ پنجاب اختيارين جي ناهہ ڪي نظر ۾ رکندي (اهو پڪ سان چئجي تہ) سنڌو طاس معاهدي، ڀارت ڪي، اُپرندن ٽن درياهن تي، ناهہ تي صحيحن جي تاريخ ڪان نہ، پر ورهاڱي جي تاريخ ڪان ئي حق ڏنو ٿي.

(9) 15 آگسٽ 1947ع تائين ڪنهن ڏر جي ڪتب آندل (پاڻي) واهپن جي سطح ڪان وڌيل سطح، جنهن ننڍي ڪنڌ جي ورهاڱي ڪان پوءِ لڳاتار نموني شڪل ورتي هجي، اها (سنڌو طاس معاهدي جي فقري – IV (1) هيٺ ڪوٽ جي پورت (Replacement) جي مقصد واسطي (طئہ ٿيل) سطح نٿي ٿِي سگهي. اهڙيءَ ريت پاڪستان جيڪي شيون وڃايون، اهي هيون: هڪ پاڻي فراهميون، جيڪي هن ملڪ 15 آگسٽ 1947ع تائين اُپرندين ندين مان ماڻيون پئي، ۽ ٻيو انهن (پاڻي) واهپن/ استعمالن جي سطح، جيڪي هنن خاص ڪئنالن 15 آگسٽ 1947ع تائين حاصل ڪيا هئا.

(10) ڪوٽ جي پورت جي بندوبست جي مقدار طئہ ڪرڻ مهل، ان جو هن طرح تعين ڪرڻو هو تہ (پاڻي) روڪڻ واري تاريخ تي پاڪستان ڏانهن وهي ايندڙ اُپرندين ندين ۾ ويساهہ جوڳي (پاڻي) دستيابي ڪيتري/ ڪهڙي هئي. انهيءَ دستيابيءَ ڪي رواجي بنيادن يعني ٽن يا چئن سالن (۾ موجود پاڻي دستيابي) جي بنياد تي طئہ ڪرڻو هو. اهڙيءَ ريت، جڏهن پنجاب اختيارين اها دعوي ڪئي تہ لاڳاپيل تاريخ (يعني 15 آگسٽ 1947ع) تي پاڪستان ڏانهن 24 ايم اي ايف (پاڻي) فراهميون وهي آيون پئي تہ ٽن يا چئن سالن جي بنياد تي پروسي جوڳيون (پاڻي) فراهميون لهي اچي 17 ايم اي ايف تي بيٺيون. ان ڪان سواءِ بہ پروسي جوڳي (پاڻي) دستيابيءَ جو مقدار موجود ٿِي پئي سگهيو، جيڪو مختلف قسم جي ڪارٽن جي ڪري پوريءَ طرح ڪتب نہ آندو ويو هجي. (ڄ) ان طرح، پروسي جوڳي دستيابيءَ جي ڪُل مقدار منجهان حقيقي استعمال واري مقدار پٽاندر اصلوڪن (پاڻي) زيانن جي مقدار جو اندازو (پڻ) ڪرڻو هو.

Gul Hayat Institute

(11) انهيءَ ڪتاب آڻڻ جوڳين فراهمين جي سطح، مٿي چڙهندڙ سطح جو تعين ڪيو پئي، جنهن جو مطلب درست ڪوٽ جي پورت واري وڏي ويندڙ عقلي ۽ انصافي حدون ورتو ويجي ها.

(12) اهو اندازو ڪيو ويجي ها ته معقول/ مناسب نموني واجب/ لاڳو ڪوٽ جي پورت جا بندوبست، جيستائين پنجاب جي متاثر ٿيل ڪئنال جو تعلق هو ربيع دوران 3.12 ايم اي ايف ۽ خريف دوران 10.67 ايم اي ايف هئا. ڪوٽ جي پورت وارن بندوبستن جي هن مقدار عيوض، پنجابُ، سرحد (خيبر پختونخواه)، سنڌ ۽ بلوچستان جي قيمت تي- 21.12 ايم اي ايف جي ترتيب سان ڪوٽ جي پورت جي بندوبستن جي گهُر ڪري رهيو هو. اهڙيءَ ريت (چئجي ته) پنجاب، ڪنهن خرچ ڪانسواءِ پاڪستان جي ٻين صوبن جي قيمت تي، ترقيءَ جي گهُر ڪري رهيو هو. (وهاب شيخ، سنڌ ڪيس، صفحو: 88)

(13) جڏهن پنجاب اختيارين، ڪوٽ جي پورت جي بندوبستن بابت ڳالهايو پئي ته اهو سمجهڻ گهرجي ها ته سندن گهر، حقيقي ڪوٽ جي پورت جي گهر ڪان وڌيڪ ۽ رڳي پنجاب جي ترقيءَ لاءِ هئي، ۽ نه پراڻن ڪئنالن جي ڪوٽ جي پورت جي بندوبست خاطر. اهو تنهنڪري، ضروري هو ته (آبپاشي) ڪمن جي ڪُل نظام ۾ موجود ڪوٽ جي پورت واري پاڻي ۽ ترقيءَ واري پاڻي وچ ۾ حدبنديءَ جي ليڪ چِڪي/ پاتي ويجي ها.

(14) جيڪڏهن پنجاب (جي اختيارين) کي پاڻيءَ جي صلاحيت کي سُڌارڻو هو ته ان کي وڏي پئماني تي پئسو خرچڻو هو ۽ اهو پنجاب کي ئي برداشت ڪرڻو هو- ۽ نه پنجاب خاطر پاڪستان جي ٻين صوبن کي. انهيءَ ڪري سِيني مٿين پهلوئن کي نظر ۾ رکندي، سچن پچن ڪوٽ جي پورت واري بندوبستن جو حقيقي سوال طئه ڪيو وڃڻو هو. (حوالو ساڳيو صفحو: 89)

(15) جيئن ته ڪوٽ جي پورت جي بندوبستن جو بار پاڪستان جي سمورن صوبن کي برداشت ڪرڻو هو، انڪري اهو ضروري هو ته ڪوٽ جي پورت جون حدون وڌايون نه وڃن ها ۽ پنجاب کي ڪوٽ جي پورت جي بندوبستن جي عذر سان، ٻين (صوبن) جي قيمت تي پنهنجي ذاتي ترقيءَ لاءِ وڌيڪ پاڻي نه وٺڻ گهرجي ها. (حوالو ساڳيو صفحو: 90)

(16) زير زمين پاڻيءَ جي دستيابيءَ کي نظر ۾ رکندي، ڪمن جي نظام هيٺ (آبپاشي) ڪمن کي فعال حالت ۾ آڻڻ وسيلي، دستياب ڪيل ترقيءَ وارا بندوبستَ، اولهه پاڪستان ۾ سِيني ڪئنالن ۾ برابر نموني ورهايا ويٺا هئا. (حوالو ساڳيو صفحو: 93)

سنڌي عوام جو اهو نقطي نظر ۽ موقف آهي ته پنجاب اختيارين، پاڻهي پنهنجي پاڻ کي پاڪستان جي پاڻين جي اڪيلي مالڪن، معاملن طئه ڪندڙن ۽ ورهاست ڪندڙن طور مقرر

Gul Hayat Institute

ڪندي، آءِ بي اي بورڊ وسيلي- ايتري تائين جو بورڊ جي تقرريءَ جي تعصبي شرطن جي پيچڪڙي ڪندي- پنهنجي من جي مرضيءَ پٽاندر انهن پاڻين جي ورڇ/ حصيداري ميرائي:

(1) انهيءَ بورڊ لاءِ پاڪستان جو بيو نالو پنجاب هو پاڪستان بابت ڳالهائڻ مهل، ان جي مراد عام طرح پنجاب صوبو ئي هوندي هئي.

(2) انهيءَ بورڊ مئي 1959ع ۾ عالمي بئنڪ مشن جي پاڪستان دوري جي موقعي تي، ٺڏهوڪي پاڪستاني صدر ايوب خان لاءِ تيار ڪيل ورڪنگ پيپر ۾ بين آبپاشيءَ تي آبادين خاص طرح سنڌ جي قيمت تي، پنجاب اختيارين جي وڌ ۾ وڌ پاڻي ڪڻڻ خاطر، طمع پسند ۽ اڻ ڪُٺ مطالبن ڪي ”پاڪستان لاءِ لازمي گهرجون“ جي اصطلاح سان پيش ڪيو. ”پاڪستان لاءِ لازمي گهرجون“ اصطلاح جي وضاحت ۾ بورڊ چيو ”پاڪستان جون لازمي گهرجون (پنجابي ڳنڍيل/ جڙيل/ هڪبئي سان مليل ڪئنالن جا (مقدار ۾) وڌيل واهپا/ استعمال آهن. (پيرا: 4، (بي) رپورٽ، صفحو: 15) اهو پڻ چيو ويو تہ سمر ۽ ڪلر تي حتمي طرح قابو پائڻ لاءِ رڳو (پنجاب جي) پَرٽُو ندين لاءِ چڙو 23 ايم اي ايف پاڻي گهربل آهي ۽ انهيءَ ڏس ۾ فوري گهرج 3.5 ايم اي ايف جي آهي.

(3) انهيءَ بورڊ انگن اکرن ۾ ڪرتب بازيءَ جي ڪمال مشق ڪئي ۽ پنهنجي جانبداراڻي/ ذاتي مقصد واسطي، پنهنجا هٿ نوڪيا تصور ۽ اصطلاح ايجاد ڪيا/ گهڙيا، جهڙوڪ: زوننگ (Zoning)، انڊس بيسن سيٽلمينٽ پلان، انڊس بيسن پروجيڪٽ وغيره.

(4) انهيءَ منصوبي بندي ڪجهہ اهڙيءَ ريت ڪئي جو پنجاب جي معاملي ۾ تيار ڪيل (Developed) منصوبن لاءِ پاڻيءَ جي مقرريءَ بدران، 1956ع تائين پنهنجي وڌيڪ استعمال ۾ آندل اُسريل واهپن (Increased Developed Uses) جي طريقيڪار) ڪي ڪتب آندو. جڏهن تہ سنڌ جي منصوبن جي معاملي ۾ 1945ع واري سنڌ- پنجاب ڊرافٽ ٺاهہ، جنهن جي ڪيترائي سال عملي پوئواري ڪئي ويئي هئي، پوءِ پنجاب انهيءَ کي مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو انهيءَ هيٺ اڳيئي مقرر ڪيل پاڻيءَ جي مقدار کان بہ گهٽ تجويز ڪيل بندوبست هو.

(5) رٿيل (آبپاشي) ڪمن جي نظام ۾ ڪيترائي ترقيءَ وارا پاڳا هئا. اهي مائيدار اضافي بندوبست بحاليءَ جي گهُرجن، يعني سنڌن اُسريل واهپن (Developed Uses) واسطي پنجاب جي ڪئنالن لاءِ (ئي) رکيا ويا هئا. (جڏهن تہ) سنڌ سميت بين صوبن، جتي سمر ۽ ڪلر جو مسئلو ۽ بحاليءَ جون گهرجون وڌيڪ ڳنڀير هيون، لاءِ ڪجهہ بہ نہ بچايو ويو.

(6) جڏهن تہ سنڌ جي ڪئنالن لاءِ ڪي بہ بحاليءَ وارا بندوبست مهيا نہ ڪيا ويا هئا. وڌ ۾ وڌ 5.5 ايم اي ايف اضافي پاڻي، جيڪو منگلا ڊئم جي گنجائش کان بہ گهٽو آهي، رڳو پنجاب جي ڪئنالن لاءِ ئي مهيا ڪيو ويو.

Gul Hayat Institute

(7) ڪئنال سرشتي جا واهپا (Uses) جيئن بورڊ خيال ۾ آندا هئا. اهي ايستائين جو اُسرندڙ (Developing) منصوبن ۾ مقرر* ڪيل پاڻيءَ ۾ سندن (پنجاب وارن) حصن ڪان به گهٽا گهٽا مٿي هئا. (جڏهن ته) بئي پاسي، جيستائين سنڌ جي ڪئنالن جو تعلق هو ته انهيءَ ڏس ۾ بورڊ جي واهپن بابت تصورُ تاريخي حقن يعني مقرر ڪيل پاڻيءَ ۾ سندس حصن ڪان به گهٽو گهٽ هو.

(8) چناب ۽ جهلم جا ڪتب نه اچي سگهڻ جوڳا سيلابي وهڪرا، سنڌوءَ جي وهڪرن ۾ شامل ڪيا ويا (۽ اهڙيءَ ريت) انهيءَ (عمل) وسيلي پرتو ندين (جهلم- چناب) واري زون ۾ هٽرادو (پاڻي) ڪوٽ ڪئي وئي، ايئن ڪري تريمو (Trimmu)، پنجند ۽ اسلام (ڪئنالن) کي سنڌوءَ تي منتقل ڪرڻ لاءِ جواز گهڙيو ويو.

32 ورهيه اڳ 1971ع ۾، افضل اڪبر، اندس واٽر ڪميٽيءَ اڳيان پنجاب اختيارين جي جابراڻين، هيچ پرين ۽ اَکُٽ مطالبن تي تبصرو ڪندي چيو هو:

”پنجاب پاران پاڻيءَ جي گهُر جي ڪا به حد ناهي. ان جو مطلبُ، مقرر ڪيل پاڻيءَ جو حصو يا هاٽوڪا حد ڪان وڌيڪ (پاڻي) واهپا نه آهي، پر اُهي اها پڻ گهُر ڪن ٿا ته هڪ وڌيڪ ترقياتي ڀاڱي (Component) جو اضافو ڪرڻ کپي. جيڪڏهن اهڙا مطالبا مڃيا ٿا وڃن ته پوءِ پنجاب جي ڪئنال جي پاڻي- واهپن جي سطح اڳوڻين مقرر ڪيل پاڻيءَ جي حصن ڪان لڳ ڀڳ ٻيڻي ٿي پوندي ۽ هاٽوڪن پاڻي وهڪرن، ذخيرن مان يا آئيندي ۾، سنڌ ڏانهن وهائڻ واسطي، مشڪل سان، ڪا شيءِ وڃي بچندي، ڇاڪاڻ ته پنجاب جون گهرجون اڳ ۾ پوريون ڪرڻيون پونديون.

”جيڪڏهن اهو سڀ جو سڀ پاڻي پنجاب جي ڪئنالن ۾ وڃي ٿو ته سنڌ جي زراعت جي تباهي يقيني آهي. ڪئنالن ۾ پاڻيءَ جي ڪوٽ سببان سنڌ ۾ اڳيئي سم ڪلر پنهنجون نشانيون ڏيکارڻ شروع ڪيون آهن.“ (”پريزنٽيشن آف سنڌ ڪيس بِفور دَ اندس واٽر ڪميٽي“، صفحو: 10)

هڪ پاسائين نموني، پنجن درياهن مان ٽن درياهن وڪڻ ڪان پوءِ به، پنجاب اختيارين وٽ جهلم ۽ چناب (نديون)، ان سان گڏ وافر مقدار ۾ برساتي پاڻي توڙي زيرِ زمين پاڻي موجود هو جنهن جو ڪاٿو منگلا ۽ تربيلا ڊئمن ۾ گڏ ٿيندڙ ڪُل پاڻيءَ ڪان به گهڻو مٿي لڳايو ويو آهي. سنڌو طاس ڳالهين دوران، پنجاب اختيارين، اوير پاڪستان سميت پاڪستان جي مڙني صوبن جي قيمت تي،

* ايلوڪيشن (Allocation): مقرري، تعين، حصو، جيڪو ڪنهن شخص، در يا تنظيم/ جماعت/ گروهه لاءِ طئه ٿيل نموني رکيو ويو هجي.ضمني معنا ۾ ان جو مطلب ورچ يا ورهاست به وٺي سگهجي ٿو.



Gul Hayat Institute

پرڏيهي امداد وسيلي، پاڻيءَ جي ڪوٽ جي پورت جي بندوبست جي جُزي طور، وڏيڪ آبپاشي اڏاوتن جي گهُر ڪئي. عالمي بئنڪ، جنهن کي قرض جو انتظام ڪرڻو هو نيٺ هائوڪار ڪئي.

”(عالمي) بئنڪ بہ (آبپاشي) ذخيرا/ ڊئم مهيا ڪيا آهن – منگلا 4.75 ايم اي ايف ۽ روهتاس 2.1 ايم اي ايف. سندن دعوي آهي تہ اهي ٻئي آبپاشي ذخيرا، مڪمل ڪوٽ جي پورت جي انتظام کان سواءِ، بحاليءَ ۽ ترقيءَ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ 2.0 ايم اي ايف پاڻي مهيا ڪندا.....“ (”رپورٽ آن دي نگوسئيشنز وِد ورلڊ بئنڪ“، صفحو: 17، پيرا: 13)

اهڙيءَ ريت، آبپاشيءَ تي مهڙ واري آبادي- پنجاب جي اختيارين، ٻين متاثر ٿيل صوبن کي ٻاهر رکندي، پاڪستان جي اڪيلن/ تن تنها نمائندن طور، پنهنجي انوکي پر غيرقانوني حيثيت سان، ناجائز نموني فائدو کڻندي، اُن ڪجهہ ڪرڻ لاءِ رستو گهڙيو ورتو، جيڪي ڪجهہ انهن پنهنجن هڪ صدي پراڻي ڳاڙ حصيدارن ۽ هڪ صديءَ کان وڏيڪ پراڻي پاڻي تڪرار ۾ حريفن جي نقصان جي قيمت تي حاصل ڪرڻ گهريو ٿي. اهي رڳو جهلم ۽ چناب جي پاڻيءَ جي وهڪري ۽ منگلا ڊئم ۾ ذخيري ڪيل پاڻيءَ جي شڪل ۾ گهربل پاڻيءَ جي ڪوٽ جي پورت وارن بندوبستن کان وڏيڪ ماڻڻ جي چڪر ۾ ئي نہ هئا، پر اضافي روهتاس ڊئم جي صورت ۾ بنهہ مائيدار ترقياتي بندوبست ڏانهن پڻ وڌي رهيا هئا.

پر اهي اهڙي ڪوٽ جي پورت مان ئي رڳي مطمئن نہ هئا. تن ندين کان جبري طرح محروم ٿي وڃڻ ۽ نتيجي طور ڪوٽ جي پورت جي بندوبست جي شديد گهرج جي حالت ۾ اچڻ وڃڻ جي ٻهاني سان، انهن ڏاڪي بہ ڏاڪي ٻلوان سنڌوءَ کي قابو ڪرڻ ۽ ان جي پاڻين جو آخري ڦڙو چوراڻ ۽ ان تي راتاهو هڻڻ گهريو ٿي- پوءِ ڀلي، اها (سندن اهڙي خواهش) آبپاشيءَ تي ڪمزور ۽ پوڇڙ واري آباديءَ کي صحرا ۾ تبديل ڇو نہ ڪري ڇڏي. ساڳيءَ طرح، انهن سنڌوءَ تي تربيلا ڊئم (اڏڻ) جي گهُر ڪئي.

”تربيلا (آبپاشي اڏاوتن جي) منصوبي ۾ شامل هئڻ ڪپي، پوءِ ڀلي ان جو مطلبُ روهتاس (ڊئم جي رٿا) کي خارج ڪرڻ ڇو نہ هجي؛ ڇاڪاڻ تہ، هاڻوڪو روهتاس، اڏ ڻ ۾ هڪ سهنجو ذخيرو آهي ۽ پاڪستان ان کي، اڳتي هلي بہ، هٿ ۾ ڪٽي سگهي ٿو....“ [حوالو ساڳيو پيرا: 17 (ڊي)].

انهيءَ اهڙي مهانگي فرمائش لاءِ عطيي ڏيندڙن (Donors) کان مزاحمت (سامهون پوڻ) جي امڪان کي جاچيندي، ايوب خان تجويز پيش ڪئي تہ ڪا ڳالهہ ناهي، جيڪڏهن عالمي بئنڪ ۽ ٻيا عطيو ڏيندڙ ملڪ، هن وقت سنڌوءَ تي تربيلا ڊئم جي اڏاوت لاءِ امداد ڏيڻ تي سهمت نٿا ٿين. (پر ان هوندي بہ) تربيلا کي اڳتي ڪنهن وقت ۾ اڏاوت لاءِ گهُرَ- فهرست (Demand List) تي رکي ڇڏڻ ڪپي.

”صدر (عالمي) بئنڪ کي ٻڌايو تہ جيڪڏهن اها تربيلا (جي اڏاوت) سان سهمت نٿي ٿئي تہ گهٽ ۾ گهٽ بئنڪ ان کي ڌيان ۾ ضرور رکي ۽ ڪنهن متوقع (۽ مناسب) مرحلي تي تربيلا جي اڏجڻ جي گهرج کي مڃڻ ڪپي.“ (محترم وهاب، ڪتاب ساڳيو صفحو: 61)

Gul Hayat Institute

عالمي بئنڪ. پارت ۾ ٻين عالمي عطيو ڏيندڙ ملڪن سان ڳالهين جي سلسلي ۾ پاڪستاني پاسي جي اها پاليسي هئي تہ عالمي ڳالهين هلندي، پرڏيهي امداد جي وڌ ۾ وڌ رقم ۾ ڪوٽ جي پورت وارن ۽ ترقياتي اڏاوتن جي وڌ ۾ وڌ تعداد جي شڪل ۾ پاڪستان لاءِ وڌ ۾ وڌ فائدن ماڻڻ جو موقعو رڳو انهيءَ ڪري نہ وڃائڻ گهرجي جو ڪوبہ فوري داخلي (صوبن وچ ۾) معاهدو وجود نٿو رکي يا سولائيءَ سان طئہ ٿيڻ جوڳو نہ آهي. جيڪو وضاحت ڪندو هجي تہ ڪهڙا (آبپاشي) ڍانچا ڪهڙي واضح مقصد لاءِ ڪهڙيءَ جاءِ تي اڏڻ کپن.

اها ڳالهہ مڃرائي وئي هئي تہ اها شيءِ (تڏهن موجود حالتن ۾) غيراهم (۽ غيرواسطيدار) آهي تہ ڪنهن خاص رٿا لاءِ پرڏيهي امداد حاصل ڪرڻ واسطي جواز طور ڪهڙا خاص ڪارڻ ۽ تفصيل ڏنا ويا هئا. جن ايتريءَ حد تائين وڌ ۾ وڌ رٿائن اڏڻ لاءِ اهڙي وڌ ۾ وڌ امدادي رقم حاصل ڪري ڏني – نہ رڳو ڪوٽ جي پورت وارن مقصدن (Replacement Purposes) لاءِ پر ترقياتي مقصدن لاءِ پڻ. سوچ اها هئي تہ: نہ رڳو ٽن ندين جي وڪري سبب پهتل حقيقي نقصانن جو ازالو ڪرڻ کپي، پر اولهہ پاڪستان ۾ نين زمينن جي پوکيءَ لاءِ آبپاشي پاڻي پڻ موجود ڪرڻ کپي.

نتيجي ۾، مرڪزي حڪومت، پنهنجي صنعتن واري مرڪزي سيڪريٽري وسيلي، سيني صوبائي حڪومتن کي موڪليل ٽپال نمبر. سيڪريٽري (صنعتون) 54/8735، تاريخ: 6 نومبر 1954ع ۾ ضمانت ڏني هئي، ان جو تَتُ هن طرح هو تہ: مرڪزي حڪومت پارت ۽ ٻين پرڏيهي طاقتن سان ڳالهين ۾ جيڪي منصوبا، اسڪيمون تيار ڪيون هيون ۽ جيڪي موقف اختيار ڪيا هئا، اهي رڳي ٻاهرئين استعمال لاءِ هئا ۽ اهي سنڌو ماتريءَ جي پاڻين ۾ ڳاڙ حصيدار ڌرين يعني سنڌ ۽ پنجاب وغيره (جي حقن ۽ دعوائن) سان غيرمتعصب هئا ۽ مٿن لاڳو نہ ٿيڻا هئا.

"سنڌو وادي پاڻيءَ جي تڪرار ۾ موقف. جيئن اهو اولهہ پاڪستان جي مختلف اڪائين ۾ آهي، تي ڳالهين جي وضاحت ۾، آئون اها تصديق ڪرڻ چاهيندس تہ انهن مختلف اڪائين پاران مرڪزي سرڪار کي اُماڻيل سمورو مواد، ۽ سيئي اڳيان آندل دليل، تيار ڪيل مواد يا مرڪزي سرڪار پاران ڀارت سان پنهنجين ڳالهين ۾ اختيار ڪيل موقف، پوريءَ طرح هر ڪنهن اڪائيءَ جي قانوني حقن سان غيرمتعصب آهن. مجموعي طرح پاڪستان لاءِ هڪ ڳڏيل نقطي نظر پيش ڪرڻُ قومي مفاد لاءِ لازمي آهي. جيڪڏهن ضروري آهي تہ مرڪزي سرڪار پاران هڪ اڻ ڌري ڪميشن جي مقرريءَ وسيلي، صاف شفاف ۽ منصفاڻي نموني، پاڪستان اندر اڪائين وچ ۾ ڪنهن تڪراري نقطي کي حل ڪيو ويندو."

اها باضابطا قانوني خاطري، ملڪ جي اعليٰ اختيارين پاران، مختلف وقتن تي، ورجائي ۽ ورائي ورائي ڪرائي وئي.



Gul Hayat Institute

”هيءَ ڳالهه بيان ڪرڻ لازمي ٿيندي تہ 20 کان 30 اپريل 1980ع تائين منعقد ڪيل اجلاس دوران، سنڌوءَ جي پاڻين جي ورڇ لاءِ ڪميشن ( Commission for Apportionment of Indus Waters) جي ڪارروائين ۾، سنڌ جي نمائندي زوننگ تصور (Zoning Concept) تي پريزينٽيشن ڏني ۽ ڪميشن جي چيئرمين جسٽس انوارالحق اهو تبصرو ڪندي خوش هو تہ:

”پارٽ سان ڳالهين ۾ چا بہ طئہ ڪيو ويو هجي، (پر) اها شيءِ بنهہ چِٽي آهي تہ اهو صوبن جي حقن سان تعصب رکندڙ نہ آهي. انهيءَ سڄي شيءِ بابت اها منهنجي (ذاتي) سمجهہ هوندي، (تہ) پارٽ سان ڳالهين ۾ اوهان ڪيترائي موقف اختيار ڪري سگهو ٿا. (ابرار قاضي، ڪالاباغ ڊئم، صفحو: 72_73)

”.... حقيقت هيءَ آهي تہ اسان ڪي خاطري ڪرائي ويئي هئي تہ منصوبي ۾، جو ڪجهہ شامل ڪيو پيو وڃي، اهو خارجي استعمال (Consumption) لاءِ آهي ۽ اهو بہ تہ، اسان ڪي ڳڻتي ڪرڻ جي ڪهڙ ناهي. اها خاطري 13 نومبر 1955ع تي منعقد ٿيل اولهہ پاڪستان جي ڪابينا جي گڏجاڻيءَ ۾ ييهر ورجائي ۽ بحث هيٺ آندي ويئي هئي، جنهن جي ڪارروائيءَ جو خلاصو (Minutes) وس جوڳين ڪوشش ڪان پوءِ بہ اسان ڪي فراهم نہ ڪيو ويو آهي. اها حقيقت پنهنجي جاءِ تي موجود آهي تہ اسان ڪي سدائين اهو ٻُڌايو/ چاٽايو ويو هو تہ تربيلا ڊئم سنڌ لاءِ آهي.“ (وهاب شيخ، ”سنڌ ڪيس“، صفحو: 17)

تنهنڪري ڳالهين دوران آءِ بي اي بورڊ ۽ ٻين جاين تي پنجاب جي انجنيئرن پنهنجي طور تي جيڪو تصوراتي ڍانچو ۽ جيڪا اصطلاح سازي۔ اصطلاح جهڙوڪ: ”زوننگ سسٽم“، ”انڊس بيسن سيٽلمينٽ پلان“، ”انڊس بيسن پروجيڪٽ“ وغيره اختيار ڪئي، اها گهڻن سببن جي ڪري، قانوني طرح لاڳو ٿيندڙ نہ هئي ۽ نہ ئي اهي ٻئي شيون (تصوراتي ڍانچو ۽ اصطلاح سازي) سنڌ مٿان، ان جي نقصان جي قيمت تي، مڙهجي ٿي سگهيون.

هڪ ٻيري جڏهن پرڏيهي مدد ۽ سهڪار وسيلي ڳرن (آبپاشي) ڍانچن اڏڻ جو فيصلو ورتو ويو هو تہ پاڪستان ڪي وڏن ڊئمن، جهڙوڪ: سنڌوءَ تي تربيلا ڊئم، جي اڏاوت لاءِ جواز پيش ڪرڻو هو. جيڪڏهن آءِ بي اي بورڊ منصوبي ۾ ڪوٽ جي پورٽ جي ٻورت وارو بارُ سنڌوءَ تي رکڻ لاءِ ڏيکاريو ويو هو ۽ نتيجي طور ٻين دستاويزن ۾، اهو بار نج پچ نموني رڳي تربيلا ڊئم جي اڏاوت لاءِ جواز پيش ڪرڻ لاءِ ئي هو ۽ نہ قانوني ۽ عملي طرح سنڌ ڪي پابند ڪرڻ لاءِ، تہ سنڌ انهيءَ غيرمنصفاڻي سنڌوءَ تي پيل بار ڪي پنهنجو ڪلهو ڏيڻ قبول ڪري، منگلا ڊئم، ٻئي ڪنهن بہ ڪئنال لاءِ نہ، پر وڪٽيل ٽن ندين جي ڪري متاثر ٿيل ڪئنالن لاءِ ڪوٽ جي پورٽ وارو ڊئم ٻڌجڻو هو.

1960ع واري سنڌو طاس معاهدي ۾، اهو شرط شامل هو تہ ڪوٽ جي پورٽ جي بندوبستن لاءِ (آبپاشي) ڪمن جي اڏاوت، ستت ئي، پاڪستان مڪمل ڪندو. جيڪڏهن 31 مارچ 1970ع

تائين، جي عبوري وقت اندر، اها اڏاوت مڪمل نہ ڪري ها تہ پاڪستان کي اها مڪمل ڪرڻ لاءِ، هڪ ڪٿيل / مقرر ڪيل رقم جي ادائگيءَ تي وڌيڪ ٽن سالن جي وقت جي توسيع حاصل ڪرڻي پوي ها. پر، پاڪستان منگلا ڊئم سميت ڪوٽ جي پورت جي بندوبستن لاءِ سڀ (آبپاشي) اڏاوتون، مقرر ڪيل وقت جي حد کان بہ سال اڳ پوريون ڪري ورتيون.

تنهنڪري، ان (آبپاشي) اڏاوتن جي نظام جي ڪنهن ڪوٽ جي پورت جي حصي جي مڪمل نہ ٿيڻ جي صورت ۾، معاهدي ۾، مُدي وڌائڻ لاءِ ڏنل اجازت واسطي درخواست نہ ڏني. ان مان چِٽي نموني ظاهر ٿئي ٿو تہ پرتو ندين جي علائقي (Tributary Zone) ۾ سڀ ڪوٽ جي پورت لاءِ انتظام هاڻي تربيلا (جي اڏاوت) کان سواءِ پورا ٿي پئي سگهيا.

ساڳئي نموني، آءِ. بي. پي 265، جيڪو 1968ع جي پڇاڙيءَ تي منگلا ڊئم مڪمل ٿيڻ مهل ڇپيو هو ۾ صفحي: 14 تي انجنيئر محترم ڪرمانيءَ پنهنجا مشاهدا هن طرح بيان ڪيا آهن:

”اهڙيءَ ريت، اُپرندين ندين تي، پارت پاران، ڪنهن ڪارروائيءَ جي ڊپ کان سواءِ، پاڪستان کي پنهنجن پيرن تي بيهڻ لائق ڪرڻ واسطي، (سنڌو طاس) معاهدي ۾ مقرر ڪيل آخري تاريخ کان اڳ ـ يعني مارچ 1968ع تائين، جهلم جي اوير ۾، 1107 ملين ڊالرن جي لاڳت سان ڪوٽ جي پورت جي بندوبستن لاءِ (آبپاشي) ڪمن کي مڪمل ڪرڻو هو.“

جڏهن ڪوٽ جي پورت لاءِ ڪم اجا هلندڙ هو تڏهن، اڳوڻي پاڪستاني وزيراعظم محترم فيروز خان نون منگلا ڊئم جي ماڳ جو دورو ڪيو. هو خوش هو تہ ”انهيءَ ڪوٽ جي پورت جي انتظام وسيلي، پاڪستان پنهنجي لاءِ اجا وڌيڪ آزادي محفوظ ڪرڻ پيو وڃي“، پر (اهو سوچي) اداس بہ هو تہ اهو رڳو هڪ ڪوٽ جي پورت وارو ڊئم يعني اهڙو ڊئم جيڪو متاثر ڪئنالن ـ تريمو، اسلام ۽ پنجند لاءِ پاڻي فراهميءَ وسيلي ٽن ندين جي نقصان جي ازالي لاءِ ئي هو ـ پر هڪ ترقياتي ڊئم نہ هو. هن تبصرو ڪيو: ”اڄ جڏهن ڪو شخص منگلا ڊئم جي ماڳ جو دورو ڪري ٿو ۽ هيءُ سگهارو انجنيئري ڪارنامو ڏسي ٿو ۽ هو پنهنجي پاڻ کي ياد ڏياري ٿو تہ سڀ پئسو ترقيءَ تي نہ، پر ڪوٽ جي پورت تي خرچ ڪيو پيو وڃي، تڏهن هُو اُداس ٿي وڃي ٿو.“ (سر فيروز خان نون ”فرام ميموري“، صفحو: 264)

اهڙيءَ طرح منگلا ڊئم هڪ ڪوٽ جي پورت وارو ڊئم هو جيڪو اولين ترجيح تي تعمير ڪيو ويو هو. اهو ڪو ترقياتي ڊئم نہ هو ۽ نيون زمينون سيراب ڪرڻُ بنيادي طرح ان جو ڪم نہ هو. ان جو بنيادي مقصد اسلام تريمو ۽ پنجند سميت پين (متاثر) ڪئنالن کي پاڻي ڏيڻ هو جن کي اڳي غيرقانوني نموني وڪرو ڪيل ندين مان پاڻي ملندو هو. جڏهن 1968ع ڌاري ڪوٽ جي پورت لاءِ ٿهيل منگلا ڊئم سميت سيني ڪوٽ جي پورت وارن ڪمن جي اڏاوت مڪمل ٿي چڪي تہ ان وقت



Gul Hayat Institute

تربيلا ڊئم ڪوبہ وجود نہ پئي رکيو اهو اولين ترجيح واري اڏاوت لاءِ سمجهيو ويندڙ ڊئم نہ هو – بيين ڪوٽ جي پورت وارن ڪمن وانگي، جن کي معاهدي جي گهرجن پٽاندر، جيئن مٿي ڇاڻايو ويو طئہ ٿيل عبوري وقت اندر پورو ڪرڻو هو. ان (وضاحت) انهيءَ حقيقت تي روشني وڌي تہ منگلا ڊئم ڪان سواءِ ٻئي ڪنهن ڊئم جي تعمير لاءِ ڪابہ تڪڙ نہ هئي. انهيءَ ڪري هنگامي بنيادن تي گهربل شيءِ رڳو انهن متاثر ڪئنالن لاءِ پاڻيءَ جي ڪوٽ جي پورت جو انتظام هو جن کي چناب ۽ جهلم جي پاڻين جو سڄي جو سڄو وهڪرو ۽ واڌو نموني منگلا ڊئم منجهان ذخيري ڪيل پاڻيءَ جو رڳو ڪو حصو مهيا ڪري ڏيڻو هو.

جيئن اڳ ۾ بيان ڪيو ويو تہ پنجاب اختيارين، پنهنجي ٻڌي ٻانهي مرڪزي حڪومت وسيلي قومي مفادن ۽ حب الوطنيءَ جي (شديد) جذبن کي اُڪسائيندي، سنڌ سميت سمورين لاڳاپيل ڌرين کي (رسمي طرح) چيو هو تہ: اهي هرو ڀرو بہ پريشان نہ ٿين، جيڪڏهن ڪوبہ دليل، انتظام، رٿا، منصوبو يا ٻيا ڏيتي ليتيءَ جا حربا يا حڪمت عملي- جيڪي پرڏيهي اختيارين سان ڳالهين دوران جوڙي ۽ پيش ڪئي ويئي هئي- سندن خاص موقف ۽ مفادن سان ٽڪراءَ ۾ آيل تي ڏٺا. حقيقت ۾ اها هڪ قومي ضرورت هئي، جنهن جو هنن اعلان ڪيو: اها رڳو پرڏيهي استعمال لاءِ هئي، ڇاڪاڻ جو عالمي عطيو ڏيندڙ برادريءَ لاءِ، بلاشڪ، بظاهر مناسب ۽ قائل ڪندڙ تفصيل، گڏ ڪيل ڄاڻ ۽ دليل تيار ڪيا ويا هئا ۽ پيش ڪيا ويا هئا، تہ جيئن انهيءَ ڪان پاڪستان لاءِ وڏ ۾ وڏ ممڪن پرڏيهي امداد منظور ڪرائڻ لاءِ ڪيس ضروري جواز ڏئي سگهجي.

(انهيءَ ڪري) هنن هتان هُتان ڪري، فراهمين جي ٻوجهن جي مڙني قسمن جا (هٿ ٺوڪيا) تفصيل ڏيئي، انهن کي زميني حقيقتن وسيلي، منطقي، عقلي ۽ پوريءَ طرح درست ظاهر ڪندي، ڪوٽ جي پورت جا بندوبست فراهم ڪرڻ لاءِ منصوبن جي سيني قسمن جي رٿابندي ڪئي ۽ ان کي ترقيءَ ۽ خوشحاليءَ اجا بہ پاڪستان جي پوري وجود لاءِ قطعي طرح اٽل قرار ڏنو.

مٿئين حوالي جي ثابتي پاڪستاني حڪومت جو خط نمبر سيڪريٽري (انڊيا) 8735/54، تاريخ 6 نومبر 1954ع ڏئي ٿو تہ جيئن ئي ڳالهيون خلاص ٿيون ۽ پرڏيهي پنهنجي ڏيهہ روانا ٿيا تہ پنجاب جي اختيارين ۽ سندن ٻڌي ٻانهي مرڪزي حڪومت جي ٻولڙين 180 ڊگريءَ جي قلابازي کاڌي ۽ اعلان فرمايائون تہ منصوبا، موقف، اعلان، درجيبنديون ۽ رٿائون، جن لاءِ اڳي پختي نموني اعلان ڪيو ويو هو تہ اهي رڳو پرڏيهي استعمال لاءِ آهن، هاڻي، اهي، پنجاب بمقابلہ پرڏيهي ملڪن ۽ ادارن ۾ ڳالهين، جيڪي سڄي جون سڄيون پنجاب جي فائدي ۽ ٻين صوبن خاص طرح سنڌ لاءِ سڄي جون سڄيون نقصان ۾ هيون، جي مڪمل ٿيڻ ڪان پوءِ سنڌ سميت سيني لاڳاپيل ڌرين سان لاڳو سمجهيون وڃن.



Gul Hayat Institute

سندن ”اڻ ڏري قومي رتا“ جي حُسن ڪارڪردگيءَ جو هڪ نمونو پاڪستان ۾ ېن غيرمنطقي ۽ هٿرادو پاڻي زونن جي تخليق هو– سنڌو زون ۽ ٽريبيوٽري (چشما – جهلم) زون. جن کي مخالف ۽ متضاد عملن (Functions) جي ديوارِ چين وسيلي الڳ ڪيو ويو. اهي عمل چا هئا: سنڌوءَ لاءِ اهو تعين ڪيو ويو تہ ان کي ېئي (چشما – جهلم) زون جي گڏيل پاڻين منجهان پنهنجي حصي جو هڪ ڦُڙو بہ نہ ملندو پر سنڌ هر شيءِ جا وٽس آهي، سا ېئي (زون) جي حوالي ڪري ڇڏيندي. جيڪڏهن ضروري هجي تہ پنهنجن ڪئنالن جا پيٽ خالي رکي بہ ايئن ڪندي. اهي ڪئنال جيڪي لاڳاپيل علائقن جي ڪروڙن ماڻهن جي نج پج حياتين لاءِ ان (سنڌوءَ) جي حيات بخش پاڻين تي دارومدار رکندڙ هئا. انهيءَ جي اُبتڙ ېئي زون۔ نام نهاد ٽريبيوٽري (چشما جهلم) زون لاءِ مقرر ڪيل عمل (Functions) هِي هئا تہ: نہ رڳو اهو گڏيل پاڻين مان نام نهاد سنڌوءَ زون کي ان جي حصي جو هڪ ڦڙو بہ نہ ڏيندو پر چشما جهلم ۽ تونسا پنجند لنڪ ڪئنالن سميت چورن جهڙن ڌاڙيل ڪئنالن وسيلي ېئي (سنڌو) زون مان پاڻين جو جهجهو مقدار پڻ حاصل ڪندو. تنهنڪري، (ان حساب سان هڪ نام نهاد زون کي پوريءَ طرح ”ڏيندڙ زون“ ېڌجڻو هو ۽ (جڏهن تہ) ېئي زون کي پوريءَ طرح ”وٺندڙ زون“ ېڌجڻو هو. (اهڙيءَ ريت) سنڌ پوريءَ طرح ”ڏيندڙ زون“ ۾ رکي ويئي، ۽ پنجاب پوريءَ طرح ”وٺندڙ زون“ ۾ رکيو ويو.

سنڌي عوام جو موقف هيءُ آهي تہ اڳوڻي اٽورهايل پنجاب جي ورهاڱي کان پوءِ ان جي ېنهي حصن (اوڀر ۽ اولهہ پنجاب) جي نمائندن وچ ۾ جالنڌر (ناهہ) سازش جي نتيجي ۾ هٿرادو نموني پيدا ڪيل پاڪ۔ ڀارت پاڻي تڪرار جي سلسلي ۾ ڳالهين جون هڪ طرفيون ڪارروايون، تنهن کان پوءِ آءِ بي اي بورڊ جو قيام ۽ انهيءَ جا سڀ منصوبا ۽ رٿائون ۽ حتمي نبيرا، جن دشمناڻي نموني آبپاشيءَ تي پوچڙ واري آبادي۔ سنڌ جي بنيادي قانوني ۽ آئيني حقن ۽ مفادن کي متاثر ېئي ڪيو اهي هڪ پاساوان، غيرقانوني، عالمي سطح تي مڃيل فطري حقن جي کُليءَ طرح ڀڃڪڙي ڪندڙ دائره اختيار کان ٻاهر، ڪنهن قانوني اثر کان آجا ۽ شروع کان ئي بي بنياد هئا/ آهن.

هيءُ سڄي جو سڄو ڏاڏليءَ ۽ دوکي تي ېڌلُ، خود خدمتي، ڇٽي ڏٺي نموني پُرفريب زون سرشتو. جنهن جو ضمني 1960ع واري صنعتي معاهدي (Industrial Treaty) سان لاڳاپيل ڪنهي عالمي دستاويزن مان ڪنهن بہ هڪ ۾ ذڪر نہ آهي، اهو آءِ بي اي بورڊ پاران هڪ پاسائين ۽ ڪپت واري انداز سان سنڌ کان ان جا حيات آفرين حق ۽ مفاد دوکي سان ڦٻائڻ لاءِ مڙهيو ويو. اهو سڄي جو سڄو نہ قبولڻ جوڳو غيرقانوني، ڪنهن بہ قانوني اثر کان خالي ۽ سنڌي عوام جي تاريخي جيئڻ- مرڻ جي مفادن خلاف آهي.

Gul Hayat Institute

بنهه شروعات کان پاڪستان ۾ چالو (حقيقي) وفاقي حڪومت بدران اڻ اعلانيل پر عملي طرح وحداني حڪومتي ساخت/ ڍانچي کي نظر ۾ رکندي ننڍن ۽ ڪمزور صوبن جي عوام جي مشاهدي ۾ اها ڳالهه افسوسناڪ انداز ۾ اچي چڪي آهي تہ پنجاب کان سواءِ ٻئي ڪنهن صوبي جو حڪمران جهڙوڪ: لياقت علي خان، حسين شهيد سهروردي، ايوب خان، يحييٰ خان، ذوالفقار علي ڀٽو وغيره جن کي قومي ۽ بين الاقوامي سطح تي آهني ماڻهن، آمرن، عظيم اڳواڻن، جنرلن، فيلڊ مارشلن ۽ ڇا ڇا نہ طور عوامي سطح تي نشانبر ڪيو ويو هجي، اهو رڳو انهيءَ حالت ۾ اقتدار ۾ رهي سگهيو ۽ ڪڏهن تہ جيئرو بہ اوستائين رهي سگهيو جيستائين هن پنجاب اشرافيا ۽ اختيارين جي جمهوريت مخالف، عوام مخالف ۽ قوم مخالف ۽ بالادست مستقل مفادن لاءِ غلاماڻي انداز ۾ خدمت ڏني. جيستائين مٿين بالادست مستقل مفادن جي غلاماڻي نموني خدمت جو تعلق آهي تہ ان ۾ ايوب خان جو ڪوبہ مَٽُ ثاني نہ هو. هن خوشامد تي مٿي ڪوڙائڻ لاءِ پنهنجي پاڻ کي آزاد ڇڏي ڏنو- اتان کان ئي بنگلاديش جي پسپائي وغيره جو بنياد پيو. پيو ڪوبہ چارو نہ ڏسندي، هن سيني پاڪستانين جي اڏٽرئي صدر طور شفافيت ۽ عدل سان حڪومت جي سڄي ڏيکاءَ مان بہ ڪٽي هٿ ڪڍيا. هن پنهنجي پاڻ کي پنجاب اختيارين جي حڪم تي هلڻ تي هيرائي ڇڏيو ۽ انصاف، قومي بڏي ۾ سلامتيءَ جي ڊگهي مُدي واري مفاد جي ڪابہ پرواهہ نہ ڪئي. هو پنهنجي چوڌاري رهندڙ پنجابي انجنيئرن جي هٿ ۾ دليئون راضي گُڏو/ ڪيڏاوٽو بڻجي پيو. هن پنجاب اختيارين کي اها سڄي ڪربين ربين جي امداد ڪٽي ڪيسي ۾ وجهڻ جي ڇوٽ ڏيئي ڇڏي، جيڪا سڄي اولهہ پاڪستان لاءِ ڪوٽ جي پورٽ جي بندوبست ۽ ترقيءَ جي بهاني سان حاصل ڪئي ويئي هئي. هن حقيقي نموني اهي سڀ پاڪستان جا پاڻي (درياهہ) طاقتور صوبي جي حوالي ڪري ڇڏيا، جن جي پاڻين ۾ پنهنجي حصي لاءِ سنڌ ويهين صديءَ جي وڏي عرصي تائين ويڙهہ/ جدوجهد ڪئي هئي. تربيلا ڊئم جي تعمير لاءِ- يعني سنڌوءَ جي پاڻين کي سندن ڪُليت سان قبائڻ ۽ انهن تي راتاهي هٽڻ واسطي، پرڏيهي امداد نہ ملڻ جي صورت ۾، هو پارت سان ويڙهہ وڙهڻ جي ڌمڪيءَ جي مهم جُو حد تائين بہ هليو ويو هو.

"سنڌو درياهي نظام جي پاڻين جي ورڇ، ڪيترن ئي ورهين لاءِ تڪراري مامرو رهي چڪي هئي. ورهاڱي کان اڳ، سنڌ ۽ اٽورهايل هندستان جي پنجابي صوبن وچ ۾ پاڻيءَ تي دعوائون لڳاتار تڪراري رهيون هيون. ورهاڱي، پارت ۽ پاڪستان جي وچ تي، بنهہ سنڌو درياهي نظام جي آرپار، سرحدي لڪير ڪڍي ڇڏي. پاڪستان آبپاشيءَ تي هينين آبادي بڻجي پيو ۽ پاڪستان جي ٻن مُک آبپاشي ڪئنالن جا ٻئراج، سرحد جي پارتي پاسي رهجي ويا..... مون کي مسئلي جي ڪا ٿوري ڄاڻ هئي، تنهنڪري مون وضاحت ڄاڻڻ تي گهري. اولهہ پاڪستان حڪومت بہ انجنيئر

Gul Hayat Institute

(پنهي جو تعلق پنجاب سان هو- ليکڪ) موڪلي ڏنا. جن تمام گهڻي پيرائتي نموني مون تي معاملي کي واضح ڪيو....

”عالمي بئنڪ ڪوٽ جي پورٽ جي ڪمن جي هڪ سرشتي جي تعمير لاءِ اسان جي گهُر مڃي ورتي..... بئنڪ جي صدر يوجين بلئڪ جي سربراهيءَ ۾ عالمي بئنڪ جي ٽيم اسان کي منگلا ڊئم سميت خاص نوعيت جي اضافي بئراجن (Head Works) ۽ پاڻيءَ جو رُخ موڙڻ وارن (Diversionary) ۽ لنڪ ڪئنالن جي آڇ ڪئي. هنن جهلم ويجهو روهتاس وٽ پڻ هڪ ڊئم جي آڇ ڪئي.

”انهيءَ کان اڳي جو يوجين سان ٿيل ڳالهين بابت ڪجهه لکان، آئون ان مهاڏي جو ذڪر ڪرڻ پسند ڪندس، جيڪو مون پنهنجن فني ماهرن ۽ انتظامڪارن سان اٽڪايو (انهن سڀني فني ماهرن ۽ انتظامڪارن جو تعلق پنجاب سان هو- ليکڪ) مون محسوس ڪري ورتو ته ڪين صورتحال جي سنگينيت جو پورو پورو احساس نه هو ۽ اهي چند ڄا تمنائي هئا...اهي... پاليسي مڙهڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا ۽ انتهائي موقف پيش ڪري رهيا هئا. انهن منجهان ڪي ٽيهه يا چاليهه ڄڻا گورنمينٽ هائوس لاهور ۾ گڏ ٿيا هئا.

”اهي پختي نموني انهيءَ خيال جا هئا ته منگلا جي ماڳ تي جهلم نديءَ تي هڪ ڊئم سان گڏ، اسان کي تربيلا جي ماڳ وٽ، سنڌو درياهه جي واڙو وهڪري کي ذخيري ڪرڻ لاءِ هڪ ڊئم جي گهرج آهي..... لاڳت ۾ فرقُ لڳ ڀڳ 200 ملين ڊالرن جي حساب سان هو. اها ته چرڪ ڇڏائيندڙ رقم هئي، ۽ مون ڄاتو پئي ته جڏهن يوجين انهيءَ بابت ٻڌندو ته ٽپي ڀاهه ٿي ويندو ۽ هو ٽپي ڀاهه ٿيو به. پر جو ڪجهه مون ڪيس ٻڌايو اهي لفظ ان نموني هتي حوالي طور پيش ڪريان، جيئن اهي مون کي ياد پون ٿا: مون انهن علائقن جو چڪر لڳايو آهي، جيڪي پارت پاران پاڻين جي ڪٽ جي ڪري متاثر ٿيڻ پيا وڃن. ماڻهن مون کي صاف نموني ٻڌايو آهي، ته اهي اُڃ ۽ بُک وگهي مرڻ کان ويڙهه وڙهندي مرڻ کي ترجيح ڏين ٿا ۽ انهن اميد ڪئي پئي ته آئون کين اهڙو موقعو (اهڙي اجازت) ڏيان. اسان جا جوان ۽ سمورو عوام ساڳيءَ ريت ٿا سوچين. انهيءَ ڪري جيڪڏهن اوهان مدد جو هٿ نٿا وڌايو ته هيءُ ملڪ پڙڪي اُٿي پوڻ جي نقطي تي پهچي چڪو آهي.“ (ايوب خان. ”فرينڊس ناٽ ماسٽرس“، صفحو: 108 _110)

اها ڳالهه ذهن ۾ رکي وڃي ته سنڌوءَ جو ”واڙو وهڪرو“ رڳو تربيلا جي ماڳ وٽ ذخيرو ڪيو وڃڻو هو. ان ورجائڻ جي ڪا گهرج ناهي ته نندي ڪند ٽوٽي، بين الاقوامي ۽ پاڪ پارت قانون هيٺ تربيلا جهڙي وڏي پئماني تي تڪراري ديو پيڪر منصوبي جي منظوريءَ کان اڳ، سيني لاڳاپيل

گاڏڙ حصيدارن خاص طرح سنڌ جي حقن ۽ مفادن کي اڳوات، درست نموني، لحاظ ۾ رکيو ويٺو هو. جيئن برطانوي راج جي ڍانچي ۾ ڪيو ويو هو.

1935ع ۾ مقرر ڪيل انڊريسن ڪميٽيءَ جي طئه ڪيل نقطن مان هڪ هو:

"سنڌوءَ جي پاڻين ۾ ان جي پَرتو ندين سان لاڳاپيل ڌرين کي نقصان ڏيڻ ۾ انهن ڌرين جي موجوده حقن تي اثرانداز ٿيڻ کان سواءِ ڪنهن بہ تازي/ نئين (پاڻيءَ جي) ڪٽت جي اهڙين فراهمين جي ڳولا جو امڪانُ، جنهن جي اجازتَ لاءِ ڪميٽي سفارش ڪري."

"رائو ڪميشن واضح نموني پنجاب پاران بياس تي پاڪڙا جي ماڳ وٽ ڊئم جي اڏاوت جي ڪري سنڌ جي ڪئنالن کي ٿيندڙ نقصان کي تسليم ڪيو ۽ نہ رڳو ايترو پر، بہ نوان منصوبا پڻ فراهم ڪيا. جيڪي ان (سنڌ) جي ڪئنالن لاءِ پاڻيءَ جي فراهمي کي يقيني بنائڻ لاءِ سنڌ ۾ اَڏيا وڃڻا هئا. انهيءَ سان گڏ انهيءَ مقصد لاءِ انهن ڪمن تي ٿيندڙ خرچ جو هڪ حصو- بہ ڪروڙ رپيا پنجاب کي پري ڏيڻا هئا." (وهاب شيخ، "سنڌ ڪيس"، صفحو: 15)

پر غاصب جنرلن ۽ آمرن، جهڙوڪ ايوب خان، لاءِ اهو ملڪ، جنهن کي اهي پنهنجي پڪڙ ۾ آڻڻ ۾ ڪامياب ٿين ٿا، سو سندن ذاتي جاگير ۽ ملڪيت بڻجي پوندو آهي ۽ ان جي آبادي (عوام) سندن غلام بڻجي پوندي آهي ۽ سندن ذاتي مرضي، انهيءَ بدنصيب ڌرتيءَ جو اعليٰ ترين قانون بڻجي پوندو آهي.

قومي ڊئمن ۽ ڪئنالن وغيره جي اڏڻ واري مقصد لاءِ، انهن حڪمرانن وٽ جهجهو پئسو بيشڪ اربين کربين رپين ۾ موجود آهي. هاڻوڪن حڪمرانن سميت هرڪو ڄاڻي ٿو تہ ايوب خان انهيءَ اڏاوتي سرگرميءَ وسيلي ڪو غريب مسڪين نہ بڻيو هو. بيشڪ، اهي سندس تجربي مان فائدو ماڻڻ گهرن ٿا.

"ايوب خان ذاتي تذليل (نہ ٿيڻ) لاءِ ضمانت گهري پئي، جيڪا ڪيس مون ذاتي طرح ڏني هئي. ايوب خان ماسو مال ميڙي ورتو هو ۽ حقيقت ۾، ان مان مزي ماڻڻ لاءِ هن وقت پئي چاهيو. مون کان وڌيڪ ڪير نٿو ڄاڻي تہ ايوب خان (اقتدار تان) ڇو دستبردار ٿيو هو. (حمودالرحمان جاچ ڪميشن اڳيان يحييٰ خان جي لکت ۾ بيان جو ٽڪرو، جنهن جو حوالو اي. باسط پنهنجي ڪتاب "دي بريڪنگ آف پاڪستان" جي صفحي: 120 تي ڏنو آهي.)

جيستائين پنجاب اختيارين جو تعلق آهي تہ محروم (آباديءَ جي) حصن، ڪمزور تر وجودن ۽ عوامن جي محڪوميت جي بي تِڪاءُ/ ڦرٽي گهرٽي پاڪستاني تاريخ جي سفر ۾ پنهنجي رياستي اختياريءَ جي غاصب پٽي ۽ پنهنجي آپيشاهاڻي، سرڪش ۽ لاپرواهہ مشق دوران، انهن اهو تجربو حاصل ڪري ورتو هو تہ اهي پاڪستان جا حقيقي آقا آهن ۽ ان جي سيني وسيلن ۽ حياتيءَ ۽

Gul Hayat Institute

جياپي جي ذريعن جا مالڪ آهن. انهن لاءِ حقي واجبي ونڊ ورڇ، عدل ۽ انصاف ڪنهن ڪم جون شيون نہ هيون. پنجاب جي پنجن ئي ندين يعني سنڌوءَ جي پرتو ندين جي سمورن پاڻين جي غيرقانوني خرد برد پوري ڪرڻ ڪان پوءِ، هنن آبپاشيءَ تي پوچڙ واري آبادي – سنڌ جي جياپي جي آخري بچندڙ وسيلي، يعني سنڌ جي پاڻين جِي لنڪ ڪئنالن. جيڪي ڏتي وائئي نموني پنجاب جي ڪئنالن ڏانهن سنڌوءَ جي واڌو پاڻين پهچائڻ لاءِ ئي تعمير ڪيا ويا هئا ۽ جن کي سنڌ ۾ ”ڏاڙيل ڪئنال“ طور چاتو سڃاتو ٿي ويو ذريعي سيني قسمن جي بناوتي بهانن سان، ڦرلٽ ڪرڻ ۽ راتاهي هڻڻ ڏانهن سڌو رخ رکيو ۽ اهڙيءَ ريت سنڌ جي صحرا بڻجڻ جو عمل تيز ٿيو. جيڪو هاڻي خطرناڪ تناسبن کي رسي چڪو آهي.

واپڊا ۽ پنجاب حڪومت جي (اڏاوتي) ڪمن جي عملي تدبيرن بابت سنڌي عوام جو اِدراڪ هيٺينءَ ريت آهي:

(i) سول ڪمن يا ڪئنال سرشتي جي اڏاوت جِي، قومي بقا جي منصوبن طور اجازت ڏيڻ.

(ii) وهڪري ۾ روڪ، گهاري پوڻ جي پرک، لنڪَ (ڪئنال) ۾ رنڊڪ يا ٻئي ڪنهن بهاني سان واڌو پاڻيءَ لاءِ درخواست.

(iii) مثال قائم ڪرڻ واسطي ڪجهہ ورهين لاءِ واڌو پاڻي وهائڻ ۽ پاڻيءَ جا اهڙا صارف پيدا ڪرڻ، جيڪي اڳتي هلي پاڻي فراهميءَ کي وهندڙ حالت ۾ رکڻ لاءِ غيرمعمولي دٻاءَ کي آزمائي ڏسندا.

آبپاشيءَ تي پوچڙ واري آباديءَ کان ”جيڪو ٿيو سو ٿيو“ [*] کي قبول ڪرائڻ ۽ پاڻي رسد کي وهندڙ حالت ۾ رکڻ لاءِ زور پرڻ (يا مرگوئي ڪانئن نہ پڇڻ)، ڇاڪاڻ تہ (پاڻي کولڻ ۽ بند ڪرڻ جي ڙونٽي سدائين آبپاشيءَ تي مهڙ واري آباديءَ جي هٿ وس هوندي آهي.

جيئن ئي 1973ع ۾ چشما – جهلم لنڪ ڪئنال اَڏجي تيار ٿيو تہ پنجاب اختياريون، جهٽ پٽ، (پاڻيءَ تي) راتاهي لاءِ انهيءَ کي کولرائڻ واسطي بهانا گهڙي اچي پهتيون.

آبپاشي ۽ بجلي کاتي جي سيڪريٽري محترم اي. وهاب شيخ، ”خريف 1973ع دوران چشما لنڪ (ڪئنال) کولڻ“ جي عنوان سان پنهنجِي وڏي وزير ڏانهن ”سمري“ ۾ لکيو:

---

[*] Fait accomplice: اهو واقعو، جنهن کان سواءِ ٻيو ڪوبہ چارو نہ هجي، اهڙي ڳالهہ، شيءِ يا عمل جيڪو چاهيندي، نہ چاهيندي قبول ڪري ونجي.

Gul Hayat Institute

”واپڊا جِي ٽپالَ نمبر سي اِيِ ڊبليو ايم سي – 259/49, 18 جون 1973ع (اشاراتي پرچي (فليگ)۔ اي هيڊ چشما۔ جهلم لنڪ ڪئنال کي هاڙوڪي خريف لاءِ کولڻ واسطي هيٺين مقصدن سميت ملي آهي:

(i) ڳُڙن کي ويهجڻ کان روڪڻ لاءِ تحفظ وارين فعال گهرجن کي پورو ڪرڻ.

(ii) هوا سان گڏ اُڏامي ايندڙ واريءَ سبب هيٺين حصي ۾ رڪاوٽ پوڻ کان لنڪ ڪئنال کي بچائڻ.

(iii) مختلف اخراجن وٽ لنڪ مان ٽيندڙ سيمي جي زيان تي نظر رکڻ، جنهن لاءِ لنڪ ڪئنال جي ڳُڙن سان گڏوگڏ سم ڪلر کي روڪڻ وارين رٿائون تيار ڪرڻ گهربل آهن.

انهيءَ ڏس ۾ اها ڳالهه واضح هجي ته 1972ع جي خريف مند دوران چشما۔ جهلم لنڪ ڪئنال وهائڻ واسطي ساڳئي نموني جي درخواست، پوئين سال پڻ موصول ٿي هئي، جيڪا سنڌ حڪومت قبول نه ڪئي هئي.

جيستائين تازن (i) ۽ (ii) دليلن جو تعلق آهي ته اهي جائز (۽ معقول) نه آهن، ڇاڪاڻ ته اصل ۾ اهو لنڪَ ڪئنال واڌو پاڻي کڻڻ لاءِ اَڏيو ويو آهي، (يعني) جڏهن به سنڌو درياهي نظام ۾ واڌو پاڻي هجي. اهو عالمي معيار تي اَڏيو ويو آهي........ ان کان سواءِ ڪئنال کي اڳيئي 134 ڏينهن (26 مئي 1971ع کان 6 آڪٽوبر 1971ع) تائين ۽ پوءِ 83 ڏينهن (5 جولاءِ 1972ع کان 25 سيپٽمبر 1972ع) تائين پوريءَ طرح پرکيو ويو آهي، اهو ڪنهن به معنا ۾ ڪو گهٽ عرصو نه آهي...... (صفحو: 76)

جيستائين دليل نمبر (iii) جو تعلق آهي، جيڪو لنڪ ڪئنال کولڻ جي درخواست سان واسطو رکي ٿو ته جيئن سم ڪلر روڪڻ وارين رٿائن تيار ڪرڻ وسيلي پاڻيءَ جي سيمي جي زيان تي نظر رکي وڃي، ته انهيءَ سلسلي ۾ واپڊا ۽ پنجاب سرڪار ان کي سنڌو وادي رٿا (Indus Basin Project) لاءِ لازمي اڏاوتي ڪم طور ڄاڻائيندي، انهيءَ منصوبي لاءِ وفاقي سرڪار کي درخواست ڪري چڪا آهن.

تونسا – پنجند ڪئنال جي معاملي ۾ پنجاب آبپاشي کاتو لنڪ جي ڀنهي پاسين هٿرادو سم ڪلر پيدا ڪرڻ ۾ ان کي پنهنجي پوري گنجائش سان وهائڻ وسيلي، ڪامياب ٿيو آهي، ايستائين جو تڏهن به، جڏهن، پنجاب جي ڪئنالن ڏانهن (پاڻي) منتقليءَ لاءِ پاڻيءَ جي هڪ ڦڙي جي به گهرج ناهي (هن وقت پنجند کان هيٺ 130,000 ڪيوسڪ پاڻي وهي رهيو آهي ۽ ان هوندي به تونسا۔ پنجند لنڪ ڪئنال 5000 ڪيوسڪ پاڻيءَ جي اخراج سان وهي رهيو آهي. پنجاب جو آبپاشي کاتو چشما۔ جهلم لنڪ ڪئنال وهائڻ جي خواهش رکي ٿو ڇاڪاڻ ته ان کي وهائڻ کان سواءِ سم ڪلر کي روڪڻ واري رٿا جو جواز پيدا ڪرڻ هنن لاءِ ڏکيو ٿي پوندو.

Gul Hayat Institute

اها ڳالهه واضح آهي ته اهي ان (چشما جهلم لنڪ ڪئنال) کي هينئر عارضي (يا هنگامي) بنياد تي کولڻ ۽ پوءِ اڳتي هلي جيئن جو تيئن رکڻ واري حالت (Status Quo) تي زور پرڻ وسيلي ان کي مستقل طور وهائڻ گهرن ٿا. ايستائين جو سنڌوءَ ۾ پاڻي رسد جي شديد کوٽ جي وقتن- خريف توڻي ربيع ڀنهي مُندن- ۾ تونسا- پنجد لنڪ ڪئنالن کي هڪ پاسائين نموني وهائڻ جي ڪري..... سنڌ جا ڪئنال اڳيئي پنهنجي زراعت جي گذر سفر کي زبردست هاڃو رسائي چڪا آهن. توڻي جو هيءُ ڪئنال خالص طرح هڪ عارضي ٺاهه جي نتيجي ۾ معاهدائي اُصولن جي پورائي واسطي (لنڪ ۾) رنڊڪ (پوڻ جي امڪان) ۽ (گهاري پوڻ جي) پرک جي مقصدن لاءِ کوليو ويو هو."

1973ع ڌاري ئي، سنڌ حڪومت جو آبپاشي سيڪريٽري خبردار هو ته گهٽي پاڻي اڳي تونسا- پنجند لنڪ ڪئنال (واري ٿيل واردات) وانگي ئي، (شروع ۾) فني سبب لاءِ مثال قائم ڪرڻ واسطي چشما- جهلم لنڪ ڪئنال کولڻ لاءِ درخواست ڪئي ويندي، ڪجهه ورهين کان پوءِ ان کي هڪ حق جي معاملي طور مستقل بنيادن تي قائم ڪيو ويندو.

3 جولاءِ 1973ع تي سنڌ ۽ پنجاب وچ ۾ صحيح ٿيل عارضي ٺاهه هيٺ پيهر پيش ڪجي ٿو:

عارضي ٺاهه

موضوع: سال 1972ع دوران چشما- جهلم لنڪ (ڪئنال) جو کُلڻ

سنڌو (درياهي) نظام جي پاڻين جي حصي پتيءَ تي پاڪستان جي صدر جي حتمي فيصلي، جنهن ۾ بين شين سميت سنڌوءَ جي لنڪ ڪئنالن جي چالو حالت جي معيار جي پرک پڻ ڪئي ويندي جي اچڻ تائين صوبائي ڪوآرڊينيشن لاءِ ڪنٽرول- منسٽر محترم عبدالحفيظ پيرزادي، سنڌ ۽ پنجاب جي آبپاشي وزيرن هڪ گڏيل گڏجاڻيءَ جو اهتمام ڪيو جنهن ۾، اڄ لاهور ۾، هڪ عارضي ٺاهه طئه ڪيو ويو.

(انهيءَ موقعي تي) پنجاب جو گورنر، مرڪزي ناٽي وارو وزير، مرڪزي سُڌ سماءُ وارو وزير ۽ سنڌ جو وڏو وزير موجود هئا.

جولاءِ جي مهيني ۾، سنڌو (درياهي) نظام ۾، ان جي ڪئنالن ۾ گهرجن کان وڌيڪ پاڻي موجود هوندو آهي. بلاشڪ، مُک سنڌو درياهه ۽ پَرتُو ندين- ٻنهي مان سمنڊ ڏانهن وهڪرا سفر ڪندڙ هوندا آهن. ۽ انهيءَ ڪري چشما- جهلم لنڪ ڪئنال وسيلي سنڌوءَ جو واڌو پاڻي منتقل ڪرڻ جي ڪابه گهرج نه آهي.

ان هوندي به، چشما- جهلم لنڪ ڪئنال ۾ پاڻيءَ جي وهڪري جي اجازت ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. اهو (فيصلو) پنجاب حڪومت جي درخواست جو پوراءُ ڪري ٿو جنهن جو مقصد، انهيءَ لنڪ جي پوڇڙ واري حصي کي زندهه رکڻ آهي. ان تي اتفاق ڪيو ويو آهي ته اهو وهڪرو

Gul Hayat Institute

خالص نموني عارضي بنيادن تي هوندو ۽ لڳاتار وهڻ لاءِ ڪنهن به قسم جي حق (جي گنجائش) کي پيدا نه ڪندو.

سنڌو درياهه جي (پاڻي مقدار جي مامري ۾) گهٽ وڌ ٽيندڙ مزاج بابت سنڌ جي وڏي وزير جي ڪيل درخواست جي نتيجي ۾ واپڊا فوري طور چشما – جهلم لنڪ ڪئنال ڪندو.

صوبائي ڪوآرڊينيشن وزارت

پاڪستان حڪومت

لاهور

3 جولاءِ 1973ع

صحيحون:

- عبدالحفيظ پيرزادو (صوبائي ڪوآرڊينيشن وزير)
- غلام مصطفيٰ کر (گورنر پنجاب)
- ممتازعلي ڀٽو (وزير اعليٰ سنڌ)

هن ناهه جا ڏيان ۾ رکڻ جهڙا نقطا آهن:

(i) چشما – جهلم لنڪ کولڻ لاءِ پنجاب جي استدعا، لنڪ جي پوڇڙ واري حصي کي زنده رکڻ لاءِ هئي.

(ii) ان تي اتفاق ڪيو ويو هو ته جولاءِ 1972ع وارو وهڪرو نج پج عارضي بنيادن تي هوندو ۽ لڳاتار وهڻ لاءِ ڪنهن به قسم جي حق (جي گنجائش) کي پيدا ڪندڙ نه هوندو.

(iii) سنڌو درياهه جي (پاڻي مقدار جي مامري ۾) گهٽ وڌ ٽيندڙ مزاج بابت سنڌ جي وڏي وزير جي ڪيل درخواست جي نتيجي ۾ واپڊا فوري طرح چشما. جهلم لنڪ ڪئنال بند ڪندو.

پر انهيءَ رسمي ناهه جي ٽن مهينن کان پوءِ آڪٽوبر 1973ع ۾ صورتحال شديد نموني تبديلي ويئي هئي ۽ تڏهوڪي گورنر پنجاب محترم غلام مصطفيٰ کر خط نمبر: جي ايس/ بي/ 173، تاريخ: 16 آڪٽوبر 1993ع وسيلي سنڌ جي گورنر کي لکيو:

”اهو بيان ڪيو ويو آهي ته لنڪ (چشما – جهلم لنڪ ڪئنال) هڪ اهڙو پاڻي ڪٽڻ جو ذريعو (Pipeline) هو جيڪو وقفي وقفي سان، ڪن خاص حالتن هيٺ واڌو پاڻيءَ جي منتقليءَ لاءِ عمل ۾ اچڻو هو. آئون اهو ڄاڻائيندي افسوس ظاهر ڪريان ٿو ته اهو هڪ درست موقف نه هو. لنڪ، پين مڙني ڪئنالن وانگي، حويلي ڪئنالن ۽ هيٺين ستلج وارن ڪئنالن جي گهرجن جي پورائي لاءِ سانده جاري رهڻ لاءِ اڏيو ويو آهي. (ع) تربيلا ڊئم جي تڪميل مهل اهو ان ئي طريقي سان هلايو ويندو.

Gul Hayat Institute

بلاشڪ، آئون چاڻان ٿو تہ سنڌ حڪومت جو انهيءَ موضوع تي ڪنهن قدر مختلف نقطي نظر آهي. آئون پُراعتماد آهيان تہ اهي اختلاف ترت نبيريا ويندا.“ (صفحو: 71)

پنجاب اختياريون اها پنهنجي پراڻي راند ڪيڏي رهيون هيون تہ: ضرورت پوڻ تي ٺاهہ ڪجن ۽ جڏهن انهن جو (سنڌن مفاد ۾) ڪوبہ فائدو نہ رهي تہ انهن کي ڪنهن بہ فوري هٿ چڙهندڙ موقعي وقت ڦاڙي ڦٽي ڪري ڇڏجي.

ايتري تائين جو 1985ع تائين (جيڪو شديد پاڻي کوٽ وارو سال هو (۽) جڏهن سنڌو درياهي نظام ۾ ڪُل وهڪرو معمول کان گهٽ، 118 ايم اي ايف هو هر سال سنڌ حڪومت کان (چشما جهلم لنڪ ڪئنال وهائڻ) جي اجازت جو عمل جاري رکيو ويو. انهيءَ سال، گورنر پنجاب جنرل غلام جيلاني، چيئرمين واپڊا صفدر بٽ، خاص طرح چشما ڪئنال وهايو ۽ چشما- جهلم لنڪ ڪئنال کوليو تڏهن کان سنڌ جي وڏي وزير کان ايتري تائين جو وات ٿُڪاڻي بہ نہ ڪئي ويئي ۽ تونسا- پنجند ۽ چشما- جهلم لنڪ ڪئنال پنهنجي پوري جي پوري گنجائش سان وهايا پيا وڃن- ايتري تائين جو انهن وقتن تي بہ، جڏهن سنڌ ۾ شديد کوٽ رهي آهي.

پاڪستان جي سڄي تاريخ دوران، پنجاب اشرافيا ۽ اختيارين جي تسلط ۾ آيل پاڪستان استبلشمينٽ جون پاليسيون، سڄو عرصو آپيشاهي طريقيڪار وسيلي پنهنجين خاص نوعيت جي تسلطي تقاضائن ۽ فيصلن مڙهڻ لاءِ رهيون آهن. جڏهن بہ ان (استبلشمينٽ) کي سُجهيو تہ اها عام رواجي جمهوري حڪومت هيٺ پنهنجي (مفادن) لاءِ راهہ هموار نٿي ڪري سگهي، مثال طور جڏهن انهيءَ کي عالمي قوتن پاران ڪو حڪم جاري ڪيو ويو آهي- جيڪي ٽين دنيا جي جديد ڪالونين ۾ (عام طرح) موجود هونديون آهن. تڏهن سختگير / شيطاني قانونن ٽوٽي رياست ۽ حڪومتي ادارن ۽ ڍانچن جي ناڪارا ڪرڻ ۽ تباهہ ڪرڻ (جي قدمن) سان رجوع ڪندي آهي. جهڙوڪ: حڪومتن کي گهر پيڙو ڪرڻ، قانون ساز ادارن جي برطرفي ۽ سياسي، انتخابي، عملداري ۽ عدالتي عملڪارين جي بغاوت ۽ جوڙ توڙ ڪرڻ وغيره.

Gul Hayat Institute

پنجاهہ واري ڏهاڪي ۾ مرڪزي حڪومت جي مٿي ڄاڻايل خاطرين پٺاندر ايئن هو تہ صوبن / اڪاين جي واسطيدار دعوائن ۽ مفادن کي پاڪستان جي انهن پاليسين ۽ موقفن هٿان مخالفاڻي نموني متاثر ٿيڻ جي اجازت نہ ڏني ويندي، جيڪي پاڪ- ڀارت پاڻي تڪرار بابت عالمي ڳالهين دوران رڳو ٻاهرين استعمال لاءِ اختيار ڪيا ويا هئا. پر اهي (دعوائون ۽ مفاد) انهيءَ مقصد لاءِ مقرر ڪيل ڪنهن خاص ڪميشن وسيلي فيصلا ڪيا ويندا. انهيءَ مقصد لاءِ هڪ ڪميٽي- اختر حسين ڪميٽي (1968ع ۾) ۽ ٽي ڪميشنون- فضل اڪبر ڪميشن (1970ع ۾)، انوارالحق ڪميشن (1981ع ۾) ۽ حليم ڪميشن (1983ع ۾) مقرر ڪيون ويون. پر پنجاب اختيارين هڪ

انچ به لچڪ ڏيکارڻ کان انڪار ڪيو ۽ انهن غيرقانوني ۽ غيراخلاقي بنهه وڏن فائدن قائم رکڻ جو عمل جاري رکيو جيڪي انهن  مرڪزي حڪومت جي غيرقانوني ۽ شروع کان غيرمؤثر فيصلن وسيلي حاصل ڪيا هئا. جن ۾ اهي فيصلا پڻ شامل آهن، جيڪي غيرجمهوري ۽ جابراڻي ون يونٽ (منصوبي) ۽ مارشل لائي راڄن جي آڙ ۾ ماڻيا ويا هئا.

پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي غدار جاگيردار جام صادق علي، جيڪو اڳي سياسي قتل ڪيسن ۾ ملوث هو ڪي 1991ع ۾، دهشت جي راڄ - جنهن پنجاهه واري ڏهاڪي ۾ ون يونٽ مڙهڻ لاءِ روا رکيل دهشت ۽ ڏهڪاءَ جي ياد تازي ڪري ڇڏي – وسيلي سنڌ جي وڏي وزير طور مڙهيو ويو ۽ ان کان هڪ صديءَ کان وڌيڪ جاري رهندڙ سنڌ - پنجاب پاڻي تڪرار جي نبيري سان تعلق رکندڙ هڪ مختصر پيپر صحيح ڪرايو ويو- هڪ اهڙو تڪرار جيڪو ست پاڪ - ڀارت ڪميٽيون ۽ ڪميشنون، پنهنجي ڳُوڙهي سوچ ويچار سون هزارن صفحن تي پکڙيل رپورٽن ۽ ايواردن وسيلي حل ڪرڻ ۾ ناڪام ثيون هيون. اها بنهه سادي ڳالهه هئي. 1859ع کان 1990ع تائين جاري حالت ۾ رهندڙ سنڌ - پنجاب پاڻي تڪرار دوران سنڌو درياهي نظام ۾ سنڌ جي پتيءَ مان سموري ڦُرلٽ ۽ ڌاڙو يڪسر نظرانداز ڪيا ويا. پنجاب کي 1945ع واري پاڻيءَ جي مقرر حصن (Allocations) کان به وڌيڪ 7 ايم اي ايف پاڻي ڏنو ويو جيڪو منگلا ڊئم (5.3) ۽ تربيلا ڊئم (9.3) ٻنهي جي گڏيل گنجائش - 14.6 ايم اي ايف جي اڌ برابر هو. جڏهن ته سنڌ جي (تاريخي) پاڻيءَ جي حصي ۾ ڪوبه اضافو نه ڪيو ويو. اهو هو خوشخبريءَ طور عام مشهور ڪيل 1991ع جو ناهه. ٽن سالن کان پوءِ هڪ وزارتي گڏجاڻيءَ جي ڪارروائيءَ جي خلاصي ۾ ڪيل جعلسازيءَ سنڌ جو اهو رهيو سهيو حصو به گهٽائي ڇڏيو. اهو هو نام نهاد 1994ع وارو وزارتي "ناهه."

## سموريءَ صورتحال بابت مجموعي راءِ

سنڌو درياهي نظام جي پاڪستاني پاڻين جي ونڊ ورڇ جي هاڻوڪي غيرقانوني ۽ شروع کان غيرمؤثر صورتحال، هيٺين غيرقانوني عملن جي غيرقانوني بنيادن تي بيٺل آهي:

(1) ورهاڱي وقت، 1947ع ۾، پاڪستان ۽ ڀارت وچ ۾ سنڌو درياهي نظام جي پاڻين جي ورڇ لاءِ سنڌو نظام جي ندين سان لاڳاپيل ڪيترين ئي پاڪستاني آبپاشيءَ تي آبادين منجهان رڳو هڪ - يعني تڏهوڪي اولهه پاڪستان جي عملدارن تي، پوريءَ طرح، ٻڌل ڳالهيون ڪندڙ ٻاڍيءَ جي مقرريءَ وارو فيصلو.

(2) هڪ صديءَ کان وڌيڪ عرصي تائين ستايل آبپاشيءَ تي آبادي- سنڌ سميت ٻين (واسطيدار پاڻيءَ جي حصيدارن) جي پرپٺ، پاڪستاني آبپاشيءَ تي آبادين منجهان هڪ آباديءَ

Gul Hayat Institute

(پنجاب) جي اختيارين جو پارتي ڏر سان 1948ع ۾ جالنڌر ۾ غيرقانوني، ڳُجهو "سيٽلمينٽ ايگريمينٽ"، جيڪو اجا سرڪاري طرح پڌرو ٿيٽو آهي.

(3) ظاهري طرح جالنڌر ڳُجهي سمجهوتي جي پورائيءَ ۾، سنڌ جي پرپٺ، پنجاب جو پارت کي ٽن گڏيل پاڪستاني ندين- راوي، ستلج ۽ بياس کي وڪرو ڪرڻ ۽ سمجهوتي کي خطا جي امڪان کان پري رکڻ (صحيح ثابت ڪرڻ) لاءِ پارت کي مالڪاڻي جي رقم ادا ڪرڻ.

(4) ظاهري طرح جالنڌر سمجهوتي جي پوئواريءَ ۾، عارضي مُدي جي پڄاڻيءَ تي پاڪستاني (پارت کان ايندڙ پاڻيءَ تي) دارومدار رکندڙ ڪئنالن لاءِ پارتي ڌر پاران پاڻي بند ڪرڻ جي سهولت پيدا ڪندي ٻنهي ڌرين پاران ٺاڪڙ ٽربيونل جو اڻ اعلانيل بائيڪاٽ.

(5) جالنڌر سمجهوتي پٺاندر ٻنهي ڌرين پاران معاملي تي ملي ڀڳت ڪرڻ ۽ هٺرادو نموني انهيءَ کي بين الاقوامي بحران طور اينگهائي ڇڏڻ.

(6) آئين ساز اسيمبلي ٽوڙي ويئي، اوير پاڪستانُ نمائنده حڪومت کان محروم ڪيو ويو. سنڌ، سرحد (خيبر پختونخواه)، بلوچستان ۽ بهاولپور جي صوبائي ۽ خودمختيار حيثيت، مارشل لا لاڳو ڪري ختم ڪئي ويئي – جنهن وسيلي سيني عملي مقصدن لاءِ هڪ مڪمل لاقانونيت جي صورتحال پيدا ڪئي ويئي؛ جنهن تي آخرڪار پرڏيهي طاقتن ۽ بالادست صوبي جي اشرافيا ۽ اختيارين [۽ ان (صوبي) جي ٿوري وقت لاءِ نامزد ڪيل حڪمرانن، جن ۾ پنجاب کان ٻاهرين صوبن/ علائقن سان تعلق رکندڙ فوجي ۽ سول (نام نهاد) آهني شخص شامل هئا] جي ناپاڪ اتحاد جو تسلط قائم ٿيو.

(7) آبپاشيءَ تي پوچڙ واري آبادي، نمبر:3- سنڌ ۽ بين ڌرين جي پرپٺ، هٺرادو نموني پيدا ڪيل تڪرار جي نبيري لاءِ پاڪ- پارت ڳالهيون غيرقانوني منعقد ڪيون ويون.

(8) ايوب خان، سنڌ سميت بين واسطيدار آبپاشيءَ تي آبادين، گاڏڙ حصيدارن ۽ گڏيل مالڪي رکندڙن کي ٻاهر رکندي، سنڌو درياهي نظام جي سيني پاڪستاني پاڻين جي حقيقي اڪيلي مالڪ ۽ انهن جي ورڇ ڪندڙ طور، رٿابنديءَ وارو ادارو – آءِ بي اي بورڊ غيرقانوني ۽ غيراخلاقي نموني ٺاهيو.

(9) آءِ بي اي بورڊ جو غيرقانوني، بدنيتيءَ تي ٻڌل ۽ غيراخلاقي منصوبو تيار ڪيو ويو ۽ ان جي غيرقانوني ۽ غيراخلاقي طرح ايوب خان حڪومت منظوري ڏني. ان وسيلي پارت کي ٽن گڏيل پاڪستاني ندين جي غيرقانوني، هڪ طرفي ۽ سازشي وڪري جي ڪري اولهه پنجاب کي پنهنجين اختيارين وٽان پيل پاڻيءَ جي نقصان جا ڪوڙا ۽ باطل انگ اکر

Gul Hayat Institute

وڌائي چاڙهي پيش ڪيا ويا ۽ جڏهن ته سنڌ کي، ان سڄي صورتحال ۾ پيل نقصان جا انگ اکر گهٽايا ويا. اهڙيءَ ريت، غيرقانوني ۽ خطاڪار نموني، پنجاب کي ان مقدار، جنهن جو اهو حقدار هو کان لڳ ڀڳ ٻيڻ تي پاڻي مقدار ڏنو ويو ۽ سنڌ کي لڳ ڀڳ ڪجهه به نه مليو.

(10) مٿي ڄاڻايل پاڻ هرتو پيدا ڪيل نقصانن جي پورت ۽ سڄي اولهه پاڪستان جي وڏيڪ ترقيءَ لاءِ آبپاشي ڪمن جي اڏاوت لاءِ پوري پاڪستان جي ڪاتي ۾ عالمي بئنڪ ۽ ٻين اولهه وارن ملڪن کان اربين ڊالر حاصل ڪيا ويا. پر پنجاب کان سواءِ پاڪستان جي ٻئي ڪنهن به صوبي/ علائقي تي ان جو هڪ ٽڪو به خرچ نه ڪيو ويو ۽ پنجاب کان سواءِ ٻئي ڪنهن به صوبي/ علائقي ۾ ڪنهن به قسم جو ڪو هڪڙو آبپاشي اڏاوتي ڪم يا منصوبو نه ته اڏيو ويو ۽ نه ئي شروع ڪيو ويو. جيتوڻيڪ حاصل ڪيل قرض جو هر هڪ ٽڪو ٻئسو رڳو اڪيلي پنجاب کي نه، اوير پاڪستان سميت پاڪستان جي سڀني صوبن/ علائقن کي ادا ڪرڻو هو

(11) مٿي ڄاڻايل پنهنجي خط ۾ (پاڪستاني حڪومت، ٻاهرين استعمال لاءِ هڪ منصوبو (۽ اهو هڪ منصوبو اهڙن ٻين منصوبن- رٿائن (Schemes)، درجيبندين، نظامن، اصطلاحاتي ۽ تصوراتي ڍانچن کي شامل ڪري ٿو) حاصل ڪرڻ جو نشانبر نموني فيصلو ڪيو – يعني اهڙو منصوبو جنهن وسيلي پرڏيهي عطيي ڏيندڙن (Donors) کي خاطري ڏيٺي هئي ته اوهان جي ڏنل امداد درست نموني ڪتب آندي ويئي آهي ۽ اسين ٻئسو پاڪستاني لاڳاپيل ڌرين- آبپاشيءَ تي آبادين تي ڪا ڳالهه مڙهڻ کان سواءِ گهربل مقصدن لاءِ چڱيءَ ريت سوچيل ۽ رٿيل، گهربل ۽ عمل جوڳن منصوبن جي مد ۾ ڏيڻ ۽ ونڻ پيا وڃون، پر جڏهن مٿيون مقصد ماڻيو ويو ۽ گهربل ٻئسو يقيني بڻايو ويو ۽ اهڙا معاهدا مڪمل ٿيا، ته پنجاب اختيارين پوئتي موٽ کاڌي ۽ وٺي زور ڀريائون ته قانوني طرح اٽنر دستاويز طور آءِ بي اي بورڊ جو پلان لاڳو ٿيڻو آهي. جيڪو 1960ع واري سنڌو طاس معاهدي جي نتيجي ۾ نهيو آهي ۽ ان جو لازمي حصو آهي – اهڙو معاهدو جيڪو پنجاب جي اختيارين ۽ مرڪزي حڪومت ننڍن صوبن ۽ علائقن جي ڀرپٽ طئه ڪيو هو. پاڪستاني حڪومت اها ئي ڪئي، جنهن جي ان مان اُميد هئي؛ يعني ان سنڌ سميت ننڍن صوبن کي دوکي ۾ رکي سنڌن پتيءَ جي پاڻيءَ جو جهجهو مقدار ڦٻائي ورتو.

(12) انهيءَ سڄي عرصي دوران سنڌ کي مرڪزي اختيارين ٻڌايو هو ته تربيلا ڊئم تن گڏيل ندين جي وکري سبب (سنڌ کي) پهتل پاڻيءَ جي نقصان جي پورائي ۽ سنڌ جي زمينن

Gul Hayat Institute

جي ترقيءَ لاءِ اَڏيو پيو وڃي ۽ اهو به ته، آءِ بي اي بورڊ جي نام نهاد منصوبي ۾ اهڙو بندوبست ته تربيلا ڊئم، تريمو پنجند ۽ اسلام ڪئنالن کي پڻ پاڻي ڏيندو- اُهي ڪئنال، جن کي اڳي غيرقانوني نموني وڪرو ڪيل اُپرندين ندين مان پاڻي ملندو هو اهو رڳو عطيو ڏيندڙ ملڪن جي اطمينان جي گهُرجن کي پوري ڪرڻ لاءِ "پَڪ ڄاڻو" رسمي ڪارروائيءَ لاءِ ٺئي موجود رکيو ويو هو ته: سندن پئسي مان آڏيل هر هڪ (آبپاشي) ڪمُ (رقم) وصول ڪندڙ ملڪ جي مخصوص بنيادي گهرجن کي پورو ڪندو.

(13) صورتحال جي درست تڪ تور کان پوءِ عالمي بئنڪ اهو تعين ڪري ورتو هو ته اهو سڀ جيڪو، تريمو پنجند ۽ اسلام سميت پنجاب جي ڪئنالن (جيڪي پنجاب اختيارين جي ٽن گڏيل پاڪستاني ندين جي غيرقانوني ۽ سازشي وڪري جي نتيجي ۾ متاثر ٿيا هئا) کي گهربل هو سو انهن متاثر ڪئنالن کي چناب ۽ جهلم مان حاصل ٿيندڙ پاڻي وهڪري جي فراهميءَ کان سواءِ ان ڊئم جي پاڻين جو هڪ حصو مس ٿيندو جيڪو انهيءَ مقصد لاءِ خاص طرح اَڏيو ويو هو- يعني 5.3 ايم اي ايف جي گنجائش رکندڙ جهلم تي منگلا ڊئم، جنهن اتفاقي طرح 1960ع جي معاهدي جي تفاصيل ترت اُڪلاءَ ۽ ڪفايت وارين گهرجن کي پورو ٿي ڪيو ڄاڪاڻ ته اهو (چوڻ جي حد تائين) تجويز ڪيل تربيلا ڊئم جي پيٽ ۾ متاثر ڪئنالن کي 100 ميل وڏيڪ ويجهو ٿي پيو ۽ اهڙيءَ ريت اُهو پئي تجويز ڪيل ڊئم (يعني تربيلا ڊئم، جيڪو بلاشڪ واسطيدار عرصي مهل وجود ۾ ئي آيل نه هو. واسطيدار عرصي مان مطلب اهو عرصو آهي، جيڪو معاهدي ۾ پنجاب جي متاثر ڪئنالن لاءِ ڪوٽ جي پورت جي بندوبست واسطي سيني آبپاشي ڪمن جي تڪميل لاءِ طئه ڪيل هو) کان سرشتائي نقصان (System Loses) جي بنهه گهٽ مقدار کي برداشت ڪرڻ لاءِ پابند هو.

(14) 1960ع واري معاهدي ۾ منگلا ڊئم، ڪوٽ جي پورت جي بندوبستن واسطي سيني آبپاشي ڪمن جي فوري ۽ ڪفايتي تڪميل لاءِ طئه ڪيل مُدي جي خارج ٿيڻ کان بلڪل ڪجهه وقت اڳي، چيل ۽ نشاندهي ڪيل نموني، تعمير ڪيو ويو.

(15) بلاشڪ عالمي بئنڪ جو تجويز ڪيل ٻيو ڊئم- روهتاس، ڪوٽ جي پورت جي درست بندوبستن لاءِ گهربل نه هو ڄاڪاڻ ته عالمي بئنڪ چٽي نموني چيو هو ته اِهي ٻئي ڊئم 2 ايم اي ايف پاڻي مهيا ڪندا، ترقيءَ لاءِ- يعني پوري پاڪستان ۾ نين زمينن کي آبپاشيءَ وسيلي آباد ڪرڻ لاءِ.

Gul Hayat Institute

(16) پر ايوب خان تي رکيلَ پنجاب اختيارين جي دٻاءَ هيٺ ۽ آخري گَڏجاڻيءَ جي بنهه آخري گهڙين ۾ عالمي بئنڪ کي سندس (ايوب خان جي) ڌمڪين (ته جيڪڏهن تربيلا جهڙو وڏو ڊئم، عالمي بئنڪ ۽ ٻين ملڪن جي امداد سان نه اڏيو ويو ته پاڪستان ڀارت سان جنگ ڪرڻ ڏانهن رجوع ڪرڻ تي مجبور ٿي پوندو ته جيئن پاڻيءَ جي اٽاٿ لاءِ سِڪڻ ۽ تڙپڻ بدران وڙهندي مرجي) کي ڌسندي، عالمي بئنڪ، هڪ اهڙو ادارو جيڪو امريڪا جي اثر هيٺ رهندڙ چاتو ويو آهي ۽ جزوي طرح پنهنجن عالمي مفادن سان لاڳاپيل رهيو آهي، اُن تنهن زماني ۾ پاڪ - امريڪا لاڳاپن جي تناظر ۾ (هڪ اضافي وڏي ڊئم جي اڏاوت تي) اتفاق ڪرڻ تي پنهنجي پاڻ کي مجبور محسوس ڪيو.

(17) حالتن هيٺ سندن خود ساختا زونن واري سرشتي جي بهاني، اُپرندن ڪئنالن - تريمو پنجند ۽ اسلام - لاءِ ڪوٽ جي پورت جي بندوبستن ۾ پنجاب اختيارين پاران سنڌوءَ تي تربيلا ڊئم (جي اڏاوت) کي شامل ڪرڻُ ڪنهن به ڍنگ ۾ چا به هجي، هڪ قطعي غيرمنصفاڻو ۽ باطل ۽ بدنيتيءَ تي ٻڌل عمل هو. تنهنڪري، حقيقي ڌاڙي جي هن خود سر ڪارروائيءَ کي ڪنهن به قسم جو قانوني تقدس ۽ اثر نه اڳي ڪڏهن حاصل هو ۽ نه ئي هينئر آهي.

سنڌو نظام ۾ پاڻي دستيابيءَ جا انگ اکر وڌائي چاڙهي پيش ڪرڻُ، سنڌو نظام جي آبپاشيءَ تي مهڙ واري آباديءَ جي انجنيئرن جو روايتي پسنديده مشغلو رهيو آهي. شمارياتي راند رچائڻ وسيلي، اهي پاڻي دستيابيءَ جا تصوراتي انگ اکر مقرر ڪندا آهن ۽ چوندا آهن: "هيءُ هيترو حصو اسان جو باقي سڄو سارو اوهان ٻين آبپاشيءَ تي آبادين جو." اڪثر وقتن تي، سندن شينهن واري حصي ڪٽي چُڪڻ کان پوءِ، اهو "سڄو سارو ٻاڳو" چا وڃي بچندو آهي؟ اهو بس رڳو هڪ (بنهه معمولي) حصو ئي هوندو آهي، اهو به ڪين سخاوت واري نموني ڏنو ويندو آهي.

اها سڄي ڪارروائي هئي آءِ بي اي بورڊ جي، جنهن جي پوئواري واپڊا ڪري رهي آهي، اهو هڪ نالي ماتر وفاقي ادارو آهي ۽ عملي طرح اها پنجاب آبپاشي کاتي جي هڪ اضافي شاخ آهي. درست جاچ مان اها ڄاڻ پلئه پوندي ته 1991ع وارو ناهه، ڪالاباغ ڊئم رٿا ۽ لگ ڀگ واپڊا جا سڀ منصوبا، سنڌو نظام ۾ انهيءَ عجيب مستقل ۽ معجزاتي نموني ڪڏهن به نه کُٽندڙ پاڻي دستيابيءَ تي ٻڌل آهن. اها اهڙي ته دستيابي آهي، جيڪا جيئن ئي سنڌو سنڌ ۾ داخل ٿيندي آهي ته ڪنهن طرح ڳولي به نه لڀندي آهي ۽ ان جي زراعت کي سُڪائي تباهه ڪري ڇڏيندي آهي. اڄ گذريل ڪيترن ئي ورهين کان وٺي لڳاتار پاڻي ڪوٽ جي ڪري سنڌ جي لاڙ پٽي مڪمل طرح تباهه ٿيل حالت ۾ پهتل آهي. جنرل مشرف جي فوجي حڪومت، آبپاشيءَ تي آبادين جي واسطيدار حقن جي

سلسلي ۾، ملڪي قانون جي احترام لاءِ پاڻ کي پابند نٿي سمجهي. هائو سپ جنرل، تشريح ۾ ۽ پنهنجي وردي ءَ جي خوبيءَ سان، بلاشڪ بين خدا جي بندن کان وڌيڪ سياڻا سيبتا، وڌيڪ سگهارا ۽ وڌيڪ محبت وطن هئا/ آهن. البت جنرل مشرف ان ثابت ڪرڻ ڏانهن لڙيل ڏسجي ٿو تہ هو سڀ کان ڏاهو آهي، پنهنجن سمورن پيشرو جنرلن کان وڌيڪ سگهارو ۽ محب وطن آهي. هو پنهنجن جنرلن ڪرنلن لاءِ ڏينهن رات هڪ ڪري گريٽر ٿل ڪئنال جي اڏاوت ۾ اصل جنبيل آهي. هُو ڪالاباغ ڊئم ۽ بيا ڊئم ۽ ڪئنال پڻ اَڏڻ چاهي ٿو – پنجابي عوام کي ثابت ڪري ڏيکارڻ لاءِ تہ هُو پنجاب جي مستقل مفادن لاءِ اهو ڪجهہ ڪرڻ جي سگهہ رکي ٿو، جيڪو نواز شريف جهڙن پنجابي اڳواڻن، ذوالفقار علي ڀُٽي ۽ محترما بينظير جهڙن عام مقبول اڳواڻن بہ ڪرڻ جي خواهش نہ ڪئي يا اُهي اهو ڪجهہ ڪرڻ جي جرئت ئي نٿي ڪري سگهيا.

هائوا ڪي ننيڙا پتڪڙا مسئلا موجود آهن. ڪنهن ڊئم اَڏڻ لاءِ ۽ ڪئنال آڏي وهائڻ لاءِ سنڌو نظام ۾ واڌو پاڻي نہ آهي. سنڌ صوبي جي پوڇڙ تي واڪا ڪندڙ پاڻي ڪوٽ آهي. ڪجهہ بيون ڪنهن قدر ”بي پهچ“ حقيقتون بہ آهن. يعني پاڪستان جي ٽنهي ننڍن صوبن جا عوام آهن، اهي سنڌو نظام ۾ اهي جهجها پاڻي مقدار، معروضي طرح، ڏسي سگهڻ کان محروم آهن، جيڪي عهدي ۾ واڌ وٺي وينل واپڊا واري جنرل ذوالفقارَ جنرل مشرف کي ڏيکاريا آهن، اهي انهيءَ مقصد لاءِ شمارياتي سراين وسيلي واپڊا جا پيدا ڪيل آهن. اهي، بس اجهو انهيءَ عملَ خلاف (سراپا) احتجاج ٿِي روڊن رستن تي اچڻ جي تياريءَ ۾ آهن، جنهن کي اهي ڪروڙين پاڪستاني شهرين جي رٿيل نسل ڪشي سمجهن ٿا.

گوبي صحرا واري چنگيز خان کي شهر نہ وڻندا هئا، هن حڪم جاري ڪيو تہ فتح ڪيل شهر خالي ڪرايا وڃن، ڍاهي پٽ ڪيا وڃن ۽ پوءِ انهن کي سندن گهوڙن لاءِ ساوَن ميدانن ۾ تبديل ڪيو وڃي ۽ شهرين جا سر قلم ڪيا وڃن ۽ کين پنهنجي ئي کوٽيل قبرن ۾ دفن ڪيو وڃي.

ويهين صديءَ جي چوٿين ڏهاڪي ۾ جيڪو روس، روسي ۽ روسي سماج موجود هو ان کي هٽلر ڪو گهڻو پسند نہ ڪندو هو. تنهنڪري هن بي مهاباري ويڙهہ ۾، جرمنن جي (روس مٿان) فتح جي صورت ۾، روسي سماجي اقتصادي ۽ ثقافتي نظام ۾ ڪجهہ تبديلين لاءِ حڪم اڳيئي جاري ڪري ڇڏيو هو. (اهي حڪم ڏنل تبديليون هيون) : روس ۾ ڪي بہ ڪاليج ۽ يونيورسٽيون، صنعتون ۽ شهر نہ هوندا. هن هڪ پيرو بيهر چراگاهي ۽ زرعي سماج ڏانهن روس کي موٽائڻ جو حڪم ڏنو، جيڪو بس رڳو جرمنيءَ لاءِ خوراڪ ۽ خام مالَ پيدا ۽ ميسر ڪندو رهي.

(ساڳئي نموني) جنرل مشرف پاڪستاني جاگرافي ۽ معيشت ۾ ڪجهہ تبديلين آڻڻ جو خواهشمند لڳي ٿو. هو پاڪستاني ڏاکڻي پاسي، سنڌ ۾، سامونڊي ساحل تي هڪ نهايت خوبصورت

Gul Hayat Institute

صحرا ڏسڻ گهري ٿو. سنڌ جي ان صحرا ۾ هو چاهي ٿو ته سنڌي ماڻهو پنهنجن اوائلي ابن ڏاڏن واري ڳوٺاٽي چراگاهي زندگيءَ ڏانهن موٽ ڪائين. چوپايا ۽ ٻيا ڍور ڍڳا پالين ۽ شهرن لاءِ گهاتو کير، مکڻ ۽ گوشت پيدا ڪن. (جڏهن ته ٻئي پاسي) ٿل واري صحرا ۾ هو نخلستاني سپنن واري سرزمين اَڏڻ گهري ٿو_ انهن جنرلن لاءِ، جن واسطي هو اُميد ڪري ٿو ته اهي جلد مشهور پروشيائي (اوائلي جرمن سماج جي) اميرزادن نموني ارب پتي زميندار بڻجي پوندا ۽ پاڪستان تي دائمي طرح حڪومت ڪندا ۽ ان کي عالمي طاقت بڻائي ڇڏيندا.

بلاشڪ، جنرل مشرف عام رواجي جنرل ناهي. هيءُ ڪمانڊوئن جو جنرل آهي؛ ۽ ڪمانڊو جنرل، ڪمانڊو جنرل ٿي هوندو آهي (ان لاءِ) حڪمَ حڪم ٿي هوندا آهن. هاڻ جڏهن هن وڏيڪ ڏيئمن ۽ ڪئنالن بابت پنهنجا حڪم جاري ڪري ڇڏيا آهن ته اهڙي وقت ۾ لڳي ٿو ته ڪيس پڪ آهي ته پاڪستاني عوام لاءِ (سندس حڪمن جي) تعميل ڪان سواءِ ٻيو ڪوبه چارو نه آهي:

**"Into the valley of death**
**Rode the the six hundred"**
*(Alfred Lord Tennyson)*

پر مامرو ايترو سادو به نه آهي. جيڪڏهن جنگيون اهڙا نازڪ مسئلا آهن، جيڪي جنرلن جي صوابديد تي ڇڏي نٿا سگهن، ته پوءِ صوبن وچ ۾ قومي پاڻيءَ جي واجبي ۽ منصفاڻي ورڇ هزار ڀيرا وڏيڪ پيچيده ۽ حساس مسئلو آهي_ ڪنهن جنگ کان، اهڙي جنگ جيڪا عراقي جنگ جهڙي (زبردست) آهي، اها ڪنهن ڪمانڊو جنرل جي حڪمن سان ته نبرجي نٿي سگهي. چاڪاڻ ته عراقي جنگ واري تباهي ڍاڪي پڻ تائين رهندي، انسان امن کان سواءِ، ڪيئن به ڪري، ڪجهه وقت تائين زنده رهي سگهي ٿو پر پاڻيءَ کان سواءِ ڪڏهن به نه.

گذريل تاريخ کي پرکيندي (اهو چوڻ صحيح ٿيندو ته) سنڌوءَ تي ڪالاباغ جي ماڳ وٽ ڪڙو چاڙهڻ سنڌ کي صحرا ۾ تبديل ڪري ڇڏيندو ۽ سنڌ ۾ ڪروڙين ۽ سرحد (خيبر پختونخواه) ۾ ان کان به وڌيڪ ماڻهن جون زندگيون تباهه ڪري ڇڏيندو. پوءِ سنڌين ۽ پختونن لاءِ پنهنجي بقا جي ويڙهه وڙهڻ کان سواءِ ٻيو ڪوبه چارو نه بچندو. هيءَ صورتحال پوري پاڪستان لاءِ اهڙا نتيجا آڻڻ پئي وڃي، جيڪي هاڻوڪن حڪمرانن جي ڊگهي مدي واري امڪاني اقتدار کان به گهڻو اڳتي تائين وڃي سگهن ٿا ۽ اوير پاڪستان وارين تباهين کان وڌيڪ هاڃيڪار ثابت ٿي سگهن ٿا. سرطان وانگي وچڙندڙ هن صورتحال کي هر قيمت تي روڪيو وڃي. پاڪستان اڳيئي ايوب خان، يحيٰي خان ۽ ضياءُ الحق جي مهم جوين کي حد کان وڌيڪ ڀوڳي چڪو آهي. اهو وڌيڪ ڪي مهم جويون برداشت نٿو ڪري سگهي. پوري پاڪستان جي سمجهدار مردن توڙي عورتن مان هر هڪ کي اهو سڀ ڪجهه ڪرڻ گهرجي، جيڪو اهي هن (نقصان) کي روڪڻ لاءِ ڪري سگهن ٿا.



Gul Hayat Institute

حڪمرانن جي استبداد ۽ زوريءَ مڙهيل فيصلن جو دؤر تمام گهڻي وقت تائين جاري رهيو آهي. حقيقي جمهوريت، خالص وفاقيت، برابري، مناسب هلت ۽ عمومي اتفاق جو نئون دؤر وڏي عرصي کان واقع ٿيڻ لاءِ منتظر آهي. سنڌ جي پاڻين ۾ حصي جو جهجهو مقدار اڳيئي غيرقانوني نموني ڦٻايو ويو هو- خاص طرح پاڪستان جي قيام ۽ گهڻو پوءِ 1991ع ناهه کان پوءِ، جيئن مٿي بيان ڪيو ويو.

غيرقانوني نموني وڪرو ڪيل درياهن لاءِ ڪوٽ جي پورت واري ڊئم طور، سيني پاڪستانين جي خرچ تي ٺهيل منگلا ڊئم مڪمل طرح غلط استعمال ٿيو آهي. ان کي پنجاب جون نيون زمينون آبپاشيءَ تي آباد ڪرڻ لاءِ ڪوٽ جي پورت واري ڊئم مان متائي ترقياتي ڊئم ۾ تبديل ڪيو ويو آهي. ترقياتي ڊئم طور اعلانيل تربيلا جنهن جو مقصد "سنڌ جي ڪئنالن جي ترقي ۽ انهن کي پاڻي ڏيڻ" ڄاڻايو ويو هو ان تي پنجاب اختيارين ڏاڍ جي زور تي قبضو ڪري ورتو آهي، جيڪي ان کي پاڻ لاءِ مخصوص ملڪيت طور استعمال ڪري رهيا آهن. ان مٿان ڀريون اعتراض هيءُ آهي تہ ان تي پنجاب جي ڪوٽ جي پورت جو بندوبست ۽ ترقياتي پاڻي فراهمي مڙهي ويئي آهي، پوءِ سنڌ جي ٻئراجن جون گهرجون پوريون ٿيون هجن يا نہ_ اهو تہ ڪو مسئلو ئي ناهي! هيءَ پنهنجي سپ کان وڌيڪ اُگهاڙي، نرلجي ۽ ظالم روپ ۾ داخلي بينڪيت جي هوڏ، استحصال ۽ دهشتگردي آهي.

ڪنهن بہ ڪئنال يا ڊئم لاءِ، سنڌو نظام منجهان، پاڻيءَ جو وڌيڪ هرهڪ ڦُڙو يا ڪيوسيڪ، جيڪو هينئر کنيو پيو وڃي يا جيڪو اڄ کان اڳتي کنيو ويندو اهو ان حد تائين سنڌ صوبي جي پوچڙ ڏانهن سنڌو درياهي نظام جي وهڪري کي گهٽائيندو ۽ سنڌ جي تباهي ۽ ان جي صحرا بڻجڻ جي عمل کي تيز ڪندو.

انهيءَ کان اڳي جو وڌيڪ ڊئمن ۽ ڪئنالن بابت وڌيڪ مشڪوڪ بڪواس ڪئي وڃي، انصاف جي تقاضا اها آهي تہ پاڪستان جي قيام جي پهريَن ڏينهنِ کان وٺي سنڌ سان روا رکيل مٿين اڪيچار ناانصافين جو ازالو ڪيو وڃي. انهيءَ ڏس ۾، مبينا خطاڪارن ۾ وزيراعظمَ، صدرَ، جنرلَ، فيلڊ مارشلَ ۽ ملڪ جون وفاقي ۽ صوبائي حڪومتون شامل آهن. انهيءَ مسئلي سان واسطيدار خطا، فوجداري ۽ ديواني- بنهي عملدارين لاءِ وڏي پئماني تي ڇِڪ رکندڙ ڏسجي ٿي. انصاف جي سپ کان اهم، سنهري اُصول جي پورائي لاءِ جا شيءِ گهربل آهي، اها هيءَ آهي تہ نہ رڳو انصاف ڪيو وڃي، پر ڏسڻ ۾ بہ اچي تہ انصاف ڪيو پيو وڃي. مسئلي جي مٿين بنهي پهلوئن جي طئہ ٿيڻ لاءِ گڏيل قومن جي اداري، او آءِ سي يا سارڪ سطح جو اڻ ڏريو، سگهارو بين الاقوامي عدالتي فورم گهربل آهي. "انصاف ۾ دير انصاف کان انڪار آهي."

Gul Hayat Institute